

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوجوانن جي عالمي سال تي

تو سنگ تو بن ڏينهڙا

۽

ٻيون ڪهاڻيون

محمود مغل

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH
SINDH

ناري پبليڪيشنس
حيدرآباد سنڌ
١٩٨٥ع

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سڀ حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ آهن.

ڇاپو : پهريون

ڇپجڻ جو سال : آڪٽوبر : ۱۹۸۵ع

ڳاڻيٽو : هڪ هزار

سرورق : منصور عالم

لکپڙھ جي ايڊريس :
پوسٽ باڪس نمبر ۱۵
حيدرآباد، سنڌ.

قيمت : 40/- ۰۰— [redacted]

ڇپائيندڙ :
نذير ناز، ياران ناري پبليڪيشن، حيدرآباد سنڌ.

ڇپيندڙ : نيو گرين پرنٽرس، صدر، حيدرآباد سنڌ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

ڪتاب جي ملڻ جا هنڌ

لاڙڪاڻي ۾:

سڳنڌ ڪتاب گهر- جناح باغ روڊ لاڙڪاڻو.

ڪراچي ۾:

مڪتبہ اسحاقيہ- جهونا مارڪيٽ ڪراچي 2

مڪتبہ اسحاقيہ شاخ - اردو بازار

فون نمبر: 230200 ڪراچي.

حيدرآباد ۾:

1- آزاد بڪ ڊپو صدر حيدرآباد

2- اديبات تلڪ چاڙهي

ڪريمي بڪ هاؤس A/4 بالمقابل چاندني سئنيما ڪينٽ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تو سنگ تو بن ڏينهڙا......

محمود الحسن پٽ ميان نورمحمد مغل، ٢٧ نومبر ١٩٦١ع تي سيوهڻ شريف؛ ضلع دادوءَ ۾ ڄائو. پرائمري تعليم ٽريننگ ڪاليج فارسين ۽ سيڪنڊري، ماڊل اسڪول مان حاصل ڪيائين. هينئر ايل. ايم. سيءَ ۾ ڊاڪٽري جي چوٿين سال جو امتحان ڏئي رهيو آهي.

پهرين ڪهاڻي ٻارن لاءِ لکيائين، جيڪا نومبر- ڊسمبر ١٩٧٥ع ۾ ڇپي. ساهت ڪيتر ۾ سنڌس مڃتا، ١٩٧٩ع کان تي جڏهن هن ”تخليق“ پبليڪيشن جي ”آخري ڪتاب“ ۾ ”آرزو ۽ سپنا“ نالي ڪهاڻي لکي.

پنهنجي عصر جو تيز ترين ڪهاڻيڪار آهي. هن وقت تائين سنڌس تقريباً ٻاهٺ ڪهاڻيون ڇپجي چڪيون آهن. سنڌس سنڌي ادب ۾ هڪ الڳ مقام آ.

هڪ مجموعو ”ڪوهيڙي ۾ ويڙهيل يادون“ ١٩٨٢ع ۾ ڇپيو هو. ان کان علاوه هڪ ناول، ”سرءُ“، ”سنڌ“ رسالي ۾ ڇپيو. هڪ ٻيو ناول ”همٿ ريکائن کان خالي“ ڇاپي هيٺ اٿس. ٻارن لاءِ ترجمن جو مجموعو ”ڳاڙهي لوئي“ پڻ ڇاپي هيٺ آ. هيلتائين سنڌس ٤ نيلي نانڪ نيلي ڪاسٽ تي چڪا آهن. ڪيس، بنگلو نمبر ڊي-٥، سنڌ يونيورسٽي ڪالوني ڄامشورو تي خط لکي سگهجي ٿو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ارپڻا

انهن جي نالي

جيڪي

صدين جا وعدا ڪري به

امجن لاءِ موٽي نه سگهندا آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪهاڻين جي فهرست

ڪهاڻي	صفحو نمبر
١- ديس پرديس	٩
٢- واردات	١٧
٣- نپڙي	٢٤
٤- وير	٣٣
٥- سنل سور	٤٤
٦- ٽڪر	٤٩
٧- پسر	٥٦
٨- آس ۽ نراس جي وچ ۾	٦٣
٩- حقدار	٨٣
١٠- ماڻهو، سوچون ۽ ماسرا	٨٩
١١- گيڙو	١١٤
١٢- محبتن جو شهر پڙي ميل	١٢٣
١٣- ٽانڊا	١٥٨
١٤- آرزو ۽ سپنا	١٦٥
١٥- تو سنگ تو بن ڏينهڙا	١٨٥
١٦- آخري پنا (پڄاڻي)	٢٢٠

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ناريءَ پـــاران ٻـــه اکـــر

ناريءَ پبليڪشن جو ٻارهون ڪتاب "تـو سنگ تو بـن ڏينهڙا" نئين ٽهيءَ جـي مشهور ڪهاڻيڪار، ٽي- وي ڊرامه نويس محمود مغل جي ڪهاڻين جـو ٻيو مجموعو آهي.

1985ع جيڪو نوجوانن جو عالمي سال آهي. انهيءَ موقعي تي ناريءَ اوهان جي آڏو هڪ بهترين ۽ منفرد ڪهاڻين جو مجموعو پيش ڪري رهي آهي. محمود مغل جون ڪهاڻيون جديد ٽيڪنڪ ۾ لکيل آهن. هي ڪهاڻيون نئين دؤر جي نئين سوچ جون ڪهاڻيون آهن.

ناري پبليڪشن ٻارڙن جي عالمي سال 1979ع تي حميد سنڌيءَ جو ترجمو ڪيل ڪتاب "سوني زنجير" پيش ڪيو، جيڪو ٻارن لاءِ هڪ بهترين ڪتاب هو ۽ اهو ٻارڙن توڙي وڏن ۾ ڏاڍو پسند ڪيو ويو ۽ هٿوهٿ وڪامي ويو. "ناري" جي اداري حميد سنڌيءَ جا ٻه ڪتاب ڇپرايا آهن ۽ خوشي انهيءَ ڳالهه جي اٿم ته حميد سنڌيءَ جا ڪتاب ڇپرائي اداري، کي فائدو ٿيو آهي. اهو سڀ انهي ڪري جو سنڌي ڪتاب پڙهندڙن کي حميد جي لکڻي وڻي ٿي. هو جيڪي به لکي ٿو سچائيءَ سان، اهوئي سبب آهي جو هرڪو هن جي لکڻي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪي پسند ڪري ته. انهي ڪري حميد سنڌيءَ جا ڪتاب ڇپرائي ڪوبه ادارو نقصان ۾ نه رهندو.

سنڌي ساهت سال 1981ع تي به "ناري" پبليڪشن ڪتاب "آڇايل ناري" پيش ڪيو ۽ هاڻي نوجوانن جي عالمي ڏينهن تي سهڻي لاءِ "تو سنگ تو بن ڏينهڙا" ڪتاب پڌرو ڪيو آهي. انهيءَ اميد سان ته اسان جي سنڌ جا نوجوان سجاڳ آهن ۽ انهن ڪي سجاڳ رهڻو آهي.

مان جيئري آهيان ۽ جيئري رهنديس— سچائيءَ سان خلوص سان پنهنجي سنڌ جي ۽ سنڌي زبان جي خدمت ڪندي رهنديس، پر اها خدمت...... هن راه ۾ خدمت ڪرڻ رڳو جا چٽا چباڙڻ ڪان ڪنهن صورت ۾ گهٽ ڪونهي. خاص ڪري اهڙين حالتن ۾ جڏهن سنڌي ادب ۾ سنڌي زبان جا سڄڻ گهٽ، ويري گهڻا هجن. اهڙين حالتن ۾ ثابت قدم رهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. سون پنهنجي سچائي ڪي وشواس گهات جي سنبن هيٺان پچندي ۽ پور ٿيندي ۽ رتوڇاڻ ٿيندي ڏٺو آهي ۽ انهيءَ سمي ڏاڍو ڏک ٿيو اٿم. ڏک صرف ان ڳالهه جو اٿم ته هن دؤر جا ماڻهو ايڏو مطلب پرست ڇو آهن، جن جو مطمع نظر فقط پيسو آ. خلوص، سچائي ۽ ايمانداريءَ ڪجهه به نه آهي. حقيقت ۾ دولت ڪي ايتري اهميت نه ڏجي. پيسو ته هٿ جو مير آهي. پيسن ڪي ته اسان ٿا ڪمايون ۽ انهيءَ پيسي خاطر.... خلوص،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ کي ماڻهو وساريو ڇڏين ۽ وشواس گهات ٿا ڪن، انهيءَ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

اهو ڏک آهي، اهو ڏک ۽ اها پيڙا ڀوڳيان پئي ٻان، پر مان اهڙن ماڻهن جي سلوڪ کان مايوس ٿي ويهڻ واري نه آهيان. مون کي انهن جي ڪرتوتن کي بي نقاب ڪرڻو آ ۽ ڪنديس، فيصلو سنڌي زبان جي سڄڻن کي ڪرڻو آهي.

— نذير ناز

مهاڳ

اظهار جون گهٽيون واڌون .... گهٽائي رستا.
هي ٻه انهن مان هڪ.
"آپا ڪهاڻين جو مجموعو پيو ڇپايان، مهاڳ، اوهان لکي ڏجو."
"بالڪل".
ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ سندس مون وٽ اچڻ يادگيريءَ لاءِ.
پر آءٌ؟ .... سدا جي مست.
ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ .... پيهر سندس مون وٽ اچڻ،
حسب معمول .... منهنجي سستي.
ردعمل (منهنجو) شرمساري ۽ ٿڪائي.
"نه آپا پليز .... اگر اوهان ائين شرمسار ٿيا ته آءٌ اوهان وٽ ڪونه ايندس." سندس حجت ۽ پيار مان مرڪي چوڻ. (شايد سندس اهي ئي ادائون مون کي پسند آهن.)
۽ اڄ .... هينئر .... تو منگ تڙ ٻن ڏينهڙا منهنجي آڏو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪتاب جو مهاڳ نہ لکان ها تہ بہ ڪتاب
ڇپجي ها! ٻيو ڪو ئي مهاڳ لکي ها، تہ بہ ڪتاب
شايع ٿئي ها! پر هن مون کي مان ڏنو .... عزت ڏني.
اظهار جون گهٽيون واٽون .... گهٽائي رستا.
هيءَ بہ انهن مان هڪ.
مسرور هڪ وار چيو هو ”توکي هميشه ڏکيا،
سنهڙا ۽ عينڪ وارا ڇوڪرا Attract ڪندا آهن،
چاڪاڻ تہ لاشعوري طرح توکي انهن ۾ منهنجو
عڪس نظر ايندو آهي.“
مسرور منهنجو پاڻ، پر پٽ سمان پاسندو اٿم،
ساڳيا جذبا ساڳيا احساس محمود لاءِ بہ محسوس
ٿيندا اٿم. محبت ۽ خلوص جي رشتي محمود بہ اولاد
سمان لڳندو اٿم. پٽ سمان پاسندو اٿم.
اڪثر محسوس ٿيندو اٿم تہ هيءَ بہ مون کي
اوترو ئي تہ پاڻين .... اوترو ئي تہ مان ڏئي.
محبت جو جوابي عمل (شعوري يا لاشعوري)
محبت ئي آهي. اهو فطرت جو اصول .... قدرت جو
قانون. اها الڳ ڳالهہ جو وزن ۾ برابري ٿئي يا نہ.
يا وري ڪو جوابي اظهار ڪري يا نہ. اظهار زندگيءَ
لاءِ ضروري پاتيندي آهيان .... پر .... سليقو شرط آهي
(شل ڪو اظهار جو تجريدي نمونو بہ سمجهي!)
اڄ .... هينئر.... هن وقت .... نهايت سچائيءَ سان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خلوص سان، پنهنجي حب، پنهنجي پيار جو اظهار ڪيان ٿي محمود لاءِ. خدا شل ڪيس هميشه ڪامياب ڪامران ڪري. سندس قلم ڪي اڳتي ڪان اڳرو ڪري ۽ سندس مجموعن ۽ ڪهاڻين ۾ ڏڙاڏڙ واڌارو ايندو وڃي.
آمين

تنوير جوڻيجو

۳۱ مارچ ۱۹۸۴ع مارئي هاسٽل

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA G... SIMABAD

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پيش لفظ

منهنجا هٿ ڪشڪول

اڄ وري حاضر آن، ڪا متاع، درد و هنر ڪٽي. فقير جي ڪشڪول ۾ ڪجهه ڪٽا آهن، سورن جي پن آ، ڏينهن لنگهيا ويا، قلم نه هليو، اها به هڪ عطا آ، جنهن کي چاهي ڏئي، جنهن کي چاهي تنهن جا هيرا به پٿر ڪيو ڇڏي. هن مجموعي جو اعلان ٻن سالن کان ٿيل آ، اڃي هاڻي پيو، اهو سڀ ڪراستن جو اعجاز آ.

هندستان جي بلوندر سنگهه جي چوٽي آ ”لفظن جي پننڌڙ ۽ پئسن جي پننڌڙ ۾ هڪ شيءِ جو ئي فرق آ، ٻوڙيون پنڻ کان پوءِ پنهنجي حالت سڌاريندو ۽ ڀڙيون ويتر ڏري، چير چير ٿي پوندو آ.“

اسان وٽ ادب ڇا ٿيندو آ، ڇا ڏيندو آ، اها سيني کي خبر آ. هڪ اديب ان وئشيا کان به وڌيڪ بدنام هوندو آ، جيڪا ان جي پاڙي ۾ رهندي آ. هُن جو انداز ماڻهن سامهون ”مستانو“ هوندو آ، ڪي ڪي ته هن کي ”ديوانو“ ليکيندا آهن ۽ پوءِ جي هو هوندو ناهي ته ڪري ڇڏيندا اٿس. هي نگري ئي اهڙي آ. جتي هڪ اديب جو وجود نه هجي ته بهتر آ، ۽ جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هو هجي ته به پنهنجي چڪن برياني ۾ ڪلب سينڊ وچ وارو، چوته ٻچي مانيءَ جو ته زمانو ئي گذري ويو نه.
اهي چريا، سچ پچ به چريا هوندا آهن. (ڏکن جو احساس ماڻهوءَ کي هوندي به ته حساس ڪري ڇڏيندو آ نه، پوءِ اها طبيعت ڪهڙي ڪم جي، جو ڪير آف به ڪري ته اکيون ٽمجي پون، اسان وٽ سخت دل ماڻهن جو قدر آ، اتي نازڪ دل ته ”سنئون“ ئي نه سڏائي.) پاڻ، پاڻ کي گهائي وجهندا آهن ۽ پوءِ ڪنهن اذيت پرست جيان انهن سورن، مان پاڻ ئي سواد وٺندا آهن، ڪين وٺندو آ، پنهنجن چيرن تي هرڪيل لوڻ، پنهنجن اکين ۾ پيل مرچ، ٻلي اهي ڪرائن، رت ڇڏين.
هي سڀ اجايو نه آ، هن ڪتاب ۾ مون انهن جا تذڪرا ڏنا آهن، جيڪي ڪلڻ گهرندا آهن ته سندن چپ چيرجي پوندا آهن، جن جا سينا ٻرندا آهن ۽ جن جي اڱاريءَ جو ڪوبه علاج نه هوندو آ. رب سائين ذات ڪنهن تي ظاهر نه ڪري، جي ڪري ته پوءِ هوش ڪسي وڃيس، ڪهڙي ڪم جو اهو عقل جيڪو برادريءَ ۾ لچارو ڪرائي. مون ڪيترن ماڻهن کي ويجهو کان ڏٺو آ، انهن ساڻ ٿيندڙ حالتن کي پرکيو آ، جاڻان ٿو، هڪ ڪهاڻي ۽ حقيقتن ۾ هزار ڪوڏين جو فرق آ، پر انهن جا قصا به اهڙا هوندا آهن، جو ڪير پڙهي يا ٻڌي ته چپ ڀڪوڙي، منهن ٻئي پاسي

ڪري ڪاري. سندس نظريي موجب ”اها ٻه ڪا ڳالهه آ، جنهن تي هن هيڏي ساري ڪهاڻي لکي آ.“ پوءِ هن ڪي ڪهڙي خبر آت ڇا ٿي ويو. ڪا ڪنوار رخصت ٿي جيڪڏهن ڪنهن سان گڏ ٿي وڃين ۽ هن جي مرد جو منهن خوشيءَ ۾ ڀڙڪي ٿو ته توهان ان تي نه ته نظر وجهو نه جيڪو پريان، ڪنهن پٽ جي اوٽ ۾، اڪين ۾ پيل ماڪ سان هن کي ويندو ڏسي، آڱريون جڪڙي ڇڏيندو.

مٿي عرض ڪيم نه، هو جنهن کي چاهي ذات ڏئي، جنهن کي وٽيس تنهن ڪان ڪسي. هي لفظ، هي سٽون حاضر آهن، توهان کي ڏکارو ڪرڻ منهنجو مقصد نه آ. بس چاهيان ٿو ته اهو ته جي ڪنهن جو خوشبن سان ڀڪندڙ منهن ڏسو ۽ ڪنهن سنگ لمحا گذاريو ته ان کان بنا رهڻ جي به تـه سوچ رکو نه. آئيندي ڪنهن گهوٽ ڪنوار کي ويندو ڏسو ته اوسي پاسي نهارجو، مـن توهـان کي ڪو ويريـل اکين سان الڳ الڳ نظر اچي، من آهـو، هن ڪتاب ۾ توهـان سان تعارف حاصل ڪري.

—محمود مغل

۱۱ فيبروري ۱۹۸۵ع

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ديس پرديس

هن ماءُ جي ڪڇ ۾ پنهنجي ڪنڌ کي صحيح نموني سان ٽيڪ ڏيندي، ماءُ جي منهن ۾ ڏٺو: جنهن چانورن جو ڇڄ پاسيرو ڪري، هن جي وارن کي ٺاهي، سندس پيشانيءَ تي چمي ڏني. هن ماءُ کي ڏسي کلي ڏنو. سندس مرڪ آسودي مرڪ هئي، وجود ڄڻ ڪنهن پينگهه ۾ لڏندڙ هجيس.

هن وري پاسو ورايو: ”امان، اٺين نه، صبح جو نيرن ڪري، پٺي آرس موڙيندي آهيان ته ڇا ڪريان، ڇا نه ڪيان. پاڻ هليو وڃي زمينن تي، يا ڪيڏي مهل سنگت ساٿ سان نڪري وڃي. پوءِ ويٺي صابل کي ڏسان ته پوڙ مانيءَ ۾ ڪا ڇڪ ته نه ٿي ڪري. آهي سندس جي لاڏلي نوڪرياڻي، سو پاڻ لاءِ ماني وغيره خيال سان ٺاهرائيندي آ. هونءَ امان، اهي نوڪرياڻيون آهن به صابل سان سڌيون. مان ته ڪنهن سان ڳالهايان به ڪونه، سڀ ڪم صابل ئي ڪندي آ.“

مڙس جي باري ۾ ڳالهائڻ مهل ڳل ڪجهه ٿيڻ جي ڪري ڳاڙهيڙو ٿي ويا هئس. مائس عينڪ جي ڪاون پٺيان غور سان ڏٺو، شايد ڌيءَ جي منهن ۾

لفظن جو پاڇو ٿي ڏنائين.
ڪجهه مهل رڪي پڇيائين: ”پلا صابل آهي ته خوش نه.“
”ائي امان، بلڪل لوهه لڳي پئي آ. هيڏي آيس پئي نه ته، تنهنجو پڇيائين پئي، وڏيو اچانس ها، پر پوء وري پاڻ کي تڪليف ٿئي ها نه. ان ڪري اڪيلي آيس. ٻي ڪا نوڪرياڻي مان ڪٿان ڪونه.“
”ها، منهنجي به دل چڪ ڪندي آ، توهان گڏ هلي هئس ته ملي هئي. هاڻي ته اٺ نو مهينا ٿي ويا آهن ڏٺي.“
ماڻس وري چانور سوڻ شروع ڪيا. هوءَ، هڪ پاڻهن سان ڇڄ کي جهليو ويٺي هئي ۽ ٻئي هٿ سان ڪيڏي مهل چانورن کي پئي سوياڻين ۽ ڪيڏي مهل هن جي مٺي ۾ وارن جي ڇڳن کي ٿي الڳ الڳ ڪيائين. هوءَ ائين ٿي ماءُ جي ڪڇ ۾ ليٽي رهي.
ڪجهه لمحا رڪي ماڻس ڳالهايو: ”اڄ ته ورياهه به اچڻو آ نه.“
”ها، اڄ اچڻو ته هئن. منجهند تائين اچي نڪاءُ ڪندا.“ هن مڙس جي تذڪري تي ماءُ ڏانهن ڏٺو، هن مهل سندس منهن جو تاثر ڪجهه عجيب هو، شايد مڙس جي جو اچڻ جو هڏي ڪيس مزو نه آيو هو.
”هميشه ايندو آ نه ته جهڙو هوا جي گهوڙي تي سوار هڪ منٽ به چڻ وڏيڪ نه ترسندو. ٻچي شل

ٻي دفعا ڪن آيو آ، پر هميشه ٽوڪي وڌڻ ۾ ٽڪڙو. اڄ اچي ته زوريءَ رهائيندياس“ ماڻس جملو پورو ڪري هن ڏانهن ڏٺو.

سندس اکيون بند هيون. ماڻس وري ڇڇ اگهاڻ ڪري سوڻ شروع ڪيو. نازان دل ۾ آلاه چا محسوس ڪيو. هن کي وري هورا ڪورا ٿيڻ لڳي. ’اڄ وري اهو سڀ ڪجهه ٿيندو، جيڪو ٻه ٻي دفعا اڳ ٿيو آ. هو ايندو ته هاڻ مهل ڪيڏو نه ڏک ٿيندم. هيءَ امڙ، مني، ڇڏڻ ڪيڏي نه ڏکي آ. هتي مجان ٿي هو آ، پر آهي ته ٻه کهڙو. يارن دوستن سان پورو. ڏوياءَ ۾ گهڙي ته وٽ پڪڙ شروع، هي ڏي، هو وٺ.“

هن کي وڏي ڀيڻ ٿي ياد اچي. شادي ڪرڻ کان پوءِ جڏهن هوءَ نئين نئين ڪجهه مهينن رهڻ کان پوءِ گهر ايندي هئي ته ماڻس هن جو ڪيڏو نه خيال ڪندي هئي ۽ نازان کي ان تي جڪ ايندا هئا، ته امان ڇو ٿي هن کي ڀانئي ۽ سندس ماءُ جو هميشه اهو ئي اصرار هوندو هو ته پٽ پرديسياڻي آ. هن گهر سان هن جو ڪهڙو تعلق. آئي آ مهمان ٿي نيٺ ته هلي ويندي“ ۽ پوءِ نازان هن جي وڃڻ تي خوشيون ڪندي هئي. ”شڪر ٿيو ٽري بلا“ ۽ پوءِ سڀ کان وڏو مزو ته ڪيس تڏهن ايندو هو، جڏهن وڃڻ مهل ڀيڻس جي اکين ۾ پاڻي هوندو هو ۽ هوءَ کين ڀاڪر پائي موڪلائيندي هئي.

هوءَ اوچتو ڇرڪي پئي، ننڍو ڀاڻس، ٻاهر دالان

۾ فوٽ ٻال ڪيڏي رهيو هو، ڪيڏندي ڪيڏندي ڪو ٻال اندر هليو آيو هو ۽ اڃي ڪيس لڳو هو. هن جون اکيون ڪلنديءَ ڏسي مائس ننڍڙي کي چڙٻيو.

”منور، ڇورا، هيڏي ته اچ ته ڪُل لاهيانءِ، هي ٿانيم مليو آ توکي ڪيڏڻ جو.“

مائس ڇيڄ پاسي ڪان رکي ٻال ڪنيو، هوءَ اٿي، ماءُ ڪان ٻال وٺي ٻاهر اچلائين.

”ڇڏينس امان، ٻار آ، چا ٿي پيو.“

”چا نه ٿيو. مس مس ته تو اکيون ٻوٽيون هيون، اڃي اجايو اهو ٻال جو ريچڪ ڪنيائين، توکي جاڳايائين نه.“

مائس وري ڇيڄ ڪنيو. هن ان تي ٿي پيل ٻينگهي ۾ اکيون ٻوري ڇڏيون.

سندس شاديءَ کي اٺ مهنا کن ٿيا هئا. مڙس زميندار هو، ان ڪري ڏاڍي سکي هئي، هر ٻئي ٽئي مهيني پئي گهر جو چڪر هڻندي هئي ۽ ان سڄي چڪر ۾ ڏکيو لمحو سندس گهر ڇڏڻ جو هوندو هو. الاءِ ڇو، هن جي دل چوندي هئي، مڙس کي ٻه اتي ئي رهائي ڇڏي. ان گهر مان نه وڃين. اتي جو مزو ئي ٻيو هو. پر کيس مڙس سان گڏ وڃڻو پوندو هو.

کيس ياد ٿو اچي، جڏهن ڪنواري هوندي هئي ته ڪيئن نه ڀيڻ سان مشڪريون ڪندي هئي.

”ادي ٻلا، هاڻي هي گهر اوهرو ٿئي ڇا. جو

ڪيڏي ڪيڏي مهل حجاب ڪندي آهين.“
”نه ته ڇري. آخر ڪنواري ۽ پرڻيل ۾ ڪو ته فرق هوندو آ نه. پهرين هتي آئون رهندي هئس مالڪياڻي ٿي، هاڻي مهمان ٿي ايندي آهيان.“
”ادي اها به ڪا ڳالهه آ گهر آهي، تون آهي، مان اهي، امان اهي، باقي مهمان ۽ پنهنجي گهر جو ڪهڙو چڪر.“
هوءَ وڏيڪ جاڻ گهرندي هئي ۽ ان مهل سندس پيڻ جو منهن رنگ ڇڏيندو هو، ڇڻ ڪنهن سندس وجود کي ڪچي رنگ ۾ رنگي، پاڻي ڇڏي ويو هجي. پوءِ هوءَ پاڻ دل ئي دل ۾ فيصلو ڪندي هئي.
’هيءَ سچي ڳالهه آهي ته امان جي. پيش ئي ائين ٿي اچي جڻ ادي ڪا مهمان هجي. هونئن ادي کي ائين سوچڻ ته نه گهرجي.‘
ماڻس چانورن کي چڙيندي ڏانهس ڏٺو. هوءَ پينگهي جي هلڪي لوڏي ۾ اکيون پوري مرڪي رهي هئي. ماڻس جي منهن تي مرڪ تري آئي. هن دل ۾ سوچيو ’اچ ورياهه اچڻو آ نه، شايد ان لاءِ پيئي مرڪي ڇري آ“ هن پٽڪيو ۽ ڇڄ کڻي اندر هلي وئي.
ماءُ جي پيرن جو آواز ٻڌي، نازان مڙي ڏٺو. ماءُ کي ويندو ڏسي، هوءَ وري در ڏي ڏسڻ لڳي، ’پر امان مون سان ته اهڙي نموني پيش نه آئي آ. نه ڪو مون تي ظاهر ڪيو اٿائين ته مان ڪا مهمان آهيان

يا ڇا. اها ادي ئي اهڙي هئي. اهڙي سوچ رکندڙ، ڀلا مائٽن وٽ به ماڻهو ڪڏهن پرديسي هوندو آ، امان ته ڪڏهن اديءَ کي ائين ڪونه چيو هو، ٻوڙئي پاڻ گهڙي ورتو هئائين، پيو نه ته، جيڪڏهن اديءَ نالي چوندي هئي ته به مون کي اديءَ کي هاڻي ڪيئن چوندي ۽ ...."

اوچتو هارن جي آواز تي هوءَ ڇرڪي پئي، ٽپ ڏئي پينگهي مان هيٺ لهي، ڇولي کي ٺاهيائين. پريان ورياهه سندس مڙس، گهر اندر گهڙي رهيو هو، هن مرڪي مڙس کي ڏٺو.

"ڪيئن آهين سوڍي" هو مرڪيو.

ويجهو ايندي، ڪوٽ لاهي، هن ڏانهن اڇلايائين هن ڪوٽ کڻي ڪليءَ ۾ ٽنگيو "توکان سواءِ ته ٻيلي، هتي ته رڻ لڳو پيو آ، اصل گهر ۾ مالڪياڻي کانهي ته ڪيئن سري."

هو سنئون ٿي ليٽي پيو. نازان ويجهو هلي آيس.

"ڀلا هلڻ جي ڪيون" ورياهه سندس هٿن کي جهليو.

"جيئن تنهنجي مرضي"

هوءَ وڌيڪ ڪونه ڪجهي سگهي.

"ٻيلي تڪڙو آهيان ڏاڍو. چاچيءَ کي وٺي آ ته ملان ۾ تون نپڙ ناڙي سان پر ماسي آهي ڪٿي؟"

"اتي ئي آ، ڏسان ٿي، هن ورياهه کان هٿ ڇڏايا.

"موٽ ۾ پاڻي گلاس ته پريو اڇجانءِ."

"حاضر."

هوءَ گهر اندر گهڙي، گهڙامنجيءَ تائين پهچندي الاهه ڇا ڇا ذهن ۾ گهڙي آيس. "اڄ ڪٿي نه وڃان ٿي ڪري ته امان روڪيس ۽ هو رهي پوي، اجهان ڪجهه ڏينهن ته هتي هجان."

هن گلاس ڀريو پئي ته ڪنن ۾ ماءُ جو آواز آيس. ڪيس شايد ورياهه جي اچڻ جي خبر نه هئي. منور کي پئي پرچايائين.

"ابا، ڪڻ ٻال شابس هٿ کي."

"ها، ڪڻ ٻال، هاڻي ته ڪيئن ٿي چوبس، ان مهل ڪيئن پئي رڙيون ڪيئي ته پيٽهين جي اک هاڻي لڳي آ، راند ٿو ڪرين، هي ڪو ٽائيم آ" نازان مرڪي ٻئي "بيوقوف".

هن گلاس ڀريو، موني ته جڻ لفظن کي اندر گهڙندي محسوس ڪيائين. هن پيري ماڻس ڳالهايو هو.

"منون ابا ڇو ٿو هن سان ساڙ ڪرين. ٻن ڏينهن لاءِ پرديساڻي آ، هلي ويندي. ڪهڙو هٿ تو وٽ وڃڻي هوندي."

هن الاءِ ڀيو ڇا ڇيو. نازان کي الائي ڇا لڳو. هن جي هٿن ۾ جڻ گلاس مان پاڻي ڇلڪيو پئي. هن ٻاهر اچي ورياهه کي پاڻي ڏنو. ڪجهه لمحا رکي ورياهه کي ڏسندي چيائين "امان رهڻ لاءِ چيو، نه، ته بس — ترسجو، مان هتي رهي رهي ڪڪ ٿي پئي آهيا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجو گهر آخر به پنهنجو گهر آ، هت ته مالهو جهڙو پرديسي.“

آخري جملو ڳالهائيندي کيس لڳو، ڄڻ هاڻي هاڻي پيءُ هن کان موڪلايو هجي.

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

واردات

هن ٻانهون هوا ۾ ڦهلائي، ڪلهن کي انگريزن جيان گهمائي، مون ڏانهن نهاريو. منهنجي منهن ۾ ڏسندي چيائين ”ته اهو اٿئي پورو تفصيل. هاڻي رڳو واردات جو انتظار آ.“

ڳالهائڻ مهل هن ’واردات‘ تي زور ڀريو. مون ڏانهنس ڏسي ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو.

”ڇو، سٺا ڳالهه ڪونه وڻيئي ڇا“ هن گاهه تي ليٽي، ٻوڙي کي پٽي وات مان ٺڪر ٺڪر ڪندي چيو.

”نه نه، اهڙي ته ڪا ڳالهه ڪانهي. پر نظام! اهو ٿي ڪيئن ٿو سگهي.“

”ڇو اهو ناممڪن آ ڇا؟ هان. اهڙي حالتون نه ٿو ڏسين. ميان، هوءَ ڪهڙي نه حسين آ ۽ هو ڪهڙو نه ٻولي ٺاٺيپ. خود سوچ ڪڏهن حور ۽ لنگور ۾ به ناتو ٿيو آ. ائين آهي، مون خود هن کي عطا محمد ڏانهن اشارا ڪندي ڏٺو آ ۽ ميان پيو ته ٿيو، ان ڏينهن هاڙهي تي، ٻپهريءَ جي نماز پڙهي پئي مونيس ته در تي بيٺي هئي. اصلي مون مان اک ٿي نه پئي ڪڍي ۽ ٻريان ته هو به پئي آيو. پائوڊر سرخي تنه اهڙي لڳل هئس جو بس........“ هن ڳالهه اڌ ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڇڏي ڏني ۽ زور سان ساهه کڻي، سون ڏانهن پٺي
ڪري پاسي ور ليٽي پيو.
ان حالت ۾ ٿي چيائين: ”ٻڌ نه ڪر اعتبار پاڻهي
ڪڏهن ڏسندين ته اسان وارو ماڙو انهن حرڪتن جي
ڪري وڃي وڏو گهر ٿيندو. ميان هڪ ڪني سچي
سچي تلاءَ کي کڻو ڪندي آ.“
”يار اهي ڳالهيون تو واريون سچيون آهن. چئين
ته بلڪل سچ پيو. جيڪڏهن گهرن ۾ اها ڳالهه
پکڙجي ويئي ته آخر اسين به نياڻين سياڻين وارا آهيون،
ڪجهه ته ٻلو ڪرڻو ٿي پوندو.“ سون هن پيري
منڊس ڳالهه تسليم ڪئي.
”پيو نه ته ميان، ائين اسان جون زالون ڪن ته
ماڳهين الاءِ ڇا ڪري وجهون. اهڙيون زالون مڙسن
لاءِ فريم جڪڙيل ڊگل آئينو هونديون آهن، جن ۾
ميرن جي ڪري ڏسڻ مهل مڙسن جا منهن به ڇپا
نظر ايندا آهن.“
هو وري سڌو ٿي ليٽي پيو، وات سان ڪڪ
ڏڪي اڇلائي ڇڏيائين.
”پلا مڙسهنس کي ان واقعي جي خبر نه آ ڇا.“
سون کي الائي ڇو نه نظام جي ڳالهين تي اعتبار نه
پئي آيو.
”چونه هوندي، پر هوندو ڪو مجبوريءَ ۾. باقي
زال واردات ڪري ۽ مڙس کي خبر ئي نه پوي.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن ڪاهہ تي پٽ ورائـي ڇڏي، مان بہ ڪجھ ڪھڙيون هن ڏانهن ڏسي پئي طرف ڪاهہ تي ليٽي پيس.

نظام ۽ مان هڪ‌ٻئي جا پاڙيسري آهيون، هن جو ۽ منهنجو گھر آمهون سامهون آهن. ڪجھ ڏينهن ٿيا، نظام جي پرواري گھر ۾ زال مڙس اچي رهيا هئا، مڙس بيحد ڪوجھو هو ۽ زال بيحد حسين.

مان هڪ بئنڪ ۾ مئنيجر آهيان، آفيس مان گھر ايندو آهيان ۽ گھر کان آفيس. فرصت جو ڏينهن ملندو آ تہ جمعو ۽ جمعي تي مان ۽ نظام صبح يا شام جو ڪجھ دير پنهنجي گھر جي پرسان باغ ۾ ڪچهري ڪندا آهيون. ۽ اتي ئي نظام مون کي هن جي باري ۾ ٻڌايو هو. مون تہ هن جوڙي کي مشڪل سان هڪ دفعي ڏٺو هو. زال واقعي بيحد حسين هئي ۽ مڙس ڪوجھو پر اهڙو بہ نہ جو ماڻهين ٺوڪاري ڇڏجي. نظام جي واتان خبر پئي هئم تہ زال مڙس هڪ‌ٻئي ۾ ٺهيل ناهن، زال مڙس مان مطمئن ناهي ۽ سندس ڪوجهائپ ڪري عطا محمد کي اشارا ڏي ڪري. عطا محمد بہ اسان جو تقريبن پاڙي وارو ٿي هو، ڪافي سهڻي هائيءَ ۽ خوبصورت نقشن جو مالڪ هو ۽ نظام کي پڪ هئي تہ اها نئين پاڙي واري ان کي اشارا ڏي ڪري ۽ بقول سندس 'مون تہ ڪيس اشارا ڪندي بہ ڏٺو هو.'

اڄ صبح کان وٺي هو منهنجو مٿو کائي ويو هو تہ تازو مون ڪيس عطا محمد ڏانهن ڪلي نهاريندي ڏٺو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آ ۽ مڙس کي ان ڳالهہ جي پرواھہ ناھي ۽ وغيره وغيره.

”پڇ“ ھن اوچتو پاسو ورايو.

”هون“ مون ڪنڌ کنيو.

”هيئن ٿا ڪيون ميان، تون بہ خيال ڪر، مان بہ ٿو جانچ ڪيان. ادا اھي رنون ناھن الاھہ چا آھن. ڪٿي ميچجي تہ مڙس ويچاري کي خبر ناھي. پر جي ھجي بہ تہ چا ڪندو. ’رنان مڪر تنان تتر تال ٿي نہ ڪن‘ وارو چڪر آ. هوئنئن ان مڙس جي جاء تي مان ھجان تہ رن جا پيرا پيرا ڪري وجهان. خير ڪڏھن موڪل وٺي منجهند جو تون بہ ڏسجانءِ، عطا محمد آفيس مان ايندو تہ ڪڏھن نہ ڪڏھن تہ مڙس نہ هوندو ۽ ڪجهہ ٿيندو. رکو اھو ڪجھہ ٿيڻ ڏجي، پوءِ ڏس منهنجا مزا.“

”چڱو يار ڏسون تہ چا ٿو ٿئي.“

اسان جو پاڙو ڪل پندرهن سورنهن گهرن تي آھي. ڪابہ ڳالهہ ٿيندي آھي تہ ھڪدم سيني کي خبر پئجي ويندي آ، سواءِ منهنجي. جو مان بنهہ ڪان اڇن مهل ٿي ائين هنڌ تي ڪرندو آهيان جو رات جو ٿي اک کلندي آ. هوٽل بازي مون ڪان ٿئي ڪونہ ۽ پوءِ هفتيوار خبرون پيون نظام وٽان ملنديون آهن.

ان ڏينهن شام جو مون ننڊ بہ ڪانہ ڪئي، حالانڪ هفتيوار موڪل جي ڏينهن مان خوب ننڊ ڪندو آھيان. پر اڄ جاڳيل ھئم. چئون وڳي ڌير

وارو آيو ۽ اچي گهڻي هنيائين ته ٺپ ڏئي هنڌ تان لٿم ۽ پنهنجي پٽ کان ڪرمنڊل ڦري زال کان پڇيم "ڪهڙو."

"اڄ توهان پيسا وڃو ڪير وڏڻ" هوءَ حيران ٿي ويئي.

"اڙي ٻڌاءِ ڪٿي ڪهڙو، وضاحت ڪير وٺي اچي ڪيان ٿو." نه پئي چاهيم ته دير ڪيان ۽ سامهون وارا ڪير و در بند ڪري ڇڏين.

"ٺي سيرو."

ٻڌندي ٿي تکو تکو در تي آيم. پهرين ڪيٽ جي چير مان ڏٺم، نظام پنهنجي در تي ڪير پئي ورتو، مان ٻه ٻاهر نڪتس، ته هو اندر ديگڙي رکڻ ويو. ڪير وارو مون ڏانهن آيو پئي ته ٻاهي وارو در ڪليو. ها، اها هوءَ ٿي هئي. پرين جهڙي. در تي نڪري، ڪير واري ڏانهن جڳ وڏائيندي چيائين: "ٺي پاءَ."

ڪير وارو مون ڏانهن نه آيو، هن ڏانهن وڌي ڪير ماڻڻ لڳو. ان مهل نظام ٻه پنهنجي در تي اچي بيٺو اکين ئي اکين مان اشارو ڪري چيائين 'اها اٿئي غور مان ڏسينس' ۽ منهنجين اکين ۾ هاڪار ڏسي هو اندر هليو ويو. هوءَ ٻاڪل ٻاهر نڪتي بيٺي هئي. جسم بيحد خوبصورت هئس ۽ سونهن وينس جيئان مڪمل. ڪير وٺي، مون ڏانهن ڏسي در بند ڪري ڇڏيائين.

"هلا ٺئي." دل ۾ دڙڪي هنيم "پيائي نظام

سچو آ."

۽ ان ڏينهن کان پوءِ مون سامهون واري گھر کي تاڙڻ شروع ڪيو. ايندي ويندي گھر جي در ۾ پيو ڏسندو هئم، ڪڏهن هوءَ نظر ايندي هئي ڪڏهن نه. ڪڏهن ڏسندي هئي ڪڏهن ماڳهين نه لفٽ ڪندي هئي.

مان شڪي فطرت جي ناهيان، پر ڪجھ ڏينهن کان ته عطا محمد جا ڦيرا به گھٽيءَ ۾ وڌي ويا هئا. شايد هو اڳ به هلندو هوندو، پر مون هاڻي جلدي گھر اچڻ شروع ڪيو هو، تڏهن خبر پئي هئم.

هو جڏهن به ايندو هو، نظام ۽ سندس پاسي واري گھر کي ڏسندو لنگھندو هو ۽ مان پنهنجي در جي چير مان ڌڙڪندڙ دل سان پيو ڏسندو هئس. ڄاڻ در کليو، ڄاڻ هوءَ نڪتي، پر في الحال ته ڪجھ ٿيو ئي ڪونه پئي.

"ٻُڌ ميان، ميان ۽ ٻهرينهن مان هتي ڪونه آن، دل پئي چوي ته انهن ٻن ڏينهن ۾ ڪجھ نه ڪجھ ٿي ويندو. تون رڳو منجھند جو اچجانءِ، ميان ڏس ڇا ٿو ٿئي، پوءِ مان اچان ته ڪٿي ٻڌائجانءِ."

نظام هن جمعي تي به منهنجو مٿو ڪاڏو هو ۽ مون ها ڪئي مانس ته جيڪڏهن ڪجھ ڏٺم ته ضرور ٻڌائيندومانس.

هينئر ڪجھ لمحا پورين، جڏهن مان آفيس مان جلدي گھر موٽندي پريان عطا محمد کي ايندي ڏٺو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ لنوائي جلدي گهر اچي در بند ڪري ڇير مان ڏٺم. عطا محمد گهرن وٽ اچي ٻيهي رهيو، ٺاڪ منجهند هئي. ڪوبہ موجود نہ، عطا محمد ڦيرين منهنجي گهر ڏانهن ڏسي، نظام جي گهر ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ هلڪڙي سيٽي وڄايائين، ان مهل ئي ڪڙڪي ڪلڻ جو آواز ٿيو. مون سمجهيو هوءَ در کوليندي، مرڪي ٻاهر نڪري عطا کي ڏسندي ۽ شايد اندر بہ وٺي وڃين. مون ڇير ۾ اک ڪپائي ڇڏي. در جو ڪڙڪو تہ لٿو پر در نہ کليو هو. عطا ڇٺن ئي پاسن وڏي غور سان ڏسي هلڪڙي آواز سان پڇيو "اچان."

"اچ."

در هڪ جهٽڪي سان کليو ۽ مون اکيون بند ڪري ڇڏيون. مون نہ پئي چاهيو نہ مان پڳل آئيني ۾ نظام جو چهرو منهن ڏسان، ڇاڪاڻ جو اهو در نظام جي گهر جو کليو هو.

منهنجون اکيون تہ بند آهن، پر مان عطا محمد جي گهر ۾ وڃڻ ڪان پوءِ در بند ٿيڻ جو آواز تہ ٻڌي سگهان ٿو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٽپڙي

هوءَ پٽيءَ کي ڪُنهندي رهي. چوليءَ جي مٿان ننهن جو ڪرڙو، ڪيس عجيب فرحت ڏيڻ لڳو. سندس اندر جي عورت ان گسڪي مان الاءِ ڪهڙي آسيس وٺي رهي هئي. هن هڪ پاسي تي پيل ديڳڙيءَ ڏانهن نهاريو. هيٺ ڪارنهن لڳل، مٿان قلعي ٿيل. ڪُنهڻ بند ڪري، هٿ وڌائي ديڳڙي ڪُنيائين ۽ پٽيءَ ڀر ليٽي پئي.

ان ديڳڙيءَ تي الاءِ ڪهڙا اکر لکيل هئا. هوءَ اکريل اکرن جي مٿان آڱريون ڦيريندي رهي، ڪڏهن ڪيئن، ڪڏهن ڪيئن. ان دوران ڪيڏي ڪيڏي مهل سندس ڏائو هٿ لڏيو ٿي ته ڪَڙڪا پئي ٿيا، سندس ٻانهن ۾ پيل لوهي ڪڙا پئي ٽڙڪيا.

هوءَ عمر جي "ڪاشي" آ. انسان جي عمر ۾ ڪي لمحا اهڙا هوندا آهن، جڏهن هن جو چهرو سندس ساٿ ڇڏي ويندو آ يا جسم چهري جي ڳالهه مڃڻ کان انڪار ڪندو آ. هوءَ به عمر جي ان حصي ۾ آ. سندس منهن ڏاڍو سهڻو آ، پر جسم ڍرڪيل اٿس. لڳي ٿو ته هوءَ ٽيهن کان پنجٽيهن جي وچ آ. وارن جون سڳيون ڳتيل اٿس. هڪڙي ٻانهن ۾ لوهي ڪڙا ۽

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻيءَ ۾ ڪچ تائين عاج جي رنگ جهڙيون چوڙيون پاتل آهن. سندس رنگ چمڪندڙ آهي، اکيون وڏيون ۽ چهرو ڪليل.

اوچتو هڪ ڪڙڪو ٿيو. هن ڪنڌ ورائي ڏٺو، پريان ڪشوري بيٺي هئي. هٿن ۾ ڪير وٺيو جهليو، لاچان ڏانهن نهاريندي مرڪي ڏنائين.

”اڄ، ڪير ڪٿان ڪونه نڪتينءَ.“

”بس مڪ من ۾ آنڌ مانڌ آهي.“

هن تڪو تڪو جملو ڳالهايو، ڳالهائڻ مهل هن مٿي تي ويڙهيل رئي کي لاهي پنهنجي منهن کي هوا هڻندين.

ڪشوريءَ، ڪير جو وٺو پريان رکيو ۽ پاڻ هن جي پر ۾ اچي ويٺي. ڪجهه لمحا ڏانهنس نهاريندي چيائين.

”گهڻو ڏيان نه ڏر. جيڪي لکيو سو ڪو رهندو ڇا.“

لاچان هن ڏانهن غور سان نهاريو. جڻ ڪانئس سندس جملي جي پڪ ڪندي هجي. ڪشوريءَ هاڪو مرڪيو.

”اجايو پاڻ کي هلاڪ ٿي ڪرين نه. تڪ اها ڳالهه ڏيان ۾ ڪانه آئي. ته تون ڪٿي کهڙو به ڏرم ڏر، هن تي ڪوبه زور ڪونه هوندو، باقي؟“

لاچان وري به ڪجهه ڪونه ڪڇيو. ماٺ ڪري ڪنڌ جهڪائي ويهي رهي. ڪشوري به چند لمحا ماٺ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رهي، هن ڏانهن مرڪي آئي، هن جي منهن ۾ ڳنڍي رهي.

”ڏس، هو موسالو زور آ، ڇڳي موچاري ڪئي ته هو ڦيري آئي ڪونه. تون هن کي کهڙو منهن ڏيندين؟ ۽ پهو ته هڪ ريت آ. هن جي مرضي، تنهنجي قسمت. باقي زور اڳيان زاري آ.“

لاچان وري به ماٺ رهي. ڪشوري، ڏانهس وري نهاريو.

”ڦٽي ڪيڏي هيئي.“

لاچان، صرف نهاريو، نظرن ئي نظرن ۾ ڄڻ ڄڻي چئي ڏيائين ”نه“.

”اڄ سرون پڇيون.“

”ها“ هن مس مس ڪڇيو.

”پوءِ ڪوري تي هن تو سان ڪجهه ڳالهايو ڪين.“

”مڪ، ڇا چوندو“ لاچان جي نڙي ڀرجي آئي

”بس ان ڏينهن اها ڳالهه ڪري ويجهو ئي نه آيو آ. اڄي ڏو، ماني ڪٽي ڪائي هليو ٿو وڃين. مڪ کا ڳالهه ڏيان ۾ ڪانهي، ڇا ڪيان. هو ڪاوڙجي ته پل. باقي ناڻو منهنجو به لاچان آ. هو وڙهي ته پل باقي ونين ڪين آڻ ڏيندمانس.“ ڪجهه لمحا وري به چپ هئي.

ڪشوري تنڪون سڏيون ڪري، پنهنجي پيرن ۾ اهل چير وڃائي. لاچان سندس پيرن ڏانهن نهاريو.

ڪشوريءَ ٺڪو ٺڪو مرڪيو.

”هي موتيڙا بہ مکڻ آنند شاديءَ تي ڏنا هئا. چيائين تہ تڪ سواءِ، مون لاءِ ٻي وٺين زهر ڳهڻ برابر آ. پوءِ ان مهل تي انهن موتيڙن جو مُڏ زور هو. وري جڏهن هن ٻي وٺين ڪئي تہ مک تہ پڇيائين بہ ڪونہ مک تہ اها ڪبر بہ ڪانہ پئي. بس پوءِ هنن جو زور بہ گهٽجي ويو.“

هوءَ ڳالهائڻ دوران ڇير تي هٿ ڦيريندي رهي. جملو ختم ڪندي لاچاءِ ڏانهن نهاري لاچاريءَ مان ڪلي.

”آنند، پريم ڪيو هو تو سان.“ هن ڪشوريءَ جي اکين ۾ ڏٺو.

”ها، پيو نہ تہ ....“

”پر ايترو نہ ڪيو هونداءِين جيڪو موتيءَ ۾ سون وچ آ.“ هن الاءِ ڪيئن اهو جملو آڪليو.

”چري هي مرد جو پريم بہ ڪو پريم هوندو آ. هلندو آ اوستائين جيستائين سونهن آ. سونهن وئي پريم ڇٽو، تو مان بہ تہ ڪڏهن ڪجهہ هئاسين، اڄ ڪجهہ ناهيون. ڪهڙو موتي ڪهڙو پريم.“

”هو اهڙو ڪينهي. مون سان ڏاڍو پريم ڪندو آ. اهو سڀ ان دوسوءَ جي چرچ تي ڏيو آ، جنهن هن کي ڪامنا جو گهوٽ ڏيڻ لاءِ چيو آ، منهنجو وس پڄي تہ ان جون اکيون ڪڍي وڃان.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”دوسو به چا ڪري. راڄ وڏو آ. نياڻيون ان ڪي
ٿي تڙڙيون آهن.“ ڪشوريءَ هن ڏانهن وري غور
سان نهاريو.

”تون ڪجهه سينڊ ڪيو. ڪجهه منبرو، نه ته هو
ته اڳ ئي ڇڏيو وينو آ، ويتر ٻاهر سڀ تو لاءِ الاءِ
ڇا ڇا پيون چون، ڪجهه ٻاهر نڪر. باقي هو ته
ائين ڪندو جيئن دل گهرنديس.“

”ائين ڪيئن ڪندو، مان ڇڏينديمانس ئي ڪونه.“
هن چڻ سينو ساهيو. ”ڇڏيو مون به نه پئي آنند کي.
پر ڪبر ٿئي ان ڪري ته اڄ مان هن جي زال هوندي
به هن جي ويجهو ناهيان. هو مون کي ڪنگهي به
ڪونه. ٻيءَ نڪو به ڪونه. هاڻي جيڪڏهن مان هن
کي موڪل ڏيان ها ته پوءِ اڄ هو مون سان ائين
ڪري ها. اسان ته هونئن پنهنجي مڙس لاءِ نپڙيون
آهيون، وٺين ته وڃائين، وٺين ته ويڙهي رکن. نيون
هونديون آهيون ته ڏيان سان ويڙهيندا آهن، پراڻيون
هونديون آهيون ته ڪوري ڏڪڻ جي ڪم ايندي
آهيون، ۽ تون ته هونئن به ٻي اولاد آهين. تون سوچ
ڪر، متان مون وانگر ويڙهجي وڃين.“

ڪشوريءَ، در تي لڳل نپڙي ٻري ڪئي ۽
ٻاهر هلي وئي. لاچان الاهه ڇو در ۾ نهاريو ۽ پوءِ
رليءَ ۾ منهن ويڙهي ڇڏيائين.

ذهن ۾ سوچون لهي آيس. اڳ ۾ ته اهڙو ڪوله

هو. مان ڪٽي چئين لڳل نپڙي سهي جنهن ۾ ڪو عيب هوندو آ: مون ۾ اهو عيب آ ته اولاد ڪونهيم، ته هو ته هو انهن جو مهٽو ته ڪونه ڏيندو..... هيتري وقت ۾ ته ڪونه ڏنائين اٿين ڪيئن ڪندو....." هوءَ سوچن ۾ گم ٿيندي وئي.

هنن جو پورو ويڙهو هو. هو ڪولهي هئا، زالين مڙسين ڪم جا ڏٺي، سڀ جي ڪم ڪي لڳا ته ڪم ويو. مڙس چيڪي مٽيءَ کي ڳوهي خاتن ۾ وجهندا هئا ۽ زالون، ان کي سڪائي ڪوري ۾ پچائينديون هيون. روز چار پنج سٺو سرن جا نڪري ويندا هئن. هو سڀ ڀاڳي ڀائيوار هئا، بس هئي نه هئي ڪا ڳالهه ته شادين جي، مرد گهٽ هئا عورتون وڌ. ٻاهر ڏيڻ جا قائل هو ڪونه هئا، بس پوءِ هر ڪنهن مرد ذري گهٽ ٻه ٻه شاديون ڪيون هيون. تقريباً هر مرد جو اهو حال هو. رڳو لاچان جو مڙس ٿي بچيل هو. باقي ٻيا ته نوان پرڻيل هئا، سي ٻي شادي ڪٿان ڪن ها.

شادين جو سڄو وهنوار سندن وڏڙي دوسوءَ جي هٿ ۾ هو، ۽ ان ٿي هاڻي موتيءَ کي ڪا ٻئي پڙهائي هئي جو هو ڦري شاديءَ لاءِ راضي ٿي ويو هو. لاچان کي دوسوءَ تي ٻاهيون هيون، جنهن پنهنجي ڀاڻيءَ ڪامنا جو سڱ موتيءَ سان ٿي ڪيو. پرالائي چو ڪيس پڪ هئي ته هوءَ جيستائين مڙس کي ٻوڪل

ڪونہ ڏيندي تيستائين هو شادي ڪونہ ڪندو. سندس
ھڪ ان مهل وڏيڪ زور ٿي وڌي هئي جڏهن موتي
هن سامهون ڳالهہ ٻوري نموني ڇيڙي ۽ نہ سگهيو
هو ۽ ٻاهر نڪري ويو، ۽ اهو سڀ ڌيان ۾ رکي
هن سوچيو هو ”اها ڪامنا ڪا مون کان زور ٿيندي.“

هن رلي ٻري ڪري، وارن جون ڇڳون منهن تان
ٻري ڪيون. آرس موڙي، وڌي ۾ ٻاڙيءَ ذرو ڪٽي،
منهن ڌوئڻ لاءِ جهوپڙيءَ کان ٻاهر نڪتي. منهن تي
ڇنڊا هڻندي ڏٺائين، ٻريان ڪامنا رات لاءِ ڪجهہ
رڌي رهي هئي. سندس ٻرپور ٻٽ ٻاتل چولي ۾ ڪجهہ
سيڱجي پئي هئي. لاچان وري هن ڏانهن نهاريو. ڪيس
ڪامنا کان ڪراهت ٿيڻ لڳي. هن خالي وڻو ابتو
جهليو ۽ موڙي ان ۾ منهن ڏٺائين، ٻريان موتي ڇڳل
ميرن بوڻن کي هڻن ۾ ڪنيو، ٻيرين اکهاڙو ٻئي آيو،
شايد ڪپ ۾ ٻير کهٽا ٿڦجي ويا هئس. جنهن مهل
لاچان هن ڏانهن نهاريو تہ هو ڪامنا ڏانهن ڏسي رهيو
هو، هوءَ ٽڪي اندر هلي آئي، اندر اچي اچان
منهن ٿي اکهيائين ٻئي تہ هو اندر کهڙي آيو. ٻنڪر
ٻريان سٽي ٻاهر نڪري ويو. لاچان ماٺ ڪري ويهي
رهي. ڪجهہ لمحن کان پوءِ هن اندر اچي ويهڻ لاءِ
ٺپڙي وڇائي. هاڻي شايد منهن ڌوئي آيو هو.

لاچان ماني ڪڍي هن سامهون رکي. هن ماني
ٻاسيري ڪري ڇڏي.

"منهنجي موڪل جو ڇا ٿيندي."

هو ڪجهو، جملو چوندي. لاڇان جي منهن ۾ گهوري ڏٺائين.

هوءَ چپ رهي.

"بس نه ڪر. ڳالهاءِ ڪجهه."

هو به سندس ٻي وهيءَ جو هو. هاڻي ڪاليءَ مان ئي زوردار مڙس ٿي لڳو.

"هن وهيءَ ۾ موڙ ٿهند ٿي" هوءَ نوڪ طور مرڪي.

"تڪ ان مان ڪهڙو واسطو، ٿهن نه ٿهن، تون پنهنجي ڳالهه ڪر."

"ته هاڻي منهنجو واسطو به ڪونهي، ها نه .... اهو مٺي دوسوءَ جو ڪم آ، ڪدا جي ماضرا پٺيس، مون ڪان وَر ڏو ڪسي." هوءَ روئنهارڪي ٿي وئي.

"ور هو نه ڏو ڪسي، تون ٿي وڃائين. پيا به ته هين ٻن زالن وارا." هو ڪڙڪيو.

"پر مان نه ڇڏيندي سان." هن هڪ نوڪ ڇڻ فيصلو ڪري ورتو.

"تنهنجي ڇڏڻ يا نه ڇڏڻ سان ڇا ٿي. مون ته تنهنجي دل رکڻ لاءِ پڇيو هو. نه ڇڏيندينءَ تہ به وٺين ڪٺندس نه ته."

"وٺين ڪٺڻ لاءِ آتو آهين. ائين نه." هن روئي ڏنو "۽ هو سب، هو پريم، هو قول، هو سب جهوٺا هئا، ڪئين."

هن سوچيو ائي متان هو ڳوڙها ڏسي ڪجهه نرم ٿئي. هو ڪجهه لمحا بس ڪري ويهي رهيو.

ڪجهه ترسي چيت ۽ ڏسندي چيائين "اهي ته لفظ هوندا آهن، جيڪي گهوٽ ونين کي ڪش ڪرڻ لاءِ چوندا آهن. مون چيا ته چا ٿي پيو."

ڳالهائڻ دوران، پاڻ هيٺيان پيل نپڙي، جنهن تي هو وينل هو، ڪنڊ کان پٽڻ لڳو. ۽ ان مهل لاچان کي ڪشوريءَ جي ڳالهه ياد اچي وئي. "اسين مڙس لاءِ نيڙين جيان هونديون ..."

"گهڻو گوڙ نه ڪر. بس ها، ڪر" هو ذري گهٽ متان الري ٿي آيو. "تو ڪڏهن مون سان ائين ڪونه ڳالهايو، ڪڏهن دڙڪو نه ڏنئي، اڄ الرون ٿو ڪرين ته لڳيم ٿو ڇڻ ڪجهه ڏنئي ڪونه" هوءَ وري سڏڪي پئي. شايد اچا به هار ڪونه مڃين هٿائين.

"تو وري چا ڏنو آ. پار نالي کو چيچڙو ته چٽيئي ڪونه. باقي هاڻي ٿي نکرا ڪرين"

هو اڄ الائي ڪهڙي لئي ۽ هو، اٿي وڃي در وٽ ٻيٺو. شايد ڪامنا جو ديدار ڪجهه گهڻو ڪري ورتو هئائين. لاچان جو ڪنڌ جهڪي ويو. ڪجهه لمحا چپ رهي، هن جهڪيل ڪنڌ سان ئي چيو "ٻلي ڪر وڃين شادي، تنهنجي مرضي."

موتيءَ هڪدم در تي پيل نپڙي ٻري ڪئي، هن ڏانهن نهاريو ۽ تکو تکو پاهر هليو ويو. لاچان پانيو ڇڻ ان للنڊ نپڙيءَ ۽ هن ۾ کو فرق ئي نه هجي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ويــــر

هن جهوپڙيءَ مان منهن ڪڍي، چؤطرف نهاريو. در مان ڪنڌ هيٺ ڪري نڪتو هو ان ڪري ٻنڪي جو وراڪو چڙهي ويو هئس. ڪنن تان پٽ جو هڙ لٿس ته سيءَ جڻ ڪنن ۾ ڏوڪڻ لاءِ آتو هجي. هن ڪنڌ اندر ڪري پٽ ڪي تاهي ورايو.

اندر ٻنهي جا پريل اگـر پڪڙيل هئا، ڪجهه ٻري رهيا هئا ۽ ڪجهه وسامي ويا هئا. محبت، بندوق کي جهوپڙيءَ جي ڪڪائين ڀت مان نيڪائي، پاڻ بندوق تي پٽ رکي، اگرن تي هٿ ۽ پير تائڻ لڳو. پريان هٽن پڏل همراهه، آهستيءَ سان ڪنجهيو، پرسان ويٺل عورت آهستڙي پڇڻ لڳس "سور ڏو ٿئي ڇا؟"

هن ڪجهه نه ڪڇيو، ڏند ڀڪوڙي محبت کي ڏسڻ لڳو. مٿي تي پڏله پٽ جا ور وڪري ويا هئس، اڏ مٿي جا وار بہ نظر پئي آيس، جڻ ڪنهن مار ڪڍي هجيس. پئي هٿ پڏل ۽ منهن تي ڏڪڻ جا نشان هئس. هن لت هٽي رلـيءَ کي پاڻ ڪان پـري ڪري ڇڏيو. لت ائين هنيائين ڄڻ محبت کي هيندو هجي. مائيءَ، نيڏين اکين مان محبت کـي ڏسـي، مرد جي ڳچيءَ تي هٿ ڦيريو. ڪاڏيءَ جي هيٺان، ڳاڙهي

ربَ تي هو آهستڙي آهستڙي هٿ ڦيريندي رهي. محبت
ڪنگهڪار ڪري نڙي صاف ڪئي.

مائيءَ ڏانهن ڏسندي چيائين "ته مڙس منبريو هو،
تو کي ساڻ نئين، ته هاڻ ويڙهيچڻ کي ڇڏي وڃين
پيو تنگ وسائيو، ائين نه. اڙي آهي مٽ جهاڻ جهڙو!
رکيو به ابتڙا ڇڪيا اٿمانس ته رکيو اٿئي، هاڻ، تون
به ڏيکي ڪنهن ساڻ آهين."

پيرن کي شايد گهٽو ٿئو اچي ويو هئس. ڏنگون
سوڙهيون ڪري، ڏنڪو لاهي ڪاٺپ هڏي ويٺو.

هوءَ بلڪل ساڪت هئي. ڪجهه به ڪونه ٿي
ڪچيائين. بس رکي رکي وات ۾ ڪپڙو وجهي سڏڪو
ٿي روڪيائين، نه ته رڳو همراهه جي لڪل زخمن
تي پٽي هٿ ڦيريائين.

"ته چئبو ته ڪيترين ڪونه ته آهين ڪير،
ائين نه." هن مرد ڏانهن ڏٺو.

"۽ رن تون به نه ڦانجاڻءَ ته ڪهڙي ڪم ذات
آهين. ڏينهان، شرم نه آيئي گهران اچ ليڙو لائيندي."

"زبان مٽ ۾ ڪر پوڙها، قسمت جي چڪرن
تو وٽ آئي قابو ڪيو آ ته پاڻ کي پڏاءِ نه بس
ڪري ويهه. صبح جيڪي ڏيندو تنهن کي منهن ڏينداسين."

جوان مڙس مس مس ڪچيو، جملو ختم ڪري
عورت ڏانهن ڏٺائين. هن جي اکين ۾ به ساڳيو تڪرار
هو. محبت هٿان ساڻ نڪري ويو، آلر ڪري همراهه

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي مٿان آيو ته مائي رڙ ڪري وچ ۾ آئي ”نالي خدا، وڏيڪ نه ڦٽيندس اڳئي ڏڪيل آهيان! هاڻي ته همٿ نه ڪڻ. اسان کي سياڻي ڪٽي راڄ ۾ ڏجانءِ پيو ڇا.“

”اڙي پر ڀڄايو ته سهي آهيو ڪير. ڪٿان جي بلا آهيو؟“ هن سٽ ڏئي پنهنجيون ٻانهون مائيءَ کان ڇڏايون. الاءِ ڇو نه مرد جي ويجهو ويو، شايد عورت جي وجود جا دونهان نڪ ۾ گهڙندا پئي ويس.

”ان ڳالهه ۾ تنهنجو ڪهڙو ڪم؟ ڪهڙو تون اسان کي ڇڏيندين جيڪڏهن اسان توکي پنهنجو ڏس پتو ڏنو به. اسين ڏوهي آهيون، تون، حاڪم. تنهنجو اسان جو ڪهڙو رشتو؟“

هوءَ ڳالهائڻ مهل ڏڪيل شينهڻ پئي لڳي. لهجي ۾ وهندڙ رت جهڙي گرمي هئس. محبت جي من ۾ الاءِ ڇا ٿيڻ لڳو. هڪدم ڇڻ ڀوڙيي جيان سنڌس ڪاوڙ لمحن ۾ ڦوڪي ڦانجي وئي هجي. هن پرپرو بيهي مائيءَ ڏانهن نهاريو، هوءَ ڏانهس ئي ڏسي رهي هئي. محبت ڏانهن ڏسندي ڏڪيل همراهه ڪي ٻانهن کان جهلي، پٽ تي وڇايل رليءَ کي سڏو ڪيائين. همراهه پاسو ورايو ته ڇڻ ميسرات نڪري ويا هجنس. محبت ماٺ ڪري بندوق کڻي، جهوپڙيءَ کان ٻاهر نڪري آيو.

هن ٻاهر اچي چؤطرف نهاريو. ڀري ڀري تائين

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ھُو مٿو ڏريل ھئي. سيءَ جي ڪري ڄڻ اڄ ٻنڌ ٻڌي پئي ھئي. وڻن جي پاڇن جي وچ ۾ ڪيڏي ڪيڏي مھل چانڊوڪي ڇٽڪي پئي آئي ته ائين پئي لڳو، ڄڻ ڪنھن ڇاٽيءَ مان ابرڪ ڇاڻيو ھجي. ھيٺ ماڙيءَ ۾ نئن پئي وھي ۽ نئن ميسايل جابلو پاڻي، ڄڻ ترورا ڏيندو ھجي.

محبت، بندوق پٿرن تي رکي، پانھون ڪوٽ جي کيسن ۾ وجھي ڇڏيون، ڪوٽ سيءَ جو ڏک پورو نٿي سٺو ته به چڱو ھو. سندس دل ڇيو سونٽي اندر جھوپڙيءَ ۾ وڃين ويھي، پر اندر ھڪ مرد ۽ ھڪ عورت ھئا، ڪيس چڱو نه لڳو ته اندر وڃي. ھو ٻيڙيءَ کي تيلي ڏئي اتي ئي ويھي رھيو.

ھو جبلن جو ڪينٽون ھو. سال ٿيا پنھنجي وطن کان جڏھن تڙجي نڪتو ھو ته ڳوٺ کان گھٽو پري ڪونه ويو، اھو ئي چاليھارو ميلن تي ھتي اچي جبلن ۾ نوڪري ڪئي ھئائين. ڪيس راڄ وارن ڳوٺ نيڪالي ڏئي ھتي موڪليو ھو. سزا ۾ پنجويھه سال ٿي ويا ھئس، ھو اتي ئي ھو. جبل تي ٿھيل ان جھوپڙيءَ ۾ ھو رات جو تر جي چوڪيداري ڪندو ھو. سندس اھا جھوپڙي ڄڻ آخري چيڪ پوسٽ ھئي، سامھون تر جون ماڙيون ھيون ۽ پنيان شھر جو رستو. سندن تر روايتن جو سخت ۽ مست جيان ٻي لچڪ ھو. ھو سڀ ڪلجي رھندا ھئا. راڄ جون رسمون ھر ڪنھن

لاءِ هڪ جيان هيون ۽ ڪنهن کي به اهو اختيار نه
هو ته ڪوٽ مان ڪا ونين پنهنجي پسند سان ڪٽي،
يا تر ڇڏي شهر وڃين ڪو ڏنڊو ڪري.

هو، سالن کان اتي چوڪي ڏيندو هو ۽ اڄ رات
اتفاقاً ڪيس وٽن جي پاڇين مان لڪندي، مٿي جبل
ڏانهن چڙهندي اهي ٻه پاڇا نظر آيا هئا، ٻـاڇا رستن
کان شايد اڻ واقف هئا، يـا وري پلجي پيا هئا، ان
ڪري سندس ور چڙهي ويا. همراهه ٻـهرين تـه محبت
سان چڱي جنگ جوڻي، پر پوءِ ساڻو ٿي ڪريو هو.
محبت شينهن مڙس هو، هن ڪالهوڪي ڇوري کان
ڪيئن مات کائي ها. همراهه سان ساڻ ڪنيل عورت
به ڪاٺي هئي. دل واري هئي تڏهن ته سر تي سانباهو
ڪري هلي هئي. محبت کانئن ڪافي ٻچا ڪاچا ڪئي
هئي، پر هو بلڪل نـنـر هئا، مجال آ، جو ڪجهه
ڪيئن. مـرد کي هـن بندوق جـا ڪنداق ڪلهن ۽
پٺيءَ ۾ هنيا هئا، ڏک ۽ ضربون مڙئي ڪاشيون لڳيون
هئس. هو بلڪل ٻڙ جي ٽڙ جيان، ويڪرو پر ڪاڏل.

هن پيڙي پٽ تي اڇلي، پير سان وسائي. ڏاڙهيءَ
کي ڪنهندي، ڪنگهڪار ڪري، وري جهوپڙيءَ ۾
ڪهڙي آيـو. اندر همراهه جـون اکيون پـوٺيل هيون،
سائيءَ ڪنڌ کـي جهوپڙيءَ جـي ٻت سـان لڳائي،
ٽنگون سڌيون ڪيون هيون. محبت کي ڏنائين ته بدن
ويڙهي سيڙهي چادر ۾ ڍڪي ڇڏيائين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مندس پيرن جي آواز تي همراهه اکيون کوليون، محبت منهن ۾ ڏسندي چيس، ”ٻڌائين ٿو نه ڏو ته ڪير مڙس آهين.“ هاڻي آواز ڪجهه ڏڏو هئس. ڄڻ جبلن جي برف ڏٺي پاڻيءَ ۾ بدلجي وڃي هجي.

”پڇي ڇا ڪندين“ هن اونهو ساهه کنيو. ”اونهئين، اسان جهليا آهيون باقي ڪجهه ڪلاڪن ڪان پوءِ اسان کي راڄ جي حوالي ڪري، پوءِ پار پتا وڃجانءِ.“

جهڙا پوءِ ٻڌا، تهڙا هينئر، ڪجهه ته ٻڌاءِ، متان ڇاڙو نڪرين“ وات مان بغير سوچي سمجهي جملو نڪري ويو هئس، ڳالهائي پوءِ پڇتاءُ لڳو، ڇا ڇئي ويٺس.

”ڇاڙو نڪتو مانءُ ته ڇڏي ڏيندين ۽ پوءِ پاڻ گوليون کائيندين. ائين نه. ڇاڇا بند ۾ آيلن تي ٺٺول نه ڪبي آ.“ هن ڏوک طور وڇون جملو چيو. محبت ڪجهه به ڪونه ڪڇيو.

مائي ان وچ ۾ بلڪل ماٺ هئي، الائي ڇو هاڻي چئي ڏنائين ”هي ڪرم خان جو پٽ آ، ربنواز، سامهون ٺٺن جي ٻريان پٽ خير جو وينل. بس يا ٻيو ڪجهه ٻڌايانءِ.“

هوءَ يڪساهيءَ الائي ڇا ڇا چئي وئي هئي. ربنواز الاءِ ڇو ڪيس نه روڪيو. محبت ماٺ ڪري ڪيس ڏسندو رهيو، ڏسي ڏسي پڇيائين ”۽ تون...“

هوءَ ڪجهه ڪونه ڪڇي، ماٺ ڪري ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيائين. ربنواز، اونهون ساهه کنيو. محبت وري پڇيو ”تون ڪير آهين؟“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”توکي هن سان کھڙو ڪم!“ رېنواز ٺونٺين پر آنيو ”مون سان ڳالهاءِ جيڪو ڳالهائڻو اٿئي. ڇا هٿ ايندئي اهو ڄاڻي ته اسان ڪير آهيون.“

محبت ماٺ رهيو، ڪجهه دير انهن ٻنهي سانت هئي. رېنواز وري ليٽي پيو. ماڻي انهن ٻنهي ڪنڌ جهڪايو ويٺي رهي. پاهر هوا هلڪي هلڪي لڳڻ شروع ٿي، جهوپڙيءَ جي ڏانيءَ پتر سان هلڪا هلڪا سرڙاٽ اچڻ لڳا.

اوچتو محبت ڳالهايو ”پيرين پنڌ نڪتا هئو.“

”نه، ڪميت تي هئاسين، پوءِ جبل چڙهڻ تي نابري وارياڻين ته پنڌ نڪري پياسين.“ هيئنر رېنواز وري ورندي ڏني. محبت کي پڪ هئي ته جواب ڪونه ملندس پر مليس ته حيران ٿي ويو.

”تر ۾ ڪميت ته صرف حاڪم ڏني وارن وٽ آهن. ڪڏهن ڪڏهن جبل جي پڪ وٽ گهوڙن کي ڊوڙائيندا آهن ته خبر پئي هئم. ته ڇا گهوڙو حاڪم ڏني وارن جو....“ هو اچرج ۾ پئجي ويو، منهن ۾ حيرانيءَ جا تاثر ٺپ ڏيڻ لڳس.

رېنواز ڪجهه نه ڪڇيو، ڪنڌ هيٺ ڪري چيائين ”ها“.

محبت کي ڄڻ ٽپيون اچي ويون، حاڪم ڏنو تر جو ڳڙنگ زميندار هو، ان جو گهوڙو هن ڇوري کي هٿ ڪيئن آيو ۽ هي ڇوڪري....

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

من هڪدم ڪنڌ ڪنيو، ربنواز ڪي گهوريندي ٻڌايائين ”تو حاڪم ڏني وٽان گهوڙي سان گڏ ٻانهن به....“ هو جملو پورو ڪري نه سگهيو. ربنواز جو ڪنڌ جهڪي ويو، جهڪندي جهڪندي به هن جو وجود ها ڪري ويو، مائيءَ، محبت کي پٺي ڏئي ڇڏي، محبت جو سڄو وجود ڏڪي ويو هن بندوق کڻي ۽ ماٽ ڪري ڪري جهوپڙيءَ کان ٻاهر اچي ويٺو. ڪيس ائين لڳو، ڄڻ ٻاهر ميٺ جي بجاءِ باهه ٻرندي هجي.

ته هوءَ رحمت جي ڌيءَ هئي. اهائي رحمت جنهن ساڻس گڏ حياتيءَ جي ساٿ جا وعدا ڪيا هئا، جنهن سان هن محبت ڪئي هئي، بي انتها ۽ جنهن جي عشق ڪيس راڄ مان تڙايو هو.

ورهيه اڳ پاڻ به ته رحمت کي ائين چيو هئائين ”مون سان نڪري هل، هتي رهنداسين ته وڇوڙو ئي ڀاڳن ۾ هوندو. ٻاهر اياڳ ئي سهي، ٻه رکي سکي گڏجي ته ڪاٽينداسين.“ ۽ هوءَ ڌاري واري ويٺي هئي، ٻهانو اهو ئي ته مائٽن جي عزت جو سوال آ. محبت کي جوڄڙيءَ اچي ورتو هو، پوءِ خبر ئي ڪانه پئي هئس اها حاڪم ڏني جي منٽي ۾ ڦسو هو جنهن رحمت کي موهيو. هن ڏاڍو گوڙ ڪيو هو، تر وارن کي سندس عشق جون خبرون پيون هيون ته مائيءَ تي به الزام آيا، ٻر هوءَ ڏاڍي ڀڪي هئي، اصل ٽريءَ تي ٽيل ئي نه هئي وجهڻ ڏنائين ۽ راڄ وارن مائيءَ کي پاڪ صاف

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏسي محبت ڪي تڙي ڪڍيو هو، قصور اهو ئي هئس ته هو ڳوٺ جي نياڻين تي ڪني نظر تو وجهي.

هن کي ڇڏي سال ٿيا. جيئن ڇڏيائين تيئن نه ويو. پوءِ خبرون به پيس ته رحمت جي مڱڻي حاڪم ڏني سان ٿي وئي. هن کي پٽ ڄائو، هن کي نياڻي ڄائي، هن کي هيڻئن ٿيو، هن کي هونئن ٿيو، پر هن پنهنجي وجود تي جابلو پڪڙن رکي ڇڏيون هيون. نه سرڪڻ نه ئي هو ڳوٺ وڃي ۽ اڄ ان ئي رحمت جي ڏيءَ سندس هٿ ۾ هئي.

هو مڱڻي کي هٿ ڏيو ائين ئي ويٺو رهيو، ڏاڍو آهستڙي آهستڙي مرڪي رهيو هو، هونءَ به ته سياري جي رات هئي، ڍڳهي، يخ ۽ هيڪلا . هن نئين پرڻيان پٽ خير ڏانهن ڏٺو، ٿي چار ميل پري اهو ڳوٺ نئين جي بلڪل پير ۾ پئي لڳو، پر حقيقت ۾ اهو مفاصلو تمام گهڻو پري هو، اهو ڪميت ئي هو جو هو ايترو جلدي اچي جبل تائين پهتا هئا.

محبت جي رڳ رڳ ۾ ڄڻ وير وڻڻ جو اڌمو هو، 'هوءَ رحمت جي ڏيءَ آ، هٿينس گولي صبح جو پاڻهي تر وارا پيرين سميت هتي اچي نڪرندا، پوءِ پاڻهي واهه واهه ٿيندئي ته پڇي پئي ويا، محبت ماري ميجاين ته هتان پڇي وڃڻ سٽرو ڪونهي. ڍاي لاش ڏسي رحمت جي به آنڊن ۾ هٿ پون، پڇي ويا ته ايترو ڏک ٿورئي ٿيندس جيترو مڱڻ جو هجي.'

هو اتي اندر هليو آيو، ربنواز چڙڪي ٿونٽين پر اٿيو، ٻانهون ٻڌل هئس، گهٽو زور ڏئي سگهيو، ساٿو ٿي ڪري پيو، مائيءَ سندس ٿونٽين ڪان مٿي صاف ڪئي. محبت مائيءَ جا هٿ نه ٻڌا ها، ها، سختيءَ سان روڪيو هئائينس ته جي همراهه جا هٿ ڪوليئي ته گوليءَ سان اڏائيندو ها.

”ٻڌ، صبح جو، جي پيري توهان جي ڪِلي ڏوکي پوندا. تن ڪي توهان جا پيرا ۽ ڪميت جا سنب نه ملندا.“

هن ربنواز ڏانهن ڏٺو، جنهن گيت ڏئي نڙيءَ کي آلو ڪيو.

”نه جبل هيٺ ملن ته ملن، باقي مٿي نه، ڇو جو اسان ٻوڙو لتاڙيو هو.“

۽ محبت جي ڪنن ۾ جڻ گهنڊڻيون وڃڻ لڳيون. هن جهوپڙيءَ جي در مان ٻاهر نهاريو ’نه ماڻهو نه ڪائي ٻي ذات. ڪيانءِ هيٺ مٿي ته ڪنهن کي ڪهڙي خبر پوندي،‘

هن هڪ نظر وري ٻاهر وڌي، آسمان تي ڪتيءِ، وچون ۽ ڪٽ وچ والاريو بيٺا هئا، پيو پهر اڌ کن گذري ويو هو، هن کي الائي ڪهڙا خيال اچي ويا، دل ئي دل ۾ ڳڻڻ شروع ڪيائين، ’ٻه، ٽي، چار، پنج ڇهه. پنج ڪلاڪ، پنجن ڪلاڪن ۾ دنيا الاءِ ڪيئن کان ڪيئن ٿي وڃي،‘

هن ربنواز ڏانهن مڙي ڏٺو.
”تہ چئبو تہ پيري هيستائن ڪونہ پهچندا. ها نہ؟“
”ٻ توهان منهنجا بندي آهيو، ائين نہ؟“
”ها.“

هو، ها، ها ڪندو رهيو. سائي بلڪل مات هئي، اکر ئي نہ پئي اڪليائين.

محبت، ائين ئي ويٺو رهيو، ڪنڌ جهڪيل هئس، ڪجهہ لمحہ رڪي سائيءَ ڏانهن مڙي چيائين ”سائي بابا، اٿي هن جا هٿ کول ۽ هتان جهٽ نڪري وڃون، هليا وڃون هتان.“

هوءَ عجيب ڪيفيت ۾ هئي، الائي ڪيئن اٿي، ربنواز جا هٿ کولڻ لڳي، محبت مات ڪري بندوق ڪنئين ۽ جهوپڙيءَ کان ٻاهر نڪري ويو.

لمحا رڪي، هو جهوپڙيءَ مان نڪري، جبل جي پيرنءَ ڏانهن وڃڻ لڳا، سائيءَ پريان ويندي، محبت کي مڙي ڏٺو، محبت کي ائين لڳو جڻ رحمت ۽ حاڪم ڏني جا پيري، صبح جا نڪتل شام جو تڪجي ٿڪجي، کين سوڙي ناڪاميءَ ۽ بدناميءَ جا سنيها ڏيندا هجن.

سـتل سـور

هوءَ تکيل قدسن سان گوشت مارکيٽ جا ڏاڪا هيٺ لهي ٿي، اندر گوشت جي بوءِ سان ڀريل ماحول هو ۽ ٻاهر آزاد هوا ۽ صبح جي سڳنڌ. هوءَ تکا تکا ساهه ٿي کڻي. روزانو ڀاڄي وٺندي هوءَ هري ته وئي آ، پر ته به اها بوءِ ڪيس اُگري ٿي لڳي.

”امان، پاسي ڪان هيٺ اچ، پين ڪي به لهڻو آ.“ هڪڙو جوان مڙس ڪيس ٻانهن ڪان وٺي پاسي تو ڪري.

هوءَ جک ٿي کائي.

”کهڙو هي ’سٽر هي وي‘ آهي جو مان وچ ٿي ٽنگجان. مئا، ڇڏ منهنجي ٻانهن، هاڻو آ مڙس مون کي پاسي ڪرڻ، هونهن.“

هوءَ ٻانهن ست ڏئي ڇڏائي ٿي وٺي.

هوءَ پڻکي ٿي ’اڄي کهڙو زمانو آيو آهي، غير مرد ڪيئن نه ٿا ٻانهن ۾ هٿ وجهن، اسان جي زماني ۾ ته مرد............‘

”امڙ، تورو پاسي،“ هڪڙو اڌڙوٺ مرد هن کي پاسي تو ڪري. هوءَ وري به ڀڻڪندي، ڀاڄيءَ جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دڪانن وٽ وچ 'لنگهه' تي ويٺي رهي هئي. خونخوار نظرن سان، پاسي ڪرڻ واري مرد کي گهوري ٿي، هو ويچارو ماٺ ڪري هليو ٿو وڃي
"اٿي، ڏسو ته سهي. اچين چڳن وارا ٻه مون کي امڙ تا چون، کهڙي مان ڪا اهڙي ڪراڙي آهيان."
هوءَ وري ڀڙڪندي اڳتي وڌندي ٿي وڃي. چئني طرفن ڀاڄين جا دڪان آهن، سڄي مارڪيٽ گوڙ سان ڀريل آهي. صبح جي وقت وڪرو ٻه جام ٿيو وڃي. هرڪو دڪاندار پنهنجي Volume کي فل Tone ڏئي، گراهڪن کي ٿو سڏي. هن کي ٻه ڪيترا ئي سڏ ٿين ٿا. "امان، او مائي، اچ. اچي وٺ. ڀينڊيون، پٽاٽا، ٽماٽا، تازا ئي تازا...."
هوءَ لنوائيندي اڳتي ٿي وڌي، ان دڪان ڏانهن جتان هوءَ سدائين سودو وٺندي آهي.
هوءَ تقريباً پيرسن آهي. شايد ڪنهن گهر ۾ نوڪرياڻي آ، ۽ ان گهر جي ڀاڄي وٺڻ آئي آ. ڪپڙا ويڪرا، هڪ هٿ ۾ ڇٻي، مٿي تي ململ جو رئو. هوءَ ٿلهي آهي، وار تقريباً اڇا اٿس. منهن ۽ هٿ گهنجيل، پر وري ٻه ڪيس شايد اهو ئي احساس آهي ته هوءَ اڃا پوڙهي نه ٿي آهي.
اوچتو هوءَ بيهي ٿي رهي. سامهون هڪ ڀاڄيءَ وڪڻندڙ جا ڏهه ريپا پنهنجو مان نڪري ٿا پون، اهي ڪرڻ سان ڪاٺ جي ڪئبن جي پاسي ۾ پٿرن ۾

هليا ٿا وڃن. هوءَ مات ڪري اوڏانهن ڏسندي ٿي رهي. دل ۾ خيال ٿا اچنس. ’اهي پئسا پاڻ ڪٽان يا هن کي ٻڌايان. مٺي جو ٻئون ته پريل آهي، مان ئي ٿي ڪٽان. ڏنو ته اونهئين ڪنهن ڪونهي.“

هوءَ اتي ئي بيهي ٿي رهي. پاسن کان وينل دڪاندار ورڙيون ٿا ڪن.

”او اسٽ، هيڏانهن اچ . چا گهرجئي. ڀينڊيون، ڪريلا، بصر........“

هوءَ ناڪار ۾ ڪنڌ ٿي لوڏي، ”مون کي ڪجهه ڪينهي وٺڻو.“

هو وري ٻين گراهڪن کي ٿا سڏين. هوءَ چپ ڪري پئسن ڪيرائيندڙ جي وڃڻ جو انتظار ٿي ڪري. پرسان هڪ ڳاڇيءَ وارو ڇوڪرو، پالڪ جو ڀن ڪٽي، ان کي وات ۾ رکي نڪاءَ ٿو ڪڍي. ڇگو آواز ٿو نڪري، هوءَ ڇرڪي ٿي پوي، ڇوڪرو کلي ٿو.

”پوڙهي، ڏجي وٺينءَ چا.“

”مئا، خدا جي ماضرا پوندئي. ٻوڙهي ٻيرسن مان ٻه نه ٿا مڙو، ڪنهن پاڻ جيڏيءَ سان وڃي ٺش ٺش ڪيو.“

اتي الاءِ ڇو ڪيس پيري ٿي ياد اچي. ڇوڪرو کلندو ئي ٿو رهي. هوءَ سامهون ٿي ڏسي، هو اڃان ڪونه ٽريو آهي.

ان مهل ڇوڪر وٽ ڇانهه وارو، ڇانهه ڪٽي ٿو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اچي. هو مذاق تہ ڪري.
"لالا، اس اماں ڪو بهي ايڪ چائے مارو."
"اماں، پيئے گا" لالو هن ڪان پڇي تہ
"ڇورا مڙين نہ تہ؛ مشڪريءَ لاءِ ماں ئي هٿ
آئي آهيان؟" هوءَ ڇوڪري کي دڙڪي ڏيئي، لالو ماٺ
ڪري هليو تہ ويو.
ان مهل پئسن وارو همراهہ هليو تہ ويو. هوءَ
پئسن ڪٺڻ جي ترڪيب تي سوچي. 'ڪيئن ڪٺان.
ڪنهن ڏسي ورتو تہ. ڇيپي ڪيرائي ڀاڄي ميڙڻ جي
بهاني کٽي وٺان يا پاٺ اتي ترڪي ڪري پوان. ها،
اهو نيڪ آ. اتي ڪري کٽي وٺندس. سيڪو سمجهندو
تہ پنهنجن هٿن ماں پئسا ڇڏائجي ويا هئس.'
هوءَ اڳتي وڌي، ڀاڄيءَ واري وٽ اچي تي، پويان
ڇڙڪر رڙيون تہ ڪري.
"او اماں، وڃين ٿي ڇا؟"
ان مهل هوءَ ٿهہ ڪري اتي ڪري ٿي پئي.
"الله اڪبر، اهي ميون ڪلون بہ اتي ئي ڪيرايو
ڇين، هاءِ." هوءَ رڙ ڪري اٿڻ جي ٿي ڪري، ان
وچ ۾ چڱي طرح ڏسي ٿي، پٿرن جي وچ ۾ ڪجهہ
ڪونهي. ڪجهہ ماڻهو هن کي اٿارين ٿا، ڇگو ڏڪ
لڳو اٿس. ساڳيو ڇوڪرو ڊوڙندو تہ اچي، "اماں
ڇا ٿيو."
"ائي، مڙئي تورو ڏک اڳو. ائي ابا اتي منهنجا

ڌهم رپئيڙا ڪري پيا اٿئي، اهي ته ڪٽي ڏي.“
”ڪٽي امان؟“
”اي اٿي ئي، پٽرن وٽ.“
هوءَ اٿندڙ سور جي سٽن کي دٻائي ٿي. دل ئي دل ۾ ڌهن رپين هٿ ڪرڻ جو احساس جاڳيس ٿو. ’چيا تيو هلڪڙو ڏک ته لڳو آ ڌهم رپيا مفت ۾ ملي ويندا.
هوءَ اندر ئي اندر ۾ خوش ٿي ٿئي. پر ان مهل وري جڻ سور پيٽو ڏيٺو ٿي وڌو هجيس. ڇوڪر پٽر پري ڪري چوي ٿو ”هتي ته ڪجهه ڪونهي امان.“
هوءَ اوڏانهن ڏسي ٿي. اتي گٽر جي ڪليل منهن کي ڍڪڻ لاءِ پٽر هئا.
پٽر پري ڪرڻ سان نالي ظاهر ٿي وڃي ٿي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٽڪـڙ

هن هڪ هٿ سان وارن کي ٺاهيو، مٿي ۾ پيل ڪانٽو ٽڙي ويو هئس. هن هٿ سان ڪيس ڪڍي وات سان ڪولي، واپس وجهندي ڪنڌ ورائي ڏٺو. پريان سنهن رڪٽيءَ جي هيٺان، رئي، جي پٽ وٽ سندس نئون چاول ٻار ستل هو، منهن تي فرشتن جهڙي مرڪ، سڄا هٿ پير ٽنجڻ ۾ ويڙهيل، منيران کي دل ۾ خيال اچڻ لڳا.

’ههڙو ٻچي شل نه ڪوئي نه تيو. نه ڪاڪن نه ڪاڪين مان، نڪ نقشو شڪل شبيهه ڪهڙي نه سلوڪ اٿس. جهڙو شهزادو. اڄ نه امان به اول گهول پئي ويس، سچ چوندا آهن نه ننڍڙو ٻار هرڪنهن جي ڦرب جو مرڪز هوندو آهي.‘

هوءَ ليٽي ليٽي ٿڪجي پئي هئي. چاهيائين پئي ته ڪجهه سٽن لاءِ اٿي ويهي، پر ڪيس سس جو ڊپ هو، ڏتان اچي ۽ اٿي ويهڻ تي دڙڪا ڏئيس. هن پاسو ورائي ڏٺو. سندس پاسي ڪان رکيل هيڊي ساري خالي شيشي ۾ سندس عڪس پئي نظر آيو. سندس پاڇي پنيان ٻار جي گهوڙي ۽ سنهن رڪٽي صاف پئي نظر آئي. اهو

پاڇو ڏسي سنڌس منهن تي الاءِ ڇو وري مرڪ اچي وئي.
’هونهن! هونئن هر واري ڪيئن نه ماسي ٻيل
ٽوڪون ڪري ويندي آهي، هاڻي ته ڪري. هن ڀيري
ته ڪچڻ لاءِ ماڳهين اکر ڪونهيس. هونئن هر دفعي
جهڙي مري پوندي هئي، جيستائين ڪجهه نه، ڪا نه
ڪا ٽوڪ ڇٽر هٽي ئي ويندي هئي ۽ اها اسان واري
سس به ماشا مولا آهي، پئي راهه وناڻينديس. هوءَ اکر
ڪجهه ۽ جيڪڏهن چاچي روڪيس ته هوند ڪا ڳالهه
ڪري. پر نه، چاچي به راضي هوندي آهي ته اها ڪراڙ
بلا ڪو ڏنگ هڻي.
اوچتو خيال ٿي ويس. بي خياليءَ ۾ هنيل ڪانٽي
۾ رئو ڦاسي ويو هئس. هن رئو ڇڏائي، پنهنجي هٿن
۾ ڏنو ’هن واري ڪجهه لهي وئي آن، هونئن ڪمزوري
ته اڳي به ٿيندي هئي پر ههڙي! ۽ ويتر اها مئي ٻيل
اچيو اندر ساڙيو وجهي ته ڪيئن نه ماڻهو ڪمزور ٿيندو.
پر هن ڀيري ته ڪو موقعو ڪونهيس. اڳي ته لڳاتار
ٽي نياڻيون هيون، هن ڀيري ته پٽ ڄائو آهي. سو به
جهڙو چنڊ، هاڻي ڦاڻي ته منهن ڏريس.‘
اوچتو ڪيس محسوس ٿيو ته ڪو سنڌس پيرن ڪان
بيٺو هو. هن ليٽي ليٽي مڙي ڏٺو، سنڌس مڙس هو.
هن مڙس کي ڏسي مرڪي ڏنو.
”ڪيئن آهين“ انور، منيران جو هٿ جهليو.
”بلڪل ٺيڪ.“

منيران جي مرڪ ڪجهه گهري ٿي وئي. ان وهاڻي تي رکيل سندس ڪنڌ چڻ ليٽئي آڪرجي ويو.

”هن واري ڏاڍي ڪمزور ٿي وئي آهين.“

هن ڪيس ڏسي مرڪيو. منيران کي سندس مرڪ ۾ فخر جا الاءِ ڪيترا پاچا سرڪندي نظر آيا.

”نه ته“ هن ڪنڌ ڏوڻيو ”توکي لڳندي هونديس.“

انور هن کان هٿ ڇڏائي، پريان ليٽيل ننڍڙي جي مٿان وڌل رئو سڌي ڪيو.

”ڏاڍو سلوڪ آهي، رب نظر بد کان بچائيس.“

منيران ڪجهه ڪونه ڪڇيو. اندر ئي اندر ۾ هن سندس دعا نه ڪري، اڪين ۾ اچي وئي هجي. مٿس ڏانهن ڏسي هڪ دفعو وري مرڪي ڏنائين.

شايد اڄ خوشيءَ ۾ نه پئي ڏاڍي. شايد ان ڪري جو ماسي پڌل وٽ ڪيس چوڻ الاءِ هن واري ڪجهه نه هو.

ماسي پڌل سندس سس جي ساهيڙي هئي. بنهه ڪيني ڪاڏل. هوءَ انهن انسانن مان هئي، جن کي هر ڳالهه مان ڪو نه ڪو نقص نظر ايندو آهي.

هر واري جڏهن به منيران کي ڪو ٻار ڄائو هو ته هوءَ ڪا نه ڪا ٽيڪا ٽپڻي ڪري ويندي هئي.

سندس نظرون چڻ ته ديد جي بجاءِ ٿوڪون ڪٽي هلنديون هيون ۽ هر واري منيران، ٻار جي ڄم کان پوءِ خوفزده هوندي هئي ته هاڻي اها ڇا ڪندي. پڇو

منيران مڙي رئي ڏيکيل ٻار ڏانهن نهاريو. ”تون ٻلي يا ڳبن آئين. ان پوڙهيءَ جو ته منهن ڪارو ڪندين“ هن پڇيو.

هڪ دفعو وري ٻار ڏانهن نهاري، اکيون ٻوٽي ڇڏيائين، ۽ ان سهل هميشه جيان ٻيل، سندس سس سوڏي اندر ڌوڪي آئي.

”ائي منيران، مبارڪ هجئي“ هن تڙتڪڙ ۾ چوندي، منيران ڏانهن اڌ ڏسيو ڏسي، ننڍڙي جو رئو پري ڪيو.

”ائي سبحان الله، ڇهڙو چنڊ يا ڳو. ائي ٻٽ ڇٽيو تئي يا نوشيروان. ڇهڙو پري پيڪر ڪيئن.“

هن زهره ڏانهن نهاريو، زهرا به هلڪو مرڪيو. هن واري ڪجهه وڌيڪ گوڙ ڪونه ڪيائين. مرڪندي، ڏهه روپيه منيران جي هٿ رکيائين ”هيءَ منهن ڏسٽي تئي هن ڪاڪي جي. هاٺي آهين ته ٺيڪ نه.“

هوءَ ڏاڍي نرم ۽ خوش گوار پئي لڳي. ڄڻ سندس وجود جي سيني ڪنڊن جون ڇهنبون پڇي پيون هجن.

”ها“ منيران مس مس ڪڇيو.

”تون آرام ڪر. مان سسٽين سان ڪجهه ڏاشا ماشا ڪري وڃان.“

هوءَ مرڪندي زهره سان ٻاهر هلي وئي، منيران ڏاڍي خوش هئي. ڪيس لڳو ڄڻ هوءَ طاقتور ٿي وئي هئي. هميشه ٻيل سندس سامهون نوڪون ڪندي هئي، هن واري ته ڪجهي ئي ڪونه سگهي هئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”هونهن، ڪجھ به ڪيئن ها.“

منيران ڀڻڪندي ننڍڙي ڏانهن نهاريو ۽ ان سهل الاءِ ڇو هن کان ڏنو. پريان ٻيڙل ۽ زهره سڙٻاٽن ۾ ڪجهه ڳالهائي رهيون هيون. آواز گهٽ هو پر لهجو چٽو هو.

منيران ٻڌو، ٻهر ٻيڙل پئي چيو ”ائي زهران، چنڊ ٽڪر آ ته ڇا ٿيو. آهي ته ته ٽن ڏينهن مٿان. سڏبو ته ٽڪڙ ڪيئن، باقي ڪهڙا قاڙها مٿا، هن پيري جو تون سرڪين پئي. چنڊ جي آ ته به گرهڻ سان، ڪهڙو چٽو آ.“

۽ اندر منيران کي لڳو چڻ هوءَ هڪدم ڪمزور ٿي وئي هجي. ۽ هر واري وانگر، هن پيري به فتح ڪانئس چند قدم پري رهجي وئي هجي.

پـــر

هوءَ ائين ئي، هٿن ۾ ڪنيءَ کي ڪنيو، پاڻيءَ ۾ اڌ ٻوڙيو ڪري ويٺي هئي. وارن جون ڇڳون منهن تي لڙڪي آيون هئس. هن هٿ هٽي وارن کي پري ڪيو. هٿن ۾ هلڪي چار لڳل هئس، وارن کي پري ڪندي، سندس ڳل جي پاسي کي هلڪي ڪارنهن لڳي وئي. ڪيس ڄڻ ڪو هوش نه هو، هوءَ ائين ئي ويٺي رهي.

ڪيس ململ جو چولو ۽ ڇيٽ جي سٿڻ پهريل آ. هاڻي ڪاٺي مرداڻي نموني جي اٿس. بدن محنتي پر نرمل. هوءَ عمر جي وچين دور ۾ آ. نه ننڍپڻ پورو گذريو اٿس ۽ نه ئي وري جوانيءَ جي سرحدن ۾ ڀرپور گهڙي آ.

ڪنيءَ جي ڪناري کي سهٽيندي؛ هن جا چپ وري چرڻ لڳا.

”اديون منهنجي ڳل ڦل لاڏل ڏاڏا ڏينهن لايا،
ننگر شهر مان آءُ راڻا مل مون سان
سکر شهر مان آءُ راڻا مل مون سان
ڳائڻ دوران هٿن جي مهٽ تيز ٿي وئي هئس.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن ڪنيءَ کي واهہ جو ملي صاف ڪيو. ملڻ مهل ڪناري تي اينڊز وهنڊز پاڻيءَ جا ڪانا ڪيس ڏاڍا تنگ ڪري رهيا هئا، هن ڪيڏي ڪيڏي مهل ڪانن کي پري ڪندي بيزاري بہ پئي ڀانئي. اڄ تہ ڄڻ مزو ئي نہ پيو اچي.

”اڙي لاڏي، اڄ تہ تون ڪا جل ڦتاڪي پئي ورچين، پاڻي جي نيپ جي اهڙي ڪشي (خوشي) اٿئي ڪيئن.“ پريان ساڀان بيٺي هئي.

هن ڪنڌ ڪنيو، ڪيس ڄڻ هيلتائين اهو احساس ئي ڪونہ هو تہ ڪير آيو پئي ۽ ڪير ويو پئي.

”ها، ڇونہ هوندم، ادي کي آهن باقي ڪجهہ ئي ڏينهن. پوءِ ٻڌندو موڙ تہ سرهي ڪين تيان، هان.“

هن ڪنيءَ کي پاسي ڪان رکي، ٻيرن کي پاڻيءَ ۾ ٻوڙي ڇڏيو. ساڀان کي ڏسندي مرڪي ڏنائين، مرڪندي ڪنڌ ڏوڻين پئي ۽ ڇڻ جي جهونگار هلي پئي.

”ها، باقي سڀانڪو ڏينهن ئي تہ آهي. رات تہ واهہ جو مزو ٿيو، سهرا سڀني دل تي چيا، باقي ملڪان سو مزو ڪونہ ڪيو، پير ڪنيائين پئي، پر الائي ڇو ڪجهہ ٿڪي پئي لڳي.“

ساڀان بہ پير ۾ ويهي رهيس. ساڻ آندل مٽ، پاسي ڪان رکي، هوءَ بہ لاڏيءَ سان گڏ جهونگارڻ لڳي. ڪجهہ لمحا گذريا تہ ائين مزو نہ آين، پوءِ ساڀان پاڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سان آندل مت ڪٽي، ان تي هاڪي وڃت شروع ڪئي
۽ لاڏيءَ نئون سهرو شروع ڪيو:
”ونين ايندو ونڻ اڄ ڍولڻو.“
هو ٻئي گهاڙيءَ جي ڪناري اچي مليون هيون.
سڀئي اتان پنهنجا ٿانو وغيره پاڻيءَ سان ڀري يا ڪپڙو
لٽو ڌوئي، هڪٻئي سان خوب ڪچهري ڪري اتان
اٿنديون هيون.
لاڏي ۽ ساڃان عمر ۾ اهان ايتريون ڪونه تيون
هيون جو وڏڙين سان رهاڻيون ڪن. ڳوٺ جون نينگريون
هيون، ان ڪري هڏ نيڙي هوندي ڪان ئي ڪم تي
هريل هئن. روز وڃي گهاڙيءَ تان پاڻي ڀري ايندون
هيون. بس فرق صرف ايترو هو جو وڏڙيون ٻه ٻه ٿي
ٽي مٽڙيون کڻنديون هيون ۽ هو هڪ هڪ.
هنن جو سهرو ڪڏهو ڪي ختم ٿي چڪو هو.
ساڃان هاڻي اتي ئي ليٽي پئي هئي ۽ لاڏي ته چڻ
الاءِ ڪٿي گم هئي،
”ٻڌ ساڃان.“
هن ساڃان کي ٻانهن کان لوڏيو.
”ادو سرگس تي نڪرندو نه، ته تون مان ٻه گڏ
هلنداسين- ها نه. پوءِ مزو ايندو جڏهن لونگ ڦوڏا
ڳائينداسين- ها نه.“
”الاءِ ادي.“
”ڇاهي؟“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هوءَ ائين ئي پئي رهي.
ساڀان وري به جڻ اڌو ڳابرو جواب ڏنو هجي.
"ڇو ڙي- ڇو الاءِ" هوءَ هڪدم تکي ٿي وئي
شايد ساڀان جي ڌيان نه ڏيڻ تي چڙ اچي وئي هئس.
"ڏس نه، هاڻي ٻارڙا ته تون مان ناهيون نه. امان
چيو پئي ته ڇوڪري مٺ ڪڇ ۾ ڪٽي سگهي ته
گهر ۾ ويهي يا اڪيلي نه نڪري. پوءِ...."
هن جملو اڌ ۾ ٽوڙي ڇڏيو.
"پوءِ ڇا" هن کي ڳالهه اڃا به سمجهه ۾ نه
آئي هئي.
"پوءِ اهو ته الاءِ، تون ۽ مان ڇيچ ۾ سرڪس سان
نڪري سگهون، ڪي نه." هن ڳالهه پوري ڪئي ته
لاڏيءَ کي جڻ ڪاوڙ وٺي وئي.
"چنبڙي رن، اهڙي وائي ته نه ڪيءِ. اڃا پر ته
تو واري ڀاءُ جي سونهينءَ ۾ سرڪس تي تو، مون لاڏا
ڇيا هئا. باقي هاڻي وري ڇاهي."
"اها، پر هئي، لاڏي.... هاڻي.... ڏسين نه ٿي ته
رات ڪيئن نه ماسي ڪتان توکي مون کي موٽ مهل
رئو ڏيکڻ لاءِ چيو هو."
ساڀان ڪجهه اداس هئي. شايد رات واري ڳالهه
اڃان نه وسري هئس.
"پوءِ ڇا ٿيو. ڇيچ ڪان ڪو ٿورو ئي روڪيندي

ٺهيو ڇڏ ان ڳالهه کي پاڻي پڙ.“

هنن پنهي پنهنجا پنهنجا ٽانو پاڻيءَ سان ڀريا ۽ گهرن ڏانهن هليون. موٽ ۾ اهوئي رستو هو ۽ اهوئي سنڌن ڇڻن تي لونگ ڦوٽا.

هنن جي ڳوٺ ۾ جڏهن به سرگس ٿيندي هئي ته گهوٽ جي سواريءَ اڳيان ننڍڙيون ڇوڪريون، لونگ ڦوٽا ڍا ڪو پيو سهرو ڳائيندي هانديون هيون. سال اڳ جڏهن سايان جو ڀاءُ پرڻيو هو تڏهن به هن ئي لاڏا چيا هئا. لاڏيءَ کي شاديءَ کان وڏ رڳو سرگس جي هئي. ڪيڏي مهل ٿئي ۽ هو وڃن.

گهوٽ سرگس لاءِ تيار ٿي رهيو هو. لاڏي ۽ سايان ڏاڍو ڪم پئي ڪيو. سامان سڙو پهچائڻ. گهوٽ جو وڳو، جتي، ٽوپي، موڙ. ان وچ ۾ هو جيڏي مهل به هڪبئي کي ڏسن پيون، سنڌن چپ مرڪي پيا پون ۽ هو واري واري سان سٽون پيون چون.

جورو جتي ٽالهيءَ ۾ مان ڪنيو پئي اچان،
لاڏل منهنجي اڳ ۾ مـــان نچندي اچان،
موڙ ميندي ٿالهيءَ ۾، آئون ڪنيون پئي اچان،
لونگ، ڦوٽا، ٿالهيءَ ۾ آئون ڪنيون پئي اچان.

ٻاهر وٽ ڪڙ مچي وئي. گهوٽ گهوڙي تي ڙهيو هو. لاڏيءَ پنهنجي جتي ڳولي، هوءَ سايان کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ساڻ ڪري، اچا لوڙهي وٽ پهتي ته ماڻس سڌ ڪيس.
ماسي ڦاپان به ساڻ هئس.

”لاڏي ڪيڏي ٿي نئين“.

”سرگس ڏي ادي سان گڏ.“

هن ٽنل جماو ڇيو. هيڏي ساري انتظار ڪان پوءِ اها گهڙي آئي هئي. هن ڏيڏيءَ پريان ڏٺو، ڇوڪريون، تاڙيون جهليون، گهوڙي اڳيان هلڻ لاءِ تيار هيون.

”پٺين ڇيو هو، لاڏيءَ کي ڇئج گهر ويهي. موٽي ڀاڻس گهر اچي ته ساٿ ڪن.“

”ڇو“ هن جون اکيون ڀرجي آيون. ”ڇو ڇيو ائين بابي.“

”پٽ تون ٻار ته ناهين جو ضد ڪرين، ضرور ڪجهه سوچي سمجهي ڇيو هوندئين“ هينئر ڦاپان ڳالهايو.

”نه، مان ويندس“ هوءَ ساڀان کي ٻانهن کان جهلي بيٺي.

”ڪونهي ضرور. هاڻي ڏني ٿئي ڪائي پر- ڏاگهه ٿي وئي هين، ڇيچ سان سان گڏ ويندينءَ.“

ماڻس کي به جوجڪي اچي وئي، سٺ ڏئي کٽي ٻانهن کان جهليائينس.

لاڏيءَ کي ساڀان جي ٻانهن ڀري لڳي. هن کي هاڻي سمجهه ۾ آيو هو ته ماسي ڪتان ڇو ساڀان ۾ ڪيس رئو پاڻ لاءِ ڇيو هو. هن ٻانهن ماءُ کان ڇڏائي ۽ ڪنڌ جهڪائي ٻاهر ويندڙ ڇيچ کي ڏسڻ لڳي. هن

بدشڪوني روڪڻ لاءِ ڳوڙها اگهي، ساڀان ڪَپي سرڪي ڏنو. ساڀان جي مٿي تي پوتي هئي. هن پوتي ڍڪيندي لوڙهي پريان ڏنو.

ڪيس لڳو ڄڻ ڪا شادي پر تي ڏي ڪونه هئي ۽ هوءَ ڄڻ هڪدم جوان ٿي وئي هجي.

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آس ۽ نراس جي وچ ۾

هو ڪيترن ڏينهن کان پوءِ مون سان مليو هو، وڪريل وڪريل، وياڪل وياڪل. ڄڻ هن جي بدن جو سنڌ سنڌ سور سان سٽيل هجي ۽ ڪير هن کي مٿان کان هيٺ اڇلائي بنا ڪنهن نتيجي جو انتظار ڪري، هليو ويو هجي ته هو مري ٿو يا بچي.

هن مون کي ڏسي مرڪي ڏنو هو. سندس مرڪ ڀهرين چپن تي آئي هئي، پوءِ نڪ وٽ ۽ پوءِ هن جو سڄو منهن مرڪي اٿيو هو ۽ مون الاءِ ڇو پاڻ کي ڏاڍو خوش ڀانيو، ڇاڪاڻ ته حياتيءَ ۾ ڀهريون ڀيرو هن خاص مون کي ڏسي مرڪي ڏنو هو.

”ڪيئن آهين“ هن کي هٿ ڏيڻ کان پوءِ پڇيم.

هو ۽ مان رستن تي سدائين اتفاقي ملندا آهيون، نه هو ڪڏهن مون وٽ آيو آهي ۽ نه وري مان ئي ڪڏهن هن وٽ ويو آهيان. پر تڏهن به الاءِ ڇو، مون هن کي پنهنجي اندر محسوس ڪيو آهي. ٻاڻ هن سان چاهڻ جي باوجود به ڀاڪر پائي ملي نه سگهندو آهيان.

”بلڪل راضي ۽ خوش.“ هن سدائين وانگر اهو ساڳيو جواب ڏنو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مان منجهي پيس. اڳتي ڇا چوان. اهو تہ هيترا
ڏينهن، نظر ڪونہ آئين، پر اهو تہ ساڳيو ئي سوال ٿي
ويو تہ نظر ڪونہ آئين، گم ٿي ويو هئين وغيره.

"ڪٿي هئين ايترا ڏينهن" ڪجهہ نہ ڪجهہ
ڳالهائڻ چاهيم.

"زندگي جي راهن تي سرڪي قدم رکڻ جي ڪوشش
ڪري رهيو هئس، پر خبر پيم تہ اهي ڏاڪا سرڪي
قدمن رکڻ جي لائق ڪونهن، هتي تہ بس هڪ ٽپ
۾ ٻہ ٽي ڏاڪا چڙهڻ گهرجن."

"حياتي ڪا ڏاڪڻ تہ ڪانهي."

"نہ، اها هڪ بهترين ترڪڻ آهي، هونئن عام
ترڪڻ تي ماڻهو هڪ پاسي کان ڏاڪڻ وسيلي چڙهندو
آهي ۽ ٻئي پاسي ترڪندي لهندو آهي، پر هتي تہ
ترڪڻ تان ئي چڙهڻو ۽ لهڻو ٿو پوي، پوءِ ڪيئن
ڪير ڏاڪا ٽپي!"

هن جون ڳالهيون مون کي منجهائي رهيون هيون.
چئي ڏنم، "مان توکي سمجهي نہ سگهيو آهيان."
مرڪندي وراڻيائين "مان ڪا پرولي ناهيان جنهن
کي تون سمجهي سگهين."

"تون هر ڪنهن شيءِ لاءِ عجيب نموني سان ڇو
سوچيندو آهين" هن ڏانهن غور سان ڏسندي پڇيم.

"اسين هر شيءِ لاءِ عجيب نموني سان سوچيندا
آهيون، اهي سوچون ٻئي ڪنهن جي ملڪيت نہ هونديون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهن، اهي اسان جون پنهنجون هونديون آهن. اسين غريب انسان جڏهن دولت واري ملڪيت هٿ ڪري نه سگهندا آهيون ته پوءِ صرف سوچي ئي سگهندا آهيون.“

”تون محرومين ڪي به ڊائلاگن وانگر رٽڻ ٿو چاهين ڇا؟“ پنهنجي اصلوڪي زندگيءَ تي وات مان الاءِ ڇو نڪري ويم.

”محروميون ان پاڻيءَ وانگر هونديون آهن جيڪو آلين ڪانئن جي اندر هوندو آهي. تو ڪڏهن آلين ڪانئن کي پرندي ڏٺو آ، اهي هڪ پاسي کان پرنديون آهن ته ٻئي پاسي کان هنن جي اندر وارو پاڻي ٻوڙيا ڪري ٻاهر نڪرندو آهي. منهنجو جسم جڏهن عذابن جي باهه جي تپش برداشت ڪري نه سگهندو آهي ته منهنجيون محروميون آليءَ ڪاٺيءَ جي پاڻيءَ جيان ٻاهر نڪرنديون آهن.“

”هڪ ڳالهه پڇانءِ، مون کي لڳي ٿو ته تون محبت ۾ ناڪام ٿيل آهين.“ هن جي اداسيءَ کي الاءِ ڇو مون محبت ۾ ناڪامي سمجهيو. هن ٻيري هن ڪايو وڏو ٽهڪ ڏنائين.

”مون وٽ ڇا هي جنهن تي محبت ڪريان. نه پئسو نه پائي، ٽلهو اسٽيج جو پينٽرؤ، مون وٽ ڪنهن کي ڏيڻ لاءِ ڇا رکيو آهي، اهو ته شڪر جو دنيا ۾ اڪيلو آهيان ۽ پاڻ گذر ڪري ٿو وٺان.“

هن ڪلندي کيسي مان اڌڙ سگريٽ ڪڍيو ۽ ان کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وات ۾ رکي دکائڻ لڳو، ماچيس ڪونه هئس، هو خالي ڪيسي کي وچائڻ لڳو هو، پر آخر چپ ڪري سگريٽ وات مان ڪڍي ڪوٽ جي ڪيسي ۾ واپس رکي ڇڏيائين.

”ماچيس کپنئي“ مون هن کان پڇيو.

”نه، بس“ هن لنوايو.

”اڄ ته وٺون“ مون پاسي واري ماڻهوءَ ڏانهن وڌندي چيو.

”نه نه، بس نهيو. مان هلان ٿو، تنهنجو ڪافي وقت ورتم.“ مون کي روڪيندي مرڪڻ جهڙي شڪل ٺاهيندي چيائين.

”ترس ته“ مون الاءِ ڇو هن کي روڪڻ چاهيو.

”مون کي ڪافي دير ٿي وئي آهي ۽ هونئن به طبيعت ڪجهه ٺيڪ نه اٿم. چڱو“

هن مون سان هٿ ملايو ۽ مون تي هڪ گهري نظر وجهندو هليو ويو. سوچيم، چوانس ”ڪهڙا مائٽ اٿئي گهر جيڪي انتظار ڪندا هوندءِ“، پر مان ڪجهه چئي نه سگهيس. هن کي چاهڻ جي باوجود به چانهن جي صلاح ڪري نه سگهيس خبر هئم ته ڪونه پيئندو هو ۽ مان ايڪٽر هئاسين، سنڌ جي هڪ ٿيئٽر جا، جتي اسان کي جديد دؤر ۾ پنجاهه کان ڏيڍ سؤ رپيا في ڊرامو ملندو هو ۽ ان کان سواءِ اسان جو پروڊيوسر هر ريهرسل جا اسان کي ساڍا ٽي رپيا الڳ ڏيندو هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مان جڏهن چڪي تاڻي بي. اي پاس ڪرڻ ڪان پوءِ
به ڪا نوڪري حاصل ڪري نه سگهيس ته سوچيم
ته ڪنهن ٿئٽريڪل گروپ سان ڳالهائي ڏسجي، نئين
هوندي ڊرامن جو شوقين هئس ۽ ڪم ڪيو هئم مٿان
هتي به ڪو چانس ملي وڃي.

اتي مون هن کي پهريون ڀيرو ڏٺو هو، اداس
اکيون اڌيا وار. هن جي شخصيت جڻ ڪنهن جي ڳوڙ
لاءِ ان جي ڪِيڏ نڪري وئي هجي. مون کي ڪم ته
مليو، پر نئون رول هو، اڻجاڻ هئس، دل لڳائي ڪم
ڪرڻ لڳس، جتي موقعو ملندو هو اتي ڊائلاگ رٽڻ
لڳندو هئس.

بئي ڏينهن هو منهنجو انداز ڏسي مرڪندي مون
کي ڏسڻ لڳو. مون محسوس ڪيو ته منهنجي ڪنن
جون پاپڙيون گرم ٿيڻ لڳيون. منهنجي اها عادت خود
مون کي به نه وڻندي آهي، پر مان فطرتاً مجبور آهيان.
هن مون کي شرمائيندي ڏٺو ته منهنجي ويجهو هليو آيو.

”نئون آهين“ بنا ڪنهن ڪيڪار جي اوچتو سوال منهنجي
دل کي جڻ ڏڪو ڏئي ويو هجي.

”ها ڪالهه آيو آهيان.“ ڳيت ڏئي چيم.

”تون هتان جي ماحول کان اڻواقف آهين. هونئن
جڏهن مان هن ٿيئٽر ۾ آيو هئس ته مون کان ڪنهن
به ڪجهه ڪونه پڇيو هو ۽ مون پنهنجن ڪاهن کي
مصيبتن ۽ پيچ پچان کان آجو سمجهيو هو. اڄ جڏهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تون آيو آهين ته مون سوچيو هو ته توکان ڪجهه نه پڇان ۽ تون به پيچ پچان ۾ نه ڦاسين، پر تنهنجي اها اٿواقفيءَ واري هلت شايد هتان جو پروڊيوسر برداشت نه ڪري سگهي ۽ تون هيءُ ڪم به وڃائي ويهين."

"تون منهنجي مدد ڪرڻ آيو آهين ڇا." هن جي هيڏي ساري ڳالهه ٻڌڻ ڪان پوءِ هن ڪان مقصد واري ڳالهه پڇڻ چاهيم.

"نه، ڪوبه ڪنهن جي مدد نه ڪندو آهي، اسين هر ڪو ڪم پنهنجو پاڻ ڪرڻ چاهيندي به ٻين کي شريڪ ڪندا آهيون ۽ اها ئي مدد چوائيندي آهي."

هن عجيب ڳالهه ڪئي، مون هن کان گهڻو ڪجهه پڇڻ چاهيو پر اوچتو هو ڊائريڪٽر جي سڏ تي ڪري اٿي هليو ويو ۽ مان وري ڊائلاگ ياد ڪرڻ لڳو هئس.

ڪيترن ڏينهن تائين مان اسٽيج تي پنهنجو مقام پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳو رهيس. ان سڄي عرصي ۾ هن منهنجو ڀرپور ساٿ ڏنو، پر هڪ ڳالهه عجيب هئي. هن مون ساٿ ڪڏهن به ڳڏجي ڪجهه ڪونه کاڌو پيتو هو. مان هن کي صلاح به ڪندو هئس، پر هو ٽنوائي هليو ويندو هو. هو مون سان گڏ هوندي سون ڪان پري هوندو هو ۽ مان هن کان الڳ هوندي به چڻ هن کي پاڻ ۾ محسوس ڪندو هئس.

اسان روز گڏ هوندا هئاسين. ريهرسل روز ريڊيو پاڪستان جي سامهون واري گهٽيءَ وٽ هڪ ڪمري

منجهه ٿيندي هئي. اسان جڏهن ريهرسل ڪندي ڪندي ٿڪجي پوندا هئاسين ته ٻاهر نڪري هڪڙي سائي نڪر تي ليٽي نيري آسمان کي چپ چاپ تڪيندا هئاسين. نه هو ڪجهه چوندو هو ۽ نه وري مان ئي.

هڪ ڀيري مون پڇيو ”تون ڪيڏي مهل اداس ڇو نظر ايندو آهين؟“

”مان ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي ڪمري جي ٻٽين کي اوپرو ڀائيندو آهيان. ان اوپري حد مان جڏهن ٻاهر نڪرندو آهيان ته مونجهه ۾ وڪوڙيل هوندو آهيان ۽ توکي اداس نظر ايندو آهيان. ڳالهه اها آهي ته اڪيلو رهي رهي نيٺ ته ماڻهو....“ هن ڪلندي ڳالهه اڌ ۾ ئي ڪٽي ڇڏي هئي. سوچيم چوانس ”مون کي ڇو نٿو پنهنجي گهر وٺي هلين؟“ پر چئي نه سگهيس. چپ ڪري کيس ڏسندو رهيس. ڳالهائڻ مهل سندس اکيون هر هر ٻرجي پئي آيون. ان مهل هو ڏاڍو پيارو پئي لڳو.

”ڪڏهن ڪڏهن مان سوچيندو آهيان ته ڪاش تون ڪنهن ٻي ٻوليءَ جو فنڪار هجين ها. پوءِ ته توکي صحيح مان ملي ها نه. ڇا هتي ڇاهي؟ سنڌي اسٽيج آرٽسٽ کي ڪير ٿو ليکي“ مون مٿانئس همدردي ڪندي چيو هو.

۽ اها حقيقت هئي، مون هن کي ڪيترا ڀيرا اسٽيج تي ڏٺو هو. اها اتفاق جي ڳالهه هئي جو هو ۽ مان ڪڏهن نه ڪنهن ڊرامي ۾ گڏ نه آيا هئاسين، جڏهن

هو اسٽيج تي هوندو هو ته مان هيٺ ويٺو کيس ڏسندو هئس. هو هر لحاظ کان مڪمل اداڪار هو. زماني جي هيٺرين گردشن به سندس زندگيءَ تي ڪوبه داغ نه ڇڏيو هو، هٿئون هو ڄڻ پختو تي ٿي ڪوري مان نڪتو هو. اسان سنڌي آرٽسٽ هئاسين. پروڊيوسر خرد غريب، ڪٿان اسان کي ٻين ڊرامن جيترو پئسو ڏين. هونئن منهنجو يار خوددار هو، ڪڏهن به پروڊيوسر کان معاوضو نه گهريائين، هو خود ئي کيس ڏيندو هو.

”نه نه، ائين نه چئو، ٻين قومن ۾ ٻولين سان پيٽ ته نه ڪبي آهي. پنهنجي وطن کي ائين ننڍا سان نه ڏسبو آهي. آئون ته ائين چوان ٿو ته مون کي پيهر دنيا ۾ اچڻ لاءِ ڪير چوي ته آئون پنهنجي سنڌ ۾ پنهنجي هن ئي حالت ۾ اچڻ پسند ڪندس.“

هن جو جواب مون کي عجيب لڳو. حيرت مان ڏانهس ڏٺم، هو وري به مرڪي رهيو هو.

مون هن جو گهر ڏسڻ پئي چاهيو، پر هو سدائين لنوائيندو رهيو، ڪڏهن به اقرار يا انڪار ڪونه ڪيائين. هو ڪيترن ڏينهن کان ريهرسل تي ڪونه پئي آيو، ڏاڍو ياد ايندو هئم. پر هن تائين ڪيئن پهچان، نه ڏس نه پتو، مون سوچيو ته هاڻي جڏهن ملندو ته هن کان هيترن ڏينهن جي غير حاضريءَ جو سبب پڇندس. اڄ اوچتو مليو ته مان ڪجهه به ڪونه پڇي سگهيوسانس، پاڻ تي ڏاڍي ڪاوڙ آيم. پر ڇا پئي ڪري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سگهيس. چپ ڪري ويهي رهيس.

هن کي ملڻ تي هفتا ٿي ويا. پروڊيوسر ڪڏهن ڪڏهن سنڌس پڇا ڪندو هو. هڪ ڏينهن سون کي پاڻ وٽ گهرايائين.

”منور هڪ خوشيءَ جي ڳالهه آهي، هياوڪي ڊرامي تي پريس ۽ ٽي-وي ٻئي ايندا.“

”سچ سائين“ مون کي يقين نه آيو.

”ها انور سچ“ هن جو منهن ٻهڪيو پئي. ”هائي هيئن ڪر ته رحمان کي ٻڌائي وٺي اچ، هو ۽ تون ٻين سڀني کي وٺي سڀاڻي کان ڊرامي جي تياري ٻماٻنڪ نموني سان شروع ڪري ڏيو. پر رحمان آهي ڪٿي؟“

”مون کي ڪا به خبر ڪونهي“ ٻڌايومانس.

”پوءِ وڃي گهران وٺي اچينس.“

”پر ڪيئن، مون کي ته هن جو گهر ڏٺل ڪونهي.“

سون وراڻيو.

”چا“ پروڊيوسر مون کي غور سان ڏٺو. ڳالهه هئي به عجب جهڙي، رحمان مون سان سڄو ڏينهن گڏ هوندو هو ۽ مون کي سندس گهر جي به خبر ڪانه هئي. هن مون کي رحمان جي ائڊريس ٻڌائي ۽ ان شام مون پهريون ڀيرو رحمان جي گهر ۾ قدم رکيو. سندس گهر غريبن جي دڪ پاڙي جو ڪمرو هو. مان جڏهن ڪيترين مشڪلاتن کان پوءِ ڳچائي ڳچائي رحمان

جي گهر تائين پهتس تہ، ڪمري جو در ڪليل ھو. پهرين نظر سان اھو مون کي کليل لڳو پر پوءِ محسوس ٿيو تہ اندران پيو بہ ھڪ در ھو. مون در کڙڪايو تہ پهرين پاسي واري گهر مان ھڪ نينگر نڪتو.

"ادا، رحمان سان ملندؤ ڇا" نينگر مون کي چٽي نموني سان ڏسندي چيو.

"ھا"

"ترسو، مان ڏسان ٿو." ھن در کي ڌڪو ڏنو. در شايد پيڪڙيل ھو. ھو اندر ھليو ويو. مون چير مان ڏٺو ڪمرو اونداھہ ۾ ٻڏل ھو. ٿوري دير کان پوءِ بتي ٻري ۽ نينگر اندران مون کي سڏ ڪيو. مان اندر داخل ٿيس تہ عجيب احساس ٿيم تہ ڄڻ مون ھن کي ڳولي لڌو. ھو ھڪ کٽ ۾ ستو پيو ھو. شايد ننڊ مان ھاڻي اٿيو ھو. مون کي ڏٺائين تہ اٿي مون سان مليو. مون محسوس ڪيو تہ ھن ٽن ھفتن ھن کي پڇي پوري وڌو آھي. رحمان بلڪل ڪمزور ھئو. مان سائنس ڀاڪر پائي مليس. ھن جو بدن گرم لڳم، ھن مرڪي ڏنو، نينگرو ٻاھر نڪري ويو.

"ڪيئن آھين؟" مون کان پڇيائين.

منھنجي وات مان آواز نہ نڪتو، چپ، ھڪدم خشڪ ٿي ويا ھئم. ڳيت ڏئي چيم "تو کي ڇا ٿي ويو آھي؟"

"ڪجھہ ڪونہ، ڇا ٿيندم....؟ اڄ وڃھہ." ھن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مون ٻن کي ڪلهن کان جهلي ويهاريندي چيو.
”پلا پئسي وغيره جي گهرج ته نه آهي“ هن کان پڇيم.
”نه نه، هي پاڙي وارا منهنجو پورو خيال ڪندا آهن، مون کي ڪابه گهرج ناهي.“
۽ مون سوچيو هتي ڪهڙو دوست آهي، جيڪو دوست هوندي به ويجهو نه ٿو اچي.
”ڪڏهن ڪڏهن ڪي ڪي انسان، ڪن جي لهرن تي ويهڻ لاءِ زندگيءَ کان هڪڙي چانس ئي وٺي سگهندا آهن، تي سگهي ٿو تون آئيندي هتي اچين ۽ مان نه هجان.“ هن عجيب ڳالهه ڪئي.
”تو ائين ڇو چيو“ منهنجي دل الاءِ ڇو ڀرجي آئي.
”ائين ئي، هوئن به زندگيءَ تي ڪهڙو ڀروسو، پر پڪ، مرندس مان به ڪڏهن.“
”تون اهڙيون ڳالهيون نه ڪر، خدا ڪندو ته اها ڪمزوري بلڪل ختم ٿي ويندي.“
”ها، خدا ڪندو“ هن جملو عجيب نموني سان ادا ڪيو.
”هتي ائڪٽنگ ڪرڻ کان نه ٿو مڙين“ هن ڪي ڪلاڪن لاءِ پاڻ کلڻ پيس، هن مرڪي ڏنو.
”ڀلا مان هلان“ هن کان موڪلايم.
”تون ڀلي وڃ، مرزا صاحب کي چئجانءِ ته مان ٻن ڏينهن کن ۾ اچي ويندس.“
ٻن موڪلايو.

"ڇگو" اٿندي چيم.

"ڇانهن پي وڃين ها" هن وري الاءِ ڇو چيو.

"ڇريا" مون لفظ ڇڪيو. ساڻس کي گهنجندو ڏانيم، ويجهو اچي هن جي اکين کي ڏٺم.

"گڏ پيئنداسين. تون رڳو نيڪ ٿي وڃ، ڇگو" هن کان موڪلايم.

هن مرڪي ڏنو. هن جي اها مرڪ هزار دردن سان ڀريل هئي. منهنجي دل چيو ته هن وٽان نه وڃان اتي ئي ويٺو رهان، پر خيال آيم، ڊو بيمار آهي هن کي گهڻو تنگ نه ڪيان. سو اٿان چپ ڪري نڪري آيس.

ڊرامي کان هڪ ڏينهن پهرين جڏهن مان ۽ هو پنهنجي عادت موجب تڪجي اچي پادر گاڏه تي ليٽي پيا هئاسين ته مون هن جي اکين کي ڀنل ڀنل محسوس ڪيو هو. هوئن ڊرامي جي آخري لمحن ۾ هن کي ڪنگهي ڪنگهي مرڻو هوندو آهي ۽ ان لاءِ هن جي اکين ۾ گلسرين لڳائي وڃي ها، هوئن مون به اهو ئي سمجهيو ته پنجڻين جي اها آلاڻ، اکين ۾ گلسرين جو بچيل حصو هوندي، پر ريهرسل ۾ ته گلسرين استعمال ڪونه ٿيندي آهي، هن جون اکيون آليون ڇو ٿيون، هو هڪ سخت انسان هو جنهن کي پنهنجا جذبا گرفت ۾ رکڻ چڱي طرح ايندا هئا. هن ڇو رنو هو. آخر مجبور ٿي پڇي ڏٺم "رنو آهين؟"

پنهنجي هنڌ تي سون کي ويهاريندي چيو، هو پاڻ به ٺنگ تي رلي وجهي، پاسيرو تي ويٺو.

هن جو ڪمرو هن جي مالي حالتن جو مڪمل مظهر هو. هڪڙي ڪنڊ ۾ هن جو هنڌ زمين تي وڇايل هو، جنهن تي مان ۽ هو ويٺا هئاسين. هنڌ جي پاسن کان فلمي رسالا ۽ ڪتاب پيل هئا. هڪ ڪنڊ ۾ ٺن سرن مان ٺهيل سگري پئي هئي ۽ اتي ئي ڪجهه دٻا هئا، جن ۾ شايد کنڊ يا چانهن جي پتي هئڻ گهرجي پر ان مهل سي پاسيرا ڪريا پيا هئا. اتي ئي ڪجهه ٿانو به پيل هئا جيڪي واپرايل پئي لڳا.

هن مون ڏي نهاريو.

مرڪندي چيائين ”منهنجي بڪنگهم پئلس تو ڏسين ٿو؟“

”تو ڪي ٿيو ڇا آهي.“

”معمولي بخار هو، لهي ويو. بس ٿوري ڪمزوري آهي.“

”معمولي بخار ۽ ايترو گهري وڃڻ“ مون هن ڏانهن ڏٺو، ڪمزوري سنهن مان چٽا ليئا پائي رهي هئي.

”ڪوڙ ڇو ٿو ڳالهائين، سچي ڇو نه ٿو ٻڌائين ته ڇا ٿيو اٿئي.“ هن کان سچي ڪرائڻ چاهيم.

”توسان ڪوڙ ڳالهائيندس ڇا.“ هن وري مرڪيو.

”پوءِ ايترو لهي ڇو ويو آهين.“

”ڪٿي لٿو آهيان، ڏٺو منو ته آهيان پيو ڇا هجڻ گهران“

”خدا ڪري تندرست هجين ۽.....“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”نہ بيماري جو تذڪرو نہ ڪر، ٻي ڪا ڳالهہ ڪر.“
”توڪي وري ڪو نئون ڏک مليو آهي ڇا؟“
”ڏک وڪرو ڪونہ ٿيندا آهن، جن ڪي ورتو وڃي. ۽ هونئن بہ توکي تہ خبر آهي تہ مان ڏک پروف آهيان. بالڪل لڪڙ هضم وانگر. ڇڏ ان ڳالهہ کي.“
”تو ڪنهن کي پاڻ ڏيکاريو آهي.“
”ڊاڪٽر پاڻي حڪيم کي ڪونہ ڏيکاريو اٿم. چڱو ڀلو آهيان، ڪا بيماري ڪانهيم، هاڻي وري نہ بيزار ڪر.“
”مرزا صاحب توکي سڏايو آهي.“ ”پڊايوماس“ هن پيري جي ڊرامي تي ٽي-وي ۽ پريس ٻئي ايندا.“
”سچ- پوءِ تہ مان ضرور ايندس. بس ٿورڙي ڪمزوري لڳي وڃي.“ هن اپ ساهيءَ مان چيو- ساڻس شايد منجهي رهيو هئس.
”نہ يار، تون ٺيڪ ڪونہ آهين، ٿورا ڏينهن آرام ڪر. اهڙا موقعا پيا ايندا.“ مون هن جي حالت ڏسندي چيو.
”نہ يار هي تہ منهنجي دل وٽان ڳالهہ ٿي آهي، سنڌي ڊرامن کي اهڙو موقعو ملي تہ پيو چڱا ڪيپي.“
”چڱو، جيئن تنهنجي مرضي.“
”چانهن پيئندين“ ڪجهہ پلڪ رکي هن اٿندي چيو.
”نہ، مان هلان ٿو، تون چاڪ ٿي پوءِ ٻي وٺنداسين.“
”ترس مان ٿاهي تو وٽان.“ هن روڪيندي چيو.
”نہ نہ، هينئر نہ، ڪنهن ٻئي پيري. پاليز ورحمان“

نہ پڇين وجهين."

ڪجهہ پل رکي هن اکيون کوليون. اٿندي چيائين "مان پاڻ ئي پڳل آهيان تو کي ڪيئن پڇندس."

ان مهل پروڊيوسر ڊوڙندو آيو.

"رحمان، منهنجا پٽ. ڏسين ٿو، پبلڪ ڪيڏي نہ خوش آهي. اهو تون آهين منهنجا ٻچا جنهن اسان جو مان مٿانهون ڪيو آهي. تو سچ پچ مون کي سچي خوشي ڏني آهي ۽ تو بہ، منور تو بہ، منهنجو ڪم ڪيو آهي توهان سڀ منهنجا ٻچا آهيو." هو شهلا، رحمان ۽ مون کي هر هر خوشي کان ٿڦي رهيو هو.

مون رحمان ڏانهن ڏٺو. هن وري مرڪي ڏنو. "ڏاڍو ٿڪو آهيان يار."

"ڪم بہ تہ ڪيو اٿئي."

"ها ڪم بہ ڪيو اٿم." هن عجيب لهجو اختيار ڪيو. مون هن کي وري اداس ٿيندي ڏٺو. تہ پاڻهن مان ورتومانس.

اڄ تہ ڏسون پبلڪ جو ڪهڙو تاثر آهي."

مان هن کي وٺي پردي جي سير مان ٻاهر ڏسڻ لڳس. مختلف ماڻهو مختلف روپن سان ٻاهر وڃي رهيا هئا. ڪي پنهنجي روئڻ تي قابو پائي چڪا هئا تہ ڪن ايان بہ رنو پئي. ڪي وڏي پين کي پرچائين پيا.

"ڏسين ٿو نہ ماڻهن کي. يار تون اسٽيج جو ڊايب

آهين دليپ.“

هن ڪجهه نه وراڻيو. ماٺ ڪري ويهي رهيو. ڪن پلڪ رڪي چيائين ”مان گهر ته وڃان ڪافي ٿڪل آهيان، اڄ ته ننڊ به چڱي ايندي.“

”ڇو نه ايندي، پاڻ هاڻي ته خوب آرام ڪندين. خدا توکي ڪاميابيون نصيب ڪيون آهن، ڇريا سڀاڻي جون اخبارون ڏسجانءِ، فل پرِيل هونديون فل. رحمان هيئن رحمان هوندن.“

هن وري مرڪيو ”چڱو مان هلان.“

”مان ڇڏڻ هلانءِ.“

”نه يار، مان پاڻ ئي هليو ته وڃان، لالن ڪٽڻ واري عمر نپي ويو آهيان. مرزا کي ٻڌائي ڇڏجانءِ.“

”حاضر، چڱو.“

”خدا حافظ.“ هن مرڪندي چيو ۽ سيٽي وڄائيندي هليو ويو.

ٻئي ڏينهن جون اخبارون پوريون ڊرامي جي تعريف سان ۽ خاص طرح هن جي تعريف سان پرِيل هيون. مان ڪپڙن ۾ ئي نه پئي ماپيس. خوشي ايتري وڏي ويندي مون ته سوچيو ئي ڪونه هو. مون سڀ اخبارون گڏ ڪيون، ٻيڪريءَ تان هڪ ڪيڪ ورتم. سوچيم ”هو ۽ مان گڏ چانهه پيئنداسين، ڪيڪ رسائيندا‌سين ۽ اڄ فلم به ڏسنداسين.“

اکين کي حيرت مان مٿي کنيائين- چڻ اکين ئي اکين ۾ مون کان منهنجي سوال جي سمجهاڻي گهرندو هجي، چڻ مون کان پڇندو هجي ته "مان توکي رنل رنل ڏسو لڳان ٿو؟"

مون پشيماني محسوس ڪئي- مون کي اهو سوال نه ڪرڻ گهربو هو.

"منهنجو مقصد آهي، توکي ڪنهن ڏکويو آهي ڇا؟"

"مان ڏکوئڻ تي روئندو ناهيان منور- ۽ هوئڻ نه مان ڪو سومنات جو بت نه آهيان، جنهن کي وري ڪوئي محمود غزنوي اچي ٽوڙي وڃي-" هن ٻئي ڏينهن تي ٿيندڙ ڊرامي جو ڊائلاگ ورجايو.

"تون هينئر ئي ڊرامي ۾ شروع ٿي وئين ڇا؟"

هن کي احساس ڏيارڻ چاهيم.

"اسان ڊراما ڪندي، پنهنجي حياتيءَ کي ۾ هڪ ڊراسو ڪري ڇڏيندا آهيون- بس، هن ۾ هڪ اسان جو هڪ ڪردار هوندو آهي ۽ اسان خود هدايتڪار هوندا آهيون ۽ وقت پوڻ مهل محبت لاءِ هيرو ۽ نفرت لاءِ ڀاڻ کي ولن ثابت ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪندا آهيون."

"شيڪسپيئر ڏو ياد اچنئي ڇا؟"

"نه چاچو ياد آيو اٿم-" هن زور سان ٽهڪ ڪليو.

"پر ڳالهه ڇو ٽاري وئين-"

"ڳالهيون ڪٿان ڪان شروع ٿي ڪٿ ختم ٿينديون آهن. ان جو احساس ڪنهن کي هوندو آهي

مسٽر منور-“ هو شوخ ٿي ويو هو- پر هڪدم هو وري سنجيدهه ٿي ويو.

”منور- مان سوچان ٿو، مان چپ چپ هڪري مري وڃان- ۽ منهنجو احساس منهنجي وڃڻ کان پوءِ ٿئي- ۽ جيڪڏهن ائين ٿيو نه ته غور سان ٻڌجان، مرڻ کان پوءِ به مرڪندو هوندس-“

منهنجا چپ ڦڙڪيا ڪجهه چوڻ چاهيم، هن مرڪي مون ڏانهن ڏٺو.

”ائين ڪونه ٿيندو چريا، آءٌ جهٽ ڪونه مرندس.“

هن منهنجي ڳلن کي ٿڦڪي ڏني ننڍڙي ٻار وانگر پرچايو ۽ اندر هليو ويو.

مان ان ڊرامي ۾ هن جي دوست جي رول ۾ هئس، پهريون پيرو گڏ ڪم ڪري رهيا هئاسون ڊرامو شروع ٿيو ته هو شروع کان وٺي ان تي ڇانيل رهيو، ڊرامي اميدن کان مٿي رش ڪئي هئي. پريس جي فلمڻ جي جهل مل ۾ هو ڏاڍو سهڻو پئي لڳو، آخر ڊرامي جي پڇاڙي آئي، جنهن ۾ هن کي پنهنجو فن ڏيکارڻو هو ۽ هن خوب ڏيکاريو. منهنجي ٻانهن ۾ ڪري جڏهن هن شهلا کي مرڻ مهل وارا ڊائلاگ پئي چيا ته خود مون کي ائين محسوس ٿيو، ڄڻ هو سچ پچ سلهه ۾ مبتلا هجي ۽ مان ڪنهن سلهه جي مريض کي ٻانهن ۾ جهليو ويٺو هجان. هو ٿڪجي منهنجي ٻانهن تي آهلجي پيو آهي.

”رحمان، اٿ، اٿ، ادا، ڪافي ڳرو آهين، ٻانهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ادا، اٿ هي چا ٿي ويو."

پر هو خاموش ستل هو. منهنجي ڪنن ۾ هن جا لفظ لهي آيا.

"غور سان ٻڌجانءِ، مان جيڪڏهن چپ چاپ مري ويس ته مرڻ کان پوءِ به مرڪندو نظر ايندس."

مون ڪفن ۾ ويڙهيل ٻهيل ٽڪيل، سينگاريل گهوٽ ڏانهن ڏٺو، هو مرڻ کان پوءِ به مرڪي رهيو هو. منهنجي نظر اخبارن تي پيئي، رحمان جي تعريف ۾ فوٽن سان پريون پيون هيون.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حقدار

اوچتو هن جا خيال وکري ويا۔ ڪلهي وٽ ڪنهن ڌڪ رکيس، هن مڙي ڏٺو۔

”تورو پاسي مان اڳتي ويندم“۔

هڪ ڇوڪرو کيس ڪلهي وٽان جهليو بيٺو هو، بس ۾ ڏاڍي رش هئي. اصل ڪلهو ڪلهي سان پئي لڳو. ان حالت ۾ سرڪڻ ڏاڍو ڏکيو هو. هن ڪوشش ڪري تورو پاسو ڪيو۔ پويان وارو نوجوان زور سان ڌڪيندو، پاڻ لاءِ اڳتي جڳهه ٺاهيندو نڪري ويو، فتاح ڇوڪري جي وڃڻ کان پوءِ، پيرن وٽ نهيل خال ۾ فرش تي جوهه پائي ڏٺو ته ڪجهه به نه هو. هن جي وجود ۾ مايوسيءَ جي هڪ لهر اڀري، هن ڪنڌ ڪٽي، ٽيڏيءَ اک سان پر ۾ بيٺل دوست کي ڏٺو ته ڪٿي ڏسي ته ڪونه ورتائين، مگر هو پريان ليڊيز سيٽ ڏي ڏسڻ ۾ محو هو ”شڪر تيو نظر ته ڪانه اٿس سون ۾.“

کيس ماڻس جي ڳالهه ياد اچڻ لڳي ”وقت تي ٽڪو به سون هوندو آ راڻا، ان جو مثال اهو وٽ ته ڪنهن به دڪان تي وڃين، هل ڪٿي ڪنهن بئنڪ ۾ گهڙ، لک رپيه جمع ڪرائيندي جيڪڏهن ٽڪو به

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪٽائيندين ته ڪو لڪ جي رسيد ملندئي ڇا؟"
"ڪيئن نه ملندي اماں، مان مئنيجر سان سنگت رکندم، هو ٽڪو وجهي لڪ جي رسيد ڪيندو، تون لڪ ڪج ته مان اهو تجربو ڪيان نه"- هن مذاق ۾ ماءُ جي ڳالهه لنوائي هئي ۽ هن مهل الائي ڇو اهي جملا ڪيس ڏنگي رهيا هئا.
هن سامهون درياءَ جي بند تيل شيشن پريان ڏٺو، رات ٻاهر پوري طرح لهي آئي هئي، پريان ٽمڪندڙ بتيون، روڊ جي پاسن کان روشنيون، هن شيشي اندر پنهنجي ٽهندڙ پاڇي کي ڏٺو. اهو پاڇو ڪيڏي مهل" ڇٽو هو ته ڪيڏي مهل ڪنهن اسٽريٽ لائيٽ هيٺ بس جي اڇڻ سان ڏنڍلو ٿي پئي ويو. هن جي ذهن ۾ وري سوچون لهي آيون. 'اسان وٽ پئسو به ان پاڇي جيان آهي، جنهن جي لاءِ ٻاهرين اسٽريٽ لائٽ ڇڻ آخري تاريخون آهن.' کيسي ۾ هٿ ڏو وجهي.
"ٻه روپيه" هو ڍڪي ڏو "هنن مان ڇا ٿيندو."
ذهن ۾ وري خيال ٿا اچنس- هنن مان ته هڪ وات جو سياٽ ڪرايو ٿيندو ۽ اٺ آنا بچندا، هي رپيو به اجايو ڪريو نه. خير ڪٽي اماں کان وٺندم.... پر اماں به ڪٿان ڏيندي، اڄ ئي ته پنج روپيا ورتا هئم، هاٽي سياٽي جي ڪلاس وئي ۽ ....
"گيري سوبر لڳو پيو آهين".
هن سان گڏ بيٺل، هن جو دوست کيس ٽوڪي

ٿو، هو الاءِ ڪيڏي مهل اڳيان ويٺل ڇوڪرين کي ڏسڻ ماں واندو ٿيو هو.

”نہ تہ“ هو هلڪو مرڪي ڏنو.

”سائين جن سنجيده رهڻ جي ڪوشش پيا ڪن“ هڪ پيو دوست ڪلي ٿو. هو ڪجهہ بہ نہ ٿو ڪڇي، بس مرڪي ڏنو.

”فتاح ڏسجانءِ، اهو رپيو ڪنهن نہ ڪنهن جي نصيب جو ضرور هوندئي“ نجيب مرڪيو.

هو لنوائي ٿو ”تون اڄان پيو ان لاءِ سوچين ڇا، سون تہ ڳالهہ ئي درگذر ڪري ڇڏي، ڇڏ يار ٻي ڪا ڳالهہ ڪر“.

هو ٿڪي ڪل ٿو مرڪي، نجيب الائي ڪهڙي ڳالهہ تي عمران سان ڳالهائڻ لڳو ۽ فتاح وري دريءَ کان ٻاهر ٿو ڏسي.

’هي اڄو لڏو بہ ڪهڙو نہ عذاب آهي.‘ سوچي ٿو ’هن بهترين لباس ۾ لئي واري حالت ۾ ڏسي ڪير سمجهندو تہ ماں ڪو ان هڪ رپئي اهڙو پريشان هوندم.‘

هو الاءِ ڇو وري پنهنجن پيرن ۾ ٿو ڏسي، اتي اوندهہ کان سواءِ ڪجهہ ڪونهي..........

’امان بہ پڪ ڪاوڙبي، چوندي تو اهو ڳتار واهہ جو سکڻ شروع ڪيو آهي. جو روز پنج روپيا ڇٽ. اڄ هٿ ڏي، سيان ڪور لاءِ ڏي، اڄ تارون پيو ڻاهرايان.... پر هوءَ بہ ڇا ڪري؟ پئسو آهي تہ ڇاهي، آهن تہ

پگهارون نہ، مهيني جي آخر ۾ ڪتنيو ئـي وچـن، خير، هو ذهن کي جهٽڪي وري ٻاهر ڏسڻ تو لڳي.

هن مهل بس ۾ ڏاڍي رش هئي- تمام گهڻا ڇوڪرا چڙهيل هئا، فتاح چڙهيو تہ ٻيـا بہ ٻہ دوست اتـي ئـي بـس ۾ ملي ويس. ٻاڙي ڏيڻ وارو مرحلو آيو تہ هن جي هٿن مان رهئي جو نوٽ ڇڏائجي ويو هو. ان مهل ئي الاءِ ڪنهن سامهون واري دري کولي، پوءِ الائي اهو نوٽ اڏريو، اتـي ئـي پيـرن ۾ ڪري پيو، فتاح ان مهل تہ ڪنڊيڪٽر کي پيو نوٽ ڪڍي ڏنو، پر هاڻي ان چڪر ۾ هو تہ اهو ملي پوي.

”ٻڌ، اج چا سکئي“ هو وري چرڪي پيو. عمران هن سان ڳالهايو پئي.

”اج“ هن ڳيت ڏني ”اج مون هڪ سرائڪي ڏن پوري ڪئي، ڪافي ڏکي هئي“

هن ڳالهائڻ وچ ۾ نيڏي اک سان فرش ۾ وري ڏنو، اتي ڪجهہ بہ نہ هو.

”يار تنهنجي گروپ ۾ گهڻا ڇوڪرا آهن“

”٢٥ ڪن“

”ڇ مهيني جي ني“

”پنجاهہ رپيا“

”بس“ نجمي دوڏا ڦونڊاريا.

”بس. جهڙو ڏنو تهڙو نـہ“ هـو ٻاهـران پنهنجي اسارت تو ظاهر ڪري.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”ها“ عمران هاڪار ۾ ڪنڌ تو لوڏي.
ان مهل هڪ بس اسٽاپ تـو اچي وڃـي. الائي ڪيترا ڇوڪرا لهي تا وڃن، فتاح وري زمين تو ڏسي، اتي ڪجهه به ناهي، هـو بس ڪري ويهي تـو رهي. سيٽ تي ويهي هو چئن ئي پاسي تو نهاري پريان سندس وڏي ياءُ جو دوست پنهنجي ننڍڙي پٽ کي ڪڇ ۾ کنيو وينو آ، فتاح کيس سلام ڏو ڪري، هو موت ۾ ورندي ڏئي مرڪي تو. فتاح وري هر طرف ڏسي، سيٽ هيٺان تو ڏسي ڪٿي اتي ته ڪجهه ڪونهي پر اتي به ڪاريءَ وارا ڪک آهن.
”فتو مان به هلندم، تنهنجي ان سينٽر ۾، ڊرمنگ سکڻ“ عمران سائس ڳالهائي تـو. ”O’ SURE“ هو هو هلڪي آواز ۾ کلي تو.
ان مهل سندن اسٽاپ به اچي ويـو. هـو وري به الاءِ ڇو فرش ۾ ڏسندو لهي ويو. هن سان گڏ پيا به مسافر لٿا، هن ياءُ جي دوست کان سندس بار ورتو ۽ هلندي هلندي کيس پيي ڪرڻ لڳو.
”ڪهڙا آهن تنهنجا حال فتاح ميان“
”دعا آهي سائين“
”پڙهائي هلي پئي“
”بلڪل زور شور سان“
ڪجهه لمحا هو خاموشيءَ سان هلندا رهيا، اوچتو هن جي ياءُ جي دوست ڳالهايو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڄ سائين، اسان جو اهو لاڏلو خوش آ ڏاڍو“. هن پٽ ڏانهن اشارو ڪيو.

”ڪيئن“

”هينئر هٿاسين نہ بس ۾ تہ الاءِ ڪٿان ڪو ريپيو اڏامي اچي منهنجي ڪڇ ۾ ڪريو، مان چيو الاءِ ڪهڙي همراهہ جو آ، جيستائين پڇان پڇان، هن همراهہ ڪٿي هٿ ڪيو، ٻن ٽن ڪان پڇيم، تن چيو اسان جو ڪونهي، هجي ها ڪو مالڪ تہ ان کي مان پيسو ريپيو ڏيان ها. باقي هي موٽائي سو تہ سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي- پر خبر ٿئي هن ڇا ڪيو“ ”ڇا ڪيائين“ هو ڪجهہ خفيف آ.

”هن ڪان اڳ بس ٻيهڻي نہ تہ هن هڪدم هڪ فقير کي اهو نوٽ ڏئي ڇڏيو. سون کي فقيرن کي ڏيندو ڏٺو ٿئين نہ، سوچيم صحيح ڪيائين ماشا الله ڪافي هوشيار آ، هينئر ڪان ئي حقدار کي سڃاڻي ٿو.“ هن فخر سان پٽ ڏانهن ڏٺو، فتاح ڪجهہ نہ ڪڇيو، هن جي پٽ کي پيار ڪري هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيندو هليو ويو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماڻهو، سوچون ۽ مامرا

اج جڏهن پنهنجو پاڻ ڪان الائي ڇو ڪيرُ يَ تي ٿيئم ته محسوس ٿو ڪيان ته مان اورچائيءَ جي الائي ڪهڙي درجي تي وڃي پهتو آهيان. وجود پور پور تي الائي ڪيترن ننڍن ننڍن حصن ۾ تقسيم ٿي ويو آ، اهي حصا جن کي ڳنڍيو به وڃي ته به الائي ڪيترا ئي خال آڀري اچن. پڪ اٿم اهي حصا ڪيتري ڀاڱي ته هوا جي سخت جهوٽن سان الائي ڪٿي وڃي ڪريا هوندا. وجود جي آنڌي جيتري تيز هوندي آ، اثر به اوترو ئي گهڻو ٿيندو آ.

منهنجو نالو امجد آهي، دنيا ۾ اچڻ سان ئي سخت هٿن جو ڇهاءُ مليو هئم، منهنجو آبو واڍو هو. هميشه ڪهرن هٿن سان دنيا پرکڻ جو عادي هوندو هو ۽ ان ڪري منهنجو ننڍپڻ حد ڪان وڌيڪ محرومين جو شڪار گذريو. ننڍڙي هوندي جڏهن بابا، پنهنجي ڏنڌي تان سج لٿي ڏاري موٽندو هو ته روز شام جو سج لهڻ مهل هن ۽ امان جو جهيڙو ٿيندو هو. مان ۽ منهنجا ننڍڙا ڀاءُ - ڀيڻ، گهر ۾ ڪنهن هيٺان لڪي ويندا هئاسين، ابو روز امان کي خوب گاريون ڏيندو هو، ۽

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پوءِ سڄ لٿي کان پوءِ پئسا کڻي الائي ڪيڏانهن ويندو هو. (هاڻي خبر پئي اٿم ته نشو ڪرڻ ويندو هو)، امان اتي ئي کٽ جي پائي کي ٽيڪ لڳائي روئندي هئي ۽ اسين سڀ ڪيس پرچائڻ جي ڪوشش ڪندا هئاسين. هوءَ روئندي هئي ته اسان کي به روئڻ اچي ويندو هو. ۽ پوءِ سڀ مس مس پاٽ تي قابو پائي هليا ويندا هئاسين. امان رات جي ماني چاڙهيندي هئي ۽ اسان سڀ پينگهي ۾ ويهي، ٽم ٽم تارا ڳڻيندا هئاسين.

گهر ۾ ڇڪو خاصو پئسو هجڻ جي باوجود به اسان ڏاڍ - پيٽ الائي ڪيئن پاڄي وڏا ٿياسين. امان اسان کي پئسا ته ڏيندي هئي، پر نه ابو پيار ڏيندو هو ۽ نه امان. ابي کي اڄان به نشي جو فڪر هوندو هو ۽ امان کي رئڻ کان فرصت نه هوندي هئي. بي- اي ڪرڻ کان پوءِ پڇي ڊڪي هڪ اسڪول ۾ استاد طور مقرر ٿيس ته به امان ڪجهه امحن لاءِ خوش ٿي وري ڪيس رئڻ اچي ويئي. ذهني صدمن هن جي حالت ڏاڍي خراب ڪئي هئي.

گهرو حالتن جي ڪري منهنجو وجود به الائي ڪيئن ٿي ويو هو، احساس ڪمتريءَ جي ڪري دوستن يارن کان به پري ڀڄندو هئس. طبيعت ۾ اڪيلائي هئم. ايترپڏرر جو جڏهن ايم- ايڊ ڪرڻ لاءِ يونيورسٽيءَ ۾ آيس ته به اڪيلو ئي اڪيلو ڦرندو هئس. پوءِ الائي ڪيئن، اسان جي ڪلاس جو شرير شاگرد انجم منهنجي

ويجهو اچي ويو. ڪيس منهنجي محرومين ۽ چپ چاپ وجود ۾ الائي ڇا نظر اچي ويو، هو منهنجي ڪيڏ قرڻ لڳو. هاسٽل ۾ رهندي هو هر لمحي مون کي ڊسٽرپ ڪرڻ لڳو.

”او، خدا جا بندا، ٻاهر نڪر، ڪجهه گهمي ڦري ڏس، حسن ڪيترو پکڙيل آ، الله جي دنيا ڪيتري نه وسيع آهي.“

۽ پوءِ مون هڪ ٻن دفعن جي انڪار کان پوءِ هن سان هلڻ شروع ڪيو. اسان روز شام جو، هاسٽل جي گئلريءَ ۾ ويهي چانهه پيئڻ لڳاسين. پوءِ ملاقاتون وڌيون ۽ منهنجي وجود جو سخت ٿوهر نئين ۽ سائي ٿوهر کي جنم ڏيڻ لڳو. هن مون کي ڏاڍو بدلائي ڇڏيو. هاڻي مون کي به وقت ۽ صحيح قدرن جو احساس ٿيڻ لڳو ۽ هڪ شام ته هن ڇڻ مون کي چرڪائي وڌو.

”هي، ڳالهه ٻڌ. هوءَ شيرين آ نه. او اهائي، انگريزن جهڙي سهڻي ڇوڪري“ هن ڳالهه ڪئي پر مون کي نه ان ڇوڪريءَ نه ڇا، ڪنهن جي به خبر ڪو نه هوندي هئي. مان بيوقوفن جيان هن جو منهن ڏسڻ لڳس.

”اڙي گڏهه، اهائي جيڪا اپر سنڌ مان ايم- ايڊ ڪرڻ آئي آ، ڪڪن وارن واري“. هن مٿي تي دمڪ هڻندي مون کي گهوريو.

”ها، ڇا ٿيو ان کي“ مون جان ڇڏائڻ چاهي. مرڪي

ڳالهہ ختم ڪرڻي هئم.

"ان ڪي عشق ٿي پيو آ" هن وڏو ساهہ کنيو.

"ڇڱو ٿيو، ڀلي ڪري عشق، ٿئي خوار." مون ڪنڌ ڦيرائي دريءَ کان ٻاهر ڏٺو.

"پر منهنجي ڳالهہ تہ پوري ٻڌ" انجم رڙ ڪئي "پچ تہ سهي ڪنهن سان ٿيو اٿس!"

"ڇو ٻيان" مون ڪليو "منهنجو ڪهڙو ڪم، جو پراين عشقن جا قصا، تو وانگر رپورٽنگ لاءِ پڇندو وتان."

"سائين جن جي اطلاع لاءِ عرض تہ، توسان عشق ٿيو اٿس." هن چيونگ زور سان ٻاهر تڪي ڇڏيو.

"دماغ تہ خراب ڪونہ ٿيو اٿئي، اجايو...." مون ڳالهہ ڪٽي ڇڏي.

"مان بلڪل صحيح پيو چوان، اڄڪلهہ تون ۽ مان هر هنڌ گڏ هوندا آهيون نہ، تہ هن جون نظرون رڳو پنهنجي ڪيڏ هونديون آهن، توکي تہ خبر آ، مان تہ نگهت ۾ انٽريسٽڊ آهيان، ٻچيل آهين تون، سو پڪ توسان...." هن ڪلندي ڳالهہ ڪري ڇڏي:

"اڙي هل اتان" مون هن کي ڌڪو ڏئي ٻاهر ڪڍيو ۽ در پيڪڙي ليٽي پيس.

"منهنجي ڳالهہ تي غور ڪجانءِ."

هن ويندي ويندي وري دريءَ مان جهاتي پاتي.

مان اتيس تہ پچي ويو. مون کي ڪل اچي وئي.

”ڇڙيو، ڪير چوندو ته ايم-ايڊ پيو ڪري، هي ته ڪو اسڪول اسٽوڊنٽ ٿو لڳي“.

مون ڏٺڪيو ۽ ليٽي پيس. ليٽيس ته وري شيرين ذهن ۾ اچي ويئي. هوءَ اسان جي ڪلاس جي سڀ کان حسين ڇوڪري هئي، اپر سنڌ جي ڪنهن گرلس اسڪول ۾ ماسترياڻي هئي. مون کي اها ڳالهه ڏاڍي عجيب لڳي، هوءَ بيحد حسين هئي ۽ مان ڏولي ٽائپ ماٺهو. ’ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي‘ مون ڏٺڪيو ۽ پاسو ورائي سمهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس.

۽ ٻئي ڏينهن مون يونيورسٽيءَ ۾ شيرين تي غور ٿي ڪيو. سڄو ڏينهن هوءَ جيڏيءَ مهل به اسان ڏانهن ڏسي رهي هئي ته انجم مون کي ٽونٽ پئي هڻئين. شام جو جڏهن، هاسٽل ۾ آياسين ته سڄو وقت هن ويهي مٿو کاڌو هو:

”ڏس امجد، هوءَ عورت آ، پهل ته پاڻ کي ئي ڪرڻي پوندي نه، هوءَ ويچاري توکي ڏسي پئي، اچا ڇا ڪري، هن سان ڳالهاءِ.“

”اڙي بابا، پر ڇو ڳالهايان“ مون اکيون پوري پلنگ کي ٽيڪ لڳائي ڇڏي هئي. ”خوامخواهه، بس. فضول هن سان ڳالهائيندو وتان.“

”هن کي توسان محبت آ امجد. هوءَ....“

”تو وٽ ڪهڙو ثبوت آ ته هوءَ مون سان محبت ٿي ڪري“ مون ڳالهه ڪٽيمانس.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”يس ماءِ ڊيئر، يس. عقل استعمال ڪر، تون صفا ڪو ٻوش آهين. محبت کي ٿڌو محسوس ڪري سگهين.“

”ڇڪو منهنجي جان ڇڏ“ مون هن کي دڙڪو.

”في الحال ڇڏيان ٿو، پر غور ڪر، سوچ سمجهه.“ هن ڳالهه بدلائي ڇڏي هئي.

۽ پوءِ الائي ڪيئن مون محسوس ڪري ورتو. ها، هوءَ جڻ مون سان محبت ڪندي هجي. هن جو ڏسڻ، اسان کي ڏسي سهيلين سان گڏ مرڪڻ ۽ هڪ ڏينهن ته هن مون سان ڳالهايو به.

”امجد صاحب، توهان وٽ ڊاڪٽر اقبال جن جي ريسرچ ٽيڪنڪ آف ايڊيوڪيشن واري اسائنمينٽ لکيل آ. توري ڏجو ته.“

ان مهل منهنجو سڄو وجود لرزش ۾ هو. مون ڪجهه به ڪونه ڪڇيو هو. ساٿ ڪري، ڪجهه ڳالهائڻ کان سواءِ ئي، اسائنمينٽ ڪڍي، هن ڏانهن وڌائي هئم. لرزش جي ڪري، پنو ڏڪيو پئي. هن ورتي، مون ڏانهن مرڪي ڏٺو هو ۽ هلي وئي هئي. ۽ ان شام انجم مون کي جنين سان ڪنيو هو.

”سوڳا، گيدي. مرد آهين يا عورت. ڪيئن نه هن همت ڪري توسان ڳالهايو. تون اڃان ڇڙ، خوامخواهه، فضول، اجايو.“

هن منهنجا ٿال، ڪڍيا هئا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”انجم سان ....“ سون ڪجھ ڪچڻ چاھيو، ھن ڳالھ ڪٽي ھئي.

”ڪجھ ڪونھي، سان ٻان. ھاڻي پنھنجو وارو آ، اھا اسائنمينٽ پلي ھوءَ لکي توکي واپس ڪري، تون ڪٽي بي لڪجانءِ. پر ڪجھ ڏينھن کان پوءِ پاڻ ھن کان نوٽس وٺنداسين. ’ڪريڪيولم آف ٽيچرس ايڊيوڪيشن‘ جا، پوءِ ڏسجان مزا.“

”انجم سان....“سون وري ڪجھ چوڻ چاھيو ھو.

”اڙي ھاڻي ٺھيو. گھٽي تي ويئي. تون رئو پاڻجانءِ، سان ئي سپ ڪندس.“، ھن کي الائي ڪھڙي ڪم سان وڃڻو ھو. وٻو تہ سون کي الائي چا محسوس ٿيڻ لڳو. سون ڍڪيو ’شيرين، چا سچ پچ سان توکي پسند آھيان‘ ۽ ائين لڳو ھئم، جڻ ھن اقرار ڪري ڪنڌ جھڪائي ڇڏيو ھجي.

ان ڏينھن جڏھن شيرين اسائنمنٽ واپس ڪئي، سان چاھڻ جي باوجود بہ ھن سان ڳالھائي نہ سگھيو ھئس. ڊن Thank you ۽ سون It's all right چئي پنھنجو پنھنجو رستو ورتو ھو. ھوءَ اڃان بہ مون کي ڏسندي ھئي، منھنجا شڪ وڌڻ لڳا، پڪ ٿيڻ لڳم تہ ھوءَ مون ۾ انٽريسٽيڊ آھي. ۽ ھڪ شام انجم ھن کان ’ڪريڪيولم آف ٽيچرس ايڊيوڪيشن‘ جا نوٽس وٺي، جڏھن منھنجي ڪمري ۾ آيو ھو تہ جمالو نچڻ شروع ڪيو ھئائين.

”ڏس امجد. نونس ونئي آيم خير سان هو جمالو.“
هن ٽپ ڏئي ڪرسيءَ تي ويهندي چيو هو.
”Be a teacher“مون هن کي گهوريو.
”هائي، پاٺ، هڪ ڏينهن اهي نونس رکي، پوءِ ان جي بئڪ پيج تي هڪ خط رکنداسين. هوءَ پڙهندي ته پوءِ تنهنجا ٿيندا وارا نيارا. پاٺ کي گهرجي ته اهوئي ڪم.“ هن خوش ٿيندي چيو هو.
منهنجي دل چيو ته روڪيانس. پر الائي ڇو روڪي نه سگهيومانس ۽ هن خط لکڻ شروع ڪيو. رف لکي پنو مون ڏانهن آچلي چيائين ”پڙهي ڏس، ڪيئن آ.“ پڙهيم لکيل هو:
”مس شيرين، توهان ڏانهن منهنجون هي سٽون، منهنجو پهريون عرض آهن. سمجهه ۾ نٿو اچيم ته ڇا لکان. توهان جيڪڏهن ناراض نه ٿيو ته عرض ڪيان ته ڇا، منهنجي اڪيلي حياتيءَ ۾ ڪو ڌمٿ منهنجي همٿ کي پڪڙڻ لاءِ تيار آهي. ڇا، مان توهان جي همٿ کي جهلي، زندگيءَ جي شاهراهه تي اڳتي وڌي ٿو سگهان؟ فقط اوهان جو امجد.
”ٺيڪ آ.“ هن مون ڏانهن ڏسندي مون کان پڇيو.
”الائي. مون کي ڪهڙي خبر، مون کو اڳ ۾ ڇوڪرين کي خط لکيا آهن ڇا.“ مون کلندي منهن ڦيري ڇڏيو.
دل اڃا به اٿل پٿل ۾ هئي. اوچتو الائي ڪهڙو

خيال اچي ويم، انجم کي چيم ”ان مان نالو ڪٽي ڇڏ.“

”پر ڇو؟“ هن اچرج مان مون ڏانهن ڏٺو.

”پهرين سٽ نالو ته نه لکينس. متان ڪاوڙجي وڃي ته مان غريب اچي وڃان آزار ۾.“

”پوءِ هن کي خبر ڪيئن پوندي. تون به وٽ ـ ڀڪو آهين.“ هن ٺوڪ ڪئي.

”اڙي نه يار، صرف الف تا لکي ڇڏيونس، فقط خيرخواه الف، اهو پهرين سٽ ۾ ئي اوهان جو وغيره نه لکبو. سنئون ٺٺو لڳي.“

”ڇڱو ٺيڪ آ.“

هن ويهي خط فيئر ڪرڻ شروع ڪيو هو ۽ مون ٽ دل جي ڌڙڪي کي پاسي ڪرڻ لاءِ ڪمري جي د ري کان هيٺ ڏٺو هو. دريءَ تي الائي ڪيترا ٽانڊاٽا، روشنيءَ جي ڪري اچي مڙيا هئا، مان هڪ هڪ ڪري انهن کي ڏسڻ لڳس. ائين لڳم، ڄڻ خود به ٽانڊاٽو هجان.

ٻئي ڏينهن انجم، شيرين ڏانهن نوٽس وڌائيندي، هلڪو مرڪيو هو، مرڪي چيو هئائين: ”Something in Side.“

”ڇا هي؟“ هوءَ نوٽس کولڻ لڳي هئي، منهنجي سڄي پيشاني آلي ٿي ويئي هئي. هي انجم به عجيب هو. ڪلاس جي هر ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ سان مذاق ۽ مستي ڪندو هو. هينئر به ڪا مهل هئي.

منهنجي حالت ڏسندي، انجم چيو ”نه نه، هينئر نه

ڏس، پوءِ ڏسجانءِ".

"ڇگو پلا". هن فائل بند ڪندي پڇيو "پلا رائيٽنگ تہ سمجهہ ۾ آئي هئو نہ".

"مون کي تہ ڪونہ آئي، باقي اسجد خوب پڙهيو ۽ لکيو پئي".

هن 'لکيو' تي زور ڏيندي ڳالهہ مون تي ورائي ڇڏي هئي.

"ها، اسجد صاحب" هن وري مون ڏانهن ڪنڌ ڦيريو. مون ڏانهن ڏنائين تہ الائي ڇا ٿيڻ لڳو هئم.

الائي ڪيئن چئي ڏنم "ها، بلڪل بلڪل، صفا سمجهہ ۾ اچي ويئي".

"ڇا" هاڻي انجم پڇيو. مان سچو گڙٻڙائجي ويو هئم.

"رائيٽنگ، رائيٽنگ".

انجم وڏا وڏا ٽهڪ ڏنا هئا ۽ شيرين صرف مرڪيو هو.

ان وچ واري وقت ۾ حياتي بيحد حسين ٿي ويئي هئم. مون کي بہ ڪو چاهي ٿو، ڪير مون سان بہ محبت ڪري ٿو سگهي. هي انجم بہ عجيب هو، سنهنجو سچو سارو نمونو ئي بدلائي ڇڏيو هئائين. هاڻي تہ مون کي ڪلٽ، ٽوڪڻ ڪرڻ ۽ ڊينگ جو فيشن ڪرڻ بہ اچي ويو هو، حياتيءَ ۾ اهڙا خوشيءَ جا ڏينهن اڳ تہ ڪونہ آيا هئا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ ائين ئي ڪجهه ڏينهن کان پوءِ شيرين سون ڏانهن جواب لکيو هو. حياتيءَ جي شدتن سان اڪير ان مهل موجود ٿي هئي. ان لفافي ڪي جيڪو ڊپارٽمنٽ جو هڪ پٽيوالو ڏئي ويو هو، الائي ڪيتري دير نه پئي کوليم. الائي ڇا لکيو هجيس. الائي ڪيئن لکيو هجيس ۽ پوءِ جڏهن همٿون ڪري کوليم ته لکيل هو.

'امجد صاحب سلامت باشد'.

توهان به الائي ڇا سوچيندا هوندا ته ڇو خط لکيو اٿم. ان ڪري ئي پاڻ نه ڏيڻ آيس، پٽيوالي هٿان سوڪليان پئي. اصل ۾ توهان کي شايد خبر هجي الائي نه. انجم صاحب سون ڏانهن ڪجهه لکيو هو. مان ڪين سنئون سڌو نه چئي ٿي سگهان ۽ نه لکي. توهان جي معرفت ڪجهه لکان پئي، ڪين عرض ڪجو سون کي سندن سات قبول آ، مان....''

ان کان وڌيڪ پڙهڻ جي سون ۾ همٿ ڪانه هئي.

انجم....مان....شيرين ۽....

ته امجد، هي تو ڇا ڪيو. ڇو پنهنجو پاڻ کي ڏکيو ڪيئي. ڇو ڪنهن سان محبت ڪئي هئي. تو کي خبر به هئي ته انجم تو کان اسمارٽ ۽ ڪامڪ گهڻو آ، هو هرڇوڪريءَ سان ڪچهري ڪري سگهندو آ. هن ته شيرين سان به ڳالهايو ٻولهايو هوندو، تو ڪيئن ٿي شيرين ڪسي پاڻ ڏانهن مائل سمجهيو. جڏهن ته تون

خود به ڪم همت ۽ بزدل هئين.

پنهنجو منهن به ڪڏهن آئيني ۾ ڏٺو هيئي. ڪارو ٺوٺ ۽ ڪٿي هوءَ انگريزن جهڙي حسين! تو کي زمين ۽ آسمان جو فرق ڏسڻ گهرجي ها.

دل ڀڳي ته جڻ حياتيءَ جو پورو وايو منڊل، ذرڙن ۾ ٽٽي پکڙجي ويو. ان ڏينهن کان پوءِ مان اتان هليو آيس. نه انجم کي ڪجهه ٻڌايم ۽ نه ڪيس شيرين جو خط ڏنم. الائي ڇو مان سيلفش ٿي ويو هئس.

۽ اڄ جڏهن مان اهو ئي سيڪنڊري استاد آهيان. پنهنجي اڳوٺي جڳهه کان بدلي ڪرائي، هڪ اڌڙي هنڌ اچي رهيو آهيان، جتي جي ڪائنات بيحد سادي ۽ شهري ڪٽ کان صاف آهي. منهنجو وجود اڄ به محرومين جو شڪار آ. مون اڄ تائين شادي ڪانه ڪئي آ، الائي ڇو مون کي انتظار آهي شيرين جو. هوءَ ته منهنجي باري ۾ سوچيندي به ڪونه هوندي، انجم به الائي ڇا مون کي ليکيندو هوندو. ٻڌائڻ کان سواءِ جو موٽي آيو هئومانس. مان الائي ڇو اڄ به شيرين جو منتظر آهيان. الائي ڇو. اي ڪاش، هوءَ هڪ ڀيرو موٽي اچي. مون وٽ اچي. صرف هڪ ڀيرو، پر هوءَ مون وٽان ويئي ئي ڪڏهن هئي.

٢

مان جڏهن بس ۾ ويٺي ۾ پنهنجو پاڻ کي ڏسندو

SHER ALI CHANDIO CHANDIA QASIMABAD SINDH

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهيان ته الائي ڇو فخر جو ڀرپور احساس ٿيندو اٿم. مان مردانه سونهن جو مڪمل شاهڪار آهيان. سڀني دوستن ۾ حد کان وڌيڪ اسمارٽ ۽ هئنڊسم مشهور آهيان ۽ پنهنجي پاڻ تي حد کان وڌيڪ اعتماد ئي منهنجي ذات جو اهم جزو آ. ڪڏهن ڪڏهن امان چوندي آ "جڏهن تون ڄائو هئين نه، ته مون تنهنجو نالو انجم رکيو، نس پس ڇوڪري هئين، ان نالي تي سڀ ايترو ته کليا جو بس ڪينهي".

حالانڪ منهنجو نالو زناني ٽائيپ جو آ. پر مان هڪ مڪمل مرد آهيان. ننڍڙي هوندي کان ئي سک ۾ پليل آهيان، ڪابه پريشاني ڪڏهن به پيش نه آيم. هميشه شرارتن ۾ اڳ اڳرو هوندو هئس. ننڍپڻ جواني ۽ پوءِ هي وقت، جڏهن مان ٻن ٻارن جو پيءُ آهيان، ۽ سڄي عمر کل مسخريءَ ۾ گذري اٿم. نه ڄاڻان ڪڏهن ڪو ڏک به ٿيو هجيم. منهنجا دوست به منهنجي ئي فطرت جا هوندا آهن، شوخ ۽ شرير. ان مان اهو مطلب صفا ڪونهي ته مان سنجيده ماڻهن سان دوستي نه ڪري ڄاڻان. ڪيترائي سنجيده دوست ڪيا هئم، انهن سڀني ۾ امجد حد کان وڌيڪ سنجيده ڇوڪرو هو، اسان ٻنهي جي دوستي ايم. ايڊ ۾ ٿي هئي. هو منهنجي طبيعت جي بلڪل ابتڙ هو، سنجيده مٺين ۽ گهٽ ڳالهائو. مان سڀني ڪلاسين ۾ مشهور هئس ۽ هو هرهنڌ گمنام. سندس اکيون اداسيءَ جي ڪري

بيحد ڀرپور هونديون هيون ۽ پوءِ هڪ ڏينهن الائي ڇو هو منهنجي ذهن ۾ گهڙي آيو. اسان ٻئي ڪلاس جا ذهين ترين شاگرد هئاسين. ڪجهه ڏينهن ته مان هن جي سنگت ۾ بور ٿيس پر پوءِ اسان الائي ڪيئن هڪٻئي جي حد کان وڌيڪ ويجهو اچي وياسين.

هائي مون کي هن جي صحبت ۾ ڏاڍو مزو ايندو هو. هو ماڻهو به دلبر هو، سڄو وقت هن مان شام جو گئلريءَ ۾ چانهن پيئندي، رات جو ڪمري ۾ رڪارڊ ٻڌندي، مان هن جو مٺو ڳائيندو هئس، هو ٻات ڪري ٻڌندو هو ۽ ٻڌي صرف مرڪندو هو. سندس ۽ منهنجي دوستي بيحد پڪي ٿي ويئي. سڄو ڏينهن اسان ٻئي گڏ هوندا هئاسين ۽ هڪ ڏينهن منهنجي مڱيندڙ نگهت سون کي ٻڌايو "اها شيرين آ. اپر سنڌ واري".

"هونهن" سون هن ڏانهن ڏٺو "ڇا ٿيو هن کي".

"اها، توهان واري دوست سان محبت ٿي ڪري".

هن معني خيز نگاهن سان ڏٺو.

"ڪنهن سان!"

"امجد سان".

هن مرڪيو. نگهت ۽ منهنجي مڱڻي جي ڪنهن کي به خبر ڪونه هئي. امجد کي به نه، ڇاڪاڻ جو اسان کي سختيءَ سان گهر وارن منع ڪئي هئي. بس شاديءَ ۾ ڪجهه مهينن جي ئي دير هئي، ۽ پيو ته

اسان پاڻ ۾ اهو واعدو به ڪيو هو ته ڪلاس جي ڪنهن به شاگرد کي ان ڳالهه جي خبر نه پوندي.
مون اها ڳالهه هڪدم امجد سان وجهي ڪئي، پر هن مون کي ڪو به منهن ڪونه ڏنو. هو احساس ڪمتريءَ جو حد کان وڌيڪ شڪار هو. مان جيئن هن سان هڪ ڳالهه ڪيان، هو لنوائي، پري ڪري ڇڏي. ڪيس حد کان وڌيڪ احساس سندس شڪل جو هو. هو اهڙو خراب به ڪونه هو، بس رڳو سانورو هو ۽ شيرين بيحد حسين.
مان سڄي ڪلاس ۾ سڀني سان فري هوندو هوس ۽ امجد صرف مون سان. مون کي لڳو ٿي ته سندس ان خاموش رهڻ واري عادت ئي شيرين کي موهيو هو. هڪ ڏينهن سچ پچ مون کي بيحد حيرت ٿي، جڏهن شيرين هن کان نوٽس گهريا. منهنجا شڪ يقين ۾ تبديل ٿي ويا ۽ ان شام مون امجد کي قائل ڪري ورتو. منهنجي دل چوندي هئي هو ائين آداس نه رهي. ڪنهن جو پيار سندس انهن محرومين کي ختم ڪري. ان شام جو هو لڳو به عجيب پئي. گم سم، سوچن ۾ وڃايل. مون کيس شيرين سان وڌيڪ ڳالهائڻ لاءِ چيو ته هن انڪار ڪري ڇڏيو. کيس جهڪڻ گوارا نه هو ۽ مون کي ئي شيرين کان نوٽس گهرڻا پيا.
ان ڏينهن جڏهن لئبريءَ ۾ شيرين آئي ته مان اڪيلو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هئم، ان ڏينهن امجد ڪونہ آيو هو. مون محسوس ڪيو.
هن مون کي ڪجهہ چوڻ تي چاهيو. مون ئـي ڳالهہ
جي ابتدا ڪئي.

”اڄ ائڊوانس ليڪچر سمجهہ ۾ آيو“.

”نہ، الائي سر ڇا پئي چيو“ هن رئـي جي ڪنڊ
آڱر کي ويڙهي.

”ڇو، سمجهہ ۾ ڇو ڪونہ آيو“ مون ڳالهہ کي
اڳتي وڌايو، لئب ان مهل اتفاقاً خالي هئي.

”بس“ هوءَ ڪنڌ جهڪائي ويٺي رهي. دل ۾ آيم
تہ چوانس، جنهن جي ڪري مون سان گڏ ويٺي آهين،
سو اڄ ڪونہ آيو آهي. پر چئي نہ سگهيم، صرف ايترو
چيومانس ”مون کي ٽيچرس ايڊيوڪيشن جا نوٽس تہ
ڏجو، ڪجهہ نقل ڪرڻا آهن“.

”حاضر“.

هن گائون ۾ ويڙهيل فائل ڪڍي، نوٽس ڪلپ
آئوٽ ڪري مون کي ڏنا.

”مهرباني. سڀان پرينهن واپس سلي ويندو“. مون
هن ڏانهن ڏٺو. هوءَ اڃا بہ عجيب نظرن سان ڏسي
رهي هئي. مان ان مهل الائي ڇو گڙٻڙائجي ويم.
مانُ ڪري لئب مان نڪري تہ آيس پر ساهہ کي
جڻ مونجهہ وٺي وئي هجيم.

ان شام جڏهن مون ۽ امجد هن لاءِ خط لکيو
هو تہ آخري لفظن تي ڳالهائيندي، امجد الائي ڇو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪنڌ ڦيرائي ڇڏيو هو. سون کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي هئي، هوڏانهن هوءَ نخرا پئي ڏيکاري، هيڏانهن هي نواب. ان شام اسان ڪافي گوڙ ڪيو هو. ان ڏينهن سون امجد کي اڪيلو ويهڻ نه ڏنو هو، خط فيئر ڪرڻ کان پوءِ اسان خوب گهميا هئاسين.

ٻئي ڏينهن جڏهن سون شيرين ڏانهن فائل وڏائيندي چيو هو ته امجد سڄو پگهرجي "Something inside" ويو هو. سوچيم هاڻي ته شيرين پڪ سمجهندي ته خط ڪنهن لکيو آ. اها شام امجد ايترو ته اٽ تڻ ۾ هو جو ڪيس ڪنهن پل به قرار نه پئي آيو.

"او گيدي، خط به مان لکان، ڏيان به مان، رلان، پنان، محنتون به مان ڪيان. تون رڳو پريشان ٿي، ڦيريون پائيندو رهه". سون هن تي ٺوڪ ڪئي.

"اها ڳالهه ناهي انجم. سوچيان پيو ته ڇا مان واقعي ان لائق آهيان ته هوءَ سون سان پيار ڪري. ڏس نه...."

"خدا جا بندا، تون وڃي ڪنهن ٻيجري ۾ ويهي ٽڪيٽ لڳراءِ. ڏاڍو ڪمائيندين".

هن کي ڇيارا ڏنا هئم. سارڻ آيو ته ڪمري مان ٻئي نڪري آيوسانس. ڪجهه ڏينهن ته سندس حياتي اهڙي حسين ٿي ويئي، جو بس نه. هو هر لمحي مرڪندو هو، سون سان ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي محبت جي فلسفي تي ڳالهائيندو هو.

پر هڪ شام هو الائي ڇو هليو ويو، ڪمرو ڇڏي.
مان ان ڏينهن يونيورسٽيءَ نه ويو هئم، شام جو روم
تي ويومانس ته هو وڃي چڪو هو، الاءِ ڪيڏانهن.
مون هن کي ڏاڍو ڳوليو. ٻئي ڏينهن شيرين ملي ته
هن کان پڇيومانس ”توهان امجد کي ڪجهه چيو ته
ڪونه“ سوچ آيم، متان شيرين ڪجهه چيو هجيس ۽
ڏک ٿيو هجيس. هو، هئو به اهڙو ذري ذري تي
سوچڻ وارو.

”نه، مون ته ڪجهه ڪونه چيومانس“ هن
انڪار ڪيو.

دل ۾ آيو ته پڇانس، هن کي توهان جواب ته
ڪونه لکيو، پر سوچيم ان سان امجد تي ذاتي اثر
پوندو، ان ڪري ماٺ رهيس.

”پر ڇو، توهان پڇا ڇو پيا ڪيو؟“ هن حيرانيءَ
مان پڇيو.

”دراصل امجد ڪالهه کان روم ڇڏي، الاءِ
ڪيڏانهن هليو ويو“.

سوچيم، ٻڌي بيحد ڏکاري ٿيندي. مون کان ور
ور ڪري هن جو ٻچندي، پر هن ته صرف ايترو چيو
”تعجب آ“ ۽ هلي وئي.

مون کي ڏاڍي حيرت ٿي، سوچيم ’چڱو ٿيو امجد
جواب وٺي نه ويو‘.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سون کي شيرين سان سخت نفرت ٿيڻ لڳي. اڪين جو جادو به ھلائين ۽ لمحن ۾ وساري به ويھن. ان ڏينھن کان پوءِ سون ھن سان ڪڏھن به ڪونہ ڳالھايو ھوءِ تہ ھميشه کان گھٽ ڳالھائيندڙ ھئي.

ھاڻي، جڏھن مان پنھنجي پراڻي زماني کي ياد ڪندو آھيان تہ سچ پچ امجد سون کي بيحد ياد ايندو آ. ھو چريو انسان، الاءِ ڪٿي ھوندو. گھٽ ۾ گھٽ موڪلائي تہ وڃي ھا. جيڪڏھن ٻڌائي وڃي ھا تہ مان ۽ نگھت ائين ھن کان سواءِ تہ نہ پرڙجون ھا.

٣

ھي حياتيءَ جو فلسفو بہ ڪيترو نہ عجيب آ. جدايون، قربتون، محبتون، عذاب ۽ الائي ڇا ڇا. خاص طور تي اسين ڇوڪريون تہ دل جي ھٿان مجبور ٿي الائي ڪھڙيون ڪھڙيون غلطيون ڪري ويھنديون آھيون. ھونءَ بہ چوندا آھن تہ محبت ڪڏھن بہ ڪنھن کي ھوش ۾ نہ ڇڏيو آ.

اڳ جڏھن بہ ڪو ائين چوندو ھو تہ مون کي ڏاڍي ڪل ايندي ھئي. پلا ائين بہ ڪڏھن ٿيو آ تہ چڱو موچارو ماڻھو محبت جي ڪري پنھنجا ھوش ئي وڃائي ويھي.

مان پنھنجي خاندان جي سڀ کان حسين ڇوڪري آھيان. ننڍي ھوندي کان ئي لاڏلي، ضدي ۽ الائي

ڇا ڇا هئس. ان ضد جي ڪري، منهنجي طبيعت ۾ الائي ڇو خاموشيون رچي ويون آهن ۽ ڏسڻ وارا ائين سمجهندا آهن، تہ جڻ مان پنهنجي حسن تي مغرور آهيان.

منهنجي اندر جو ڏک احساس هو، من ۾ ڪجهہ آئيڊيل هئم. سوچيو هئم جيون ساٿي هيئن هوندو، هوئن هوندو ۽ ان ڪري ايم. اي ڪري اسڪول ٽيچر ٿيس، پر شادي نہ ڪيم. مان انتها درجي جي آئيڊيلسٽڪ آهيان، اڄ تائين اسان ويچاري، بابي جي مرڻ کان پوءِ منهنجو واحد عزيز هئي. سمجهائي سمجهائي ٿڪجي پوندي هئي.

”ڏس شيرين، زندگي الائي ڪيتري؟ ڏکي ڪين توري. پر پٽ، ائين تہ نہ ڪبو آ، جيئن تون ٿي ڪرين“.

”ڏس نہ امان....“ مان هن جي ڳچيءَ ۾ ٻانهون وجهي وري شروع ٿي ويندي هئس، ساڳين پراڻن قصن ۾.

زندگي ڳوڙها ۾ ورتل هئي، جستجو هئم، آئيڊيل جي. محبت ڪرڻ جو حق ۽ ڪرائڻ جو حق صرف آئيڊيل کي ئي هوندو آ، ۽ پوءِ مون پنهنجي خوابن جي تعبير ڪندي، دل ۾ چيو، دنيا کي رڙيون ڪري چوان ڪير چوندو آ تہ آئيڊيل جو ڪو وجود ڪونهي.
مان جڏهن ايم. ايڊ جا ڪلاس اٽينڊ ڪرڻ آيم

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ هر طرف هڪ چوٻول مچي ويو، منهنجي سونهن جو، مان سيني ۾ حسين هئم، اهو احساس مون کي اڀاري ويو.
مان سيمسٽر شروع ٿي وئي هئس. ڪافي ڪم مون کان اڳ ۾ ٿي چڪو هو. پهرئين ڏينهن ئي جڏهن ڪلاس ۾ داخل ٿيس ته هرڪنهن جون نظرون مون تي کپچي ويون هيون. مون فخر سان سيني کي لنوائي ڪنڌ واري سيٽ منتخب ڪئي هئي، ۽ ان مهل مون ڏٺو، هڪ بيحد سانورو شخص، هڪ ڪرسيءَ جي ٻانهن تي ويٺو، ڪرسيءَ تي ويٺل سان ڳالهائي رهيو هو. هنن ٻنهي مون ڏانهن ڏسڻ به گوارا نه ڪيو هو. منهنجي دل کي چڻ ڌڪو لڳو هجي. اوچتو ڪنهن ڪرسيءَ تي ويٺل شخص کي سڏيو.
”انجم“.
”هون“ هن سڙي ڏٺو، ”چاهي؟“ هن ڳالهائڻ واري کي مخاطب ٿيندي چيو ۽ مان چرڪجي ويم.
هي ته نس پس اهو ئي هو، خوابن جو شهزادو. اهو ئي ڳورو، اسمارٽ، ڪلمڪ، سهڻو، برائون ڪلر جا وار، هو ڳالهائيندو رهيو ۽ مان ڏسندي رهيمانس. ايڏو حسين جهڙي ڇوڪري.
۽ پوءِ جيئن اسان جو سيمسٽر هلندو ويو، اسين پاڻ ۾ گهرا ٿيندا وياسين. هو هرڪنهن سان شرارتون ڪندو هو. مون سان به ۽ مان هميشه چپ چاپ هن جون سڀ مذاقون برداشت ڪندي هئم. هو ۽ امجد

ڪلاس جا سڀ ڪان هوشيار ڇوڪرا هوندا هئا. مون سان نگهت امجد جي ذهانت جون ڏاڍيون تعريفون ڪندي هئي.

مان هاڻي الائي ڪيئن ٿي وئي هيم. سڄي عمر ڪنهن کي اک کڻي نه ڏٺو، هاڻ هنن ٻنهي ڏانهن ڏسندي هيس. هو ٻئي هوندا به ته هرهنڌ گڏ هئا. امجد هميشه رزرو ۽ انجم اهڙي شرارتي. هنن جي جوڙي سچ پچ عجيب هئي. منهنجي دل چوندي هئي ته مان انجم سان ڳالهايان، هو صرف مون سان مذاق ڪري، ڪلاس جي ڪنهن ڇوڪريءَ سان فري نه ٿئي.

هڪ ڏينهن مون امجد کي پاڻ ڏانهن ڏسندي محسوس ڪيو، مان جيڏي مهل به انجم کي ڏسڻ لاءِ هنن ڏانهن ڏسان، انجم هن کي ڏونٺ هڻي پيو ۽ هو مون کي ڏسڻ پيو لڳي.

مون کي ڏاڍي حيرت ٿي. دل ۾ چڻ واچوڙا اٿيا. ٿي سگهي ٿو ته ڪيس مون سان محبت هجي ۽ امجد کي رازدان بڻايو هجيس. ان ڏينهن مون ان ڳالهه کي جانچڻ لاءِ امجد کان نوٽس گهريا. هو ويچارو ايڏو ته ڪنفيوزڊ هو جو اکر به ڪو نه ڳالهايائين ۽ نوٽس ڏئي چپ چاپ هليو ويو. مون کي هن جي حال تي ڏاڍي کل آئي. صفا شريف ۽ بي ضرر انسان هو.

نوٽس موٽايم ته به چپ چاپ وٺي رکي ڇڏيائين. سوچيم 'هن سان انجم جي مسئلي تي ڪيئن ڳالهايان.'

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هڪ ڏينهن انجم پاڻ مون سان لان ۾ مليو. اهي لمحا منهنجي حياتيءَ جو سرمايو هئا، هن جي قربت هئي تہ دل لوڏن ۾ هئم. الائي ڇا چوي، پر هو بہ مان ڪري نوٽس گهري هليو ويو. مون ڪي پڪ هئي تہ هو ڪجهہ ڳالهائيندو، پر هن تہ ڪجهہ ڪونہ ڪڇيو.

۽ آخر هڪ ڏينهن منهنجين عبادتن رنگ لاتو. ان ڏينهن هن نوٽس ڏيندي چيو: "Somethinge Inside".

ان هڪ جملي منهنجي ڪائنات ئي ڦيري وڌي ۽ ويتر هن جو چوڻ تہ گهر وڃي کولجو. گهر وڃي کوليم تہ ڄڻ دنيا جو خزانو هٿ اچي ويو هجيم. هن اقرار ڪيو هو مون سان محبت جو. مون کي الائي ڇا ٿيڻ لڳو. دل ڄڻ ٽپ پئي ڏنا. آئيڊيل ملي وڃي تہ پيو ڇا گهرجي.

مان هن کان شرمائڻ لڳم. هن سان سنئون سڌو نہ پئي ڳالهائي سگهيم، ان ڪري خط جو جواب امجد ذريعي موڪليم.

ان کان پئي ڏينهن انجم بيحد پريشان مون وٽ آيو. "توهان امجد کي ڪجهہ چيو تہ ڪونہ". سوچيم الائي ڇا ٿو پڇڻ چاهي. سرد شڪي فطرت جا هوندا آهن، الائي هن جي ڪهڙي مراد آ.

"نہ بالڪل نہ". مون صاف انڪار ڪيو.

”هو، رات ڪمرو ڇڏي هليو ويو“. هو مون ڏانهن غور سان ڏسي رهيو هو.

دل چيو تہ پڇانس، توهان ڪي منهنجو جواب ڪونہ پهچايائين ڇا. پر هن کي ڪنهن ڳالهہ جو شڪ تہ ڪونہ پيو هو، ڪٿي هو امجد جي باري ۾ منهنجو تاثر تہ نہ پيو جانچڻ گهري. دل چيو چوانس ’مون کي امجد جو ڪوبہ فڪر ڪونهي، صرف تون هجُ‘. بس ايترو چيم، ”تعجب آ“.

انجم حيرت سان مون ڏانهن ڏٺو، ڪجهہ بہ نہ ڪڇيائين. مان بہ هن کي خاموش ڏسي هلي آيم.

ان ڏينهن کان پوءِ انجم مون کان پري پري رهڻ لڳو. هن مون سان پوءِ ڪڏهن بہ ڪونہ ڳالهايو. مان اڳ ۾ بہ چپ هئم، هاڻ بہ. ۽ پوءِ هڪ ڏينهن انهيءَ ڳالهہ جي سڄي ڪلاس کي خبر پئجي وئي تہ هو ۽ نگهت مڱيل هئا. مان ان ڏينهن کان وٺي هن ڏانهن ڏسڻ ڇڏيو ۽ اڄ مان وري ساڳي جڳهہ تي آهيان، پنهنجي گهر ۾ اڪيلي اداس.

منهنجي امڙ، منهنجي ضد اڳيان هميشہ جيان هارائي زمين اندر هلي وئي. ها، هاڻي مون کي يقين آ، محبت انسان جا هوش حواس ختم ڪيو ڇڏي. پر ان کان وڌيڪ يقين تہ ان ڳالهہ جو آ تہ آئيڊيل جو وجود تہ هوندو آ، پر ان جي پنهنجائپ جي پڪ نہ هوندي

آ، ۽ ساڻ شيرين، پنهنجي تمام تر حسن ۽ خاموشين سميت اڄ به پنڌ پهڻ لڳي پئي آهيان.

هاٿي به هٿ سون لاءِ وڌندا آهن، پر سون پنهنجي وجود جي درن کي قلف هڻي، ڪنجيءَ کي لٽسدائون پل پر لوڙهي ڇڏيو آ.

ها، اڄ به ڪڏهن سوچيندي آهيان ته هن جو مکڻو تيل هو ته پوءِ هن سون سان محبت ڇو ڪئي، سون کي خط ڇو لکيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گيڙو

هن ڪنڌ ورائي پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏٺو. هرڪو ماڻهو پنهنجي ڪم سان لڳل هو. پريان چانهه واري جي اسٽال تي ڪو هيڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو بيٺو هو. هن جي ڏائي طرف ڪتابن وارو به هن مهل هلڪن جهوٽن ۾ هو. پليٽ فارم جي ٻئي وٽ چوڙيءَ وارو ڪوڪا پاسن ڪان رکيو، رپين جون ڳنڍيون ڏاهي، ربڙن ۾ ويڙهي رهيو هو. پليٽ فارم تي ڪجهه ٿورائي ماڻهو هئا. اڄ گرمي به ڪجهه گهٽ هئي. هو دل ئي دل ۾ پڪڻ لڳو: 'هونهن، هي گاڏيون به وڏيون رهزن آهن، ڪڏهن به وقت تي نه اينديون، بلڪل اسان جي خوشين جيان، جيڪي ان مهل اينديون آهن، جڏهن اسين انتظار ڪري ڪري ڪڪ ٿي پليٽ فارم ئي ڇڏي وينداآهيون. پر هي مان سوچيان ڇا پيو؟' هو ڪنڌ جهٽڪي، بئنچ تي پاسو ورائي سامهون ڏسڻ لڳو. پريان ڏک فقيرياڻي ويٺي هئي. هئي ته اڌڙوٽ پر ڏاڍي خوبصورت هئي. ڪيس ڪارو بلائوز ۽ انگوڇي جي ساڙهي پاتل هئي. بلائوز ڪاهن وٽان ڦاٽل ۽ ٻئي وٽان ڏريل هئس. هن پنهنجو سامان ڪولي، ان مان

ڪاغذ ۾ ويڙهيل ڪا شيءِ ڪيڏي هئي ۽ هاڻي پنهنجي ڳنڍ کي ٻڌي رهي هئي. هن وري اوسي پاسي ڏي ڏٺو ته ڪو ڪيس ان مائيءَ کي ڏسندو ته نه ڏسي رهيو هو، پر ڪوبه ته ڪيس ڏسڻ وارو نه هو. هرڪو ڪجهه گرميءَ ماريل هو ۽ پيو ته هي وقت به ڪنهن سمي ٽرين جي اچڻ جو نه هو.

هن وري ڪتاب کولي پڙهڻ شروع ڪيو. پهرئين پني کولڻ سان ئي سامهون پنهنجي نالي تي نظر تي پيس. نالي سان گڏ لکيل تاريخ پڙهي ته: 14- 4- 82 هن جو ذهن وري ٽنڪڻ لڳو: 'انسان پنهنجي شناخت لاءِ ڪيترو نه بي چين هوندو آ! گهڻو ڪري ڪيترا ئي ماڻهو، ڪتاب وٺي مٿس نالو ضرور لکندا. ضرور ڪهڙو آ ان جو؟ پر صحيح ته ڪن ٿا. هاڻي اِن مان خبر ته پوندي ته اهو مِلڪِ ڪنهن جي آ. جيئن هاڻي هن پوڙهيءَ جي ڪا شناخت ڪانهي ته ڪير چوندو ته هوءَ ڪير آ. پر مان وري به ان لاءِ ڇو پيو سوچيان. اڄ ته هن گاڏيءَ به ڏاڍي دير ڪئي آ. هڪ ته هي پليٽ فارم به ڪا ويهڻ جي جڳهه آ. ڪيلن جون ڪلون ته به هت. گند گوڙ ته به هت. وٽ وٺان، فقير، ڇاپڙيون ۽....'

سوچڻ دوران هن ڪتاب بند ڪري ڇڏيو هو. اکيون خوبخود شايد ڏينهن جي تپش جي ڪري بند ٿي ويون هئس. ذهن ۾ فقير جو خيال آيس ته الائي ڇو

اڪيون ڪولي سامهون ويٺل فقيرياڻيءَ ڪي ڏنائين: ان هاڻي پنهنجن ٻنهين وارن ڪي ڪولي، ڪلهن تي پکيڙي ڇڏيا هئا ۽ باقي منجهيل وارن ڪي ڇڏائي رهي هئي.

'هي عورت جوانيءَ ۾ ڪيڏي نه خوبصورت هوندي سهڻي ته هاڻي به آهي، پر عمر ڪجهه چڙهي وئي اٿس. اڄ ڪيڏي گرمي آ! هت ته غريب غربي لاءِ موسم به آزار آ. سيءُ پوي ته اوڇڻ نه ليڙي، گرمي ٿئي ته ناهوڪي ڇانو نه ملي. اسان آهيون ڪيئن، جيئون ڪيئن پيا، اهو ڪڏهن ڪنهن سوچيو آ؟ پر نه، سوچجي به ڇو؟ ٻين سان اسان جو ڪهڙو تعلق؟' هو هڪدم خيال جهٽڪي وچي ڇانهه جي اسٽال تي تو ڏسي: ڇانهه وارو هڪ همراهه کي بوتل ڪواي ڏيندي ڏانهس ڏسي ٿو. هو موٽ ۾ ڪيس هڪ بوتل موڪلڻ جو اشارو تو ڪري.

"ڪهڙي؟" پريان اسٽال وارو رڙ ڪري تو پڇي.

"ڪهڙي به." هو ورندي ڏئي، پليٽ فارم تي تو ڏسي. ڪيترين ئي ٻئنچون خالي آهن. هڪ ٻن تي هيڪڙ ٻيڪڙ ماڻهون ستا پيا آهن. پريان ڪجهه عورتون پنهنجن خالي ٻارن کي سنڀالڻ ۾ پوريون آهن. انهن جا مرد پٽ تي چادر وڇائي، تاس ويٺا کيڏن. هو اس واري حصي کي هٿ تو لائي ۽ هڪدم ڇڪي تو وٺي: "اف ڪيڏي نه گرم آ."

هٿ کي ڦوڪ ڏئي وري سامهون تو ڏسي:

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فقيرياڻيءَ پنهنجا وار کولي چڙهيا آهن ۽ گهنڊ کي پاسيرو رکي، هن جي بلڪل سامهون پليٽ فارم تي لڳل نلڪي جي پاسي کان ننڍڙي حوض ۾ ويهي ٿي رهي. هو ڪيس غور سان ٿو ڏسي: هوءَ ڪپڙن سوڌو نل کولي، پنهنجي مٿان پاڻي ٿي وجهي. ڪاغذ واري پڙيءَ کي کولي، ان مان ڪپڙن ڌوئڻ وارو صابڻ ڪڍي، هوءَ وارن ۾ هڻڻ تي لڳي. هيلتائين سڀئي اکيون ٿي وئي هئي. وارن ۾ صابڻ هڻندي، هن ڏانهنس ڏٺو: هڪدم نظرون ڦيرائي ٿو وٺي.

’ڇا، سوچيندي دل ۾؟ ڇا وري ڇا سوچيندي هوندي. پنهنجو ڪو خيال نه ٿو ٿئيس ته ڇا پئي ٿي ڪري. هي به ڪا جڳهه آ وهنجڻ جي. ڀري راڄ ۾ سڀني سامهون تڙ ڪبو آ ڇا! ڪني بي حياء. پر هوءَ به ڪري ڇا، ڪهڙو هن کي غسل خانا ميسر هوندا، جن کي ڇڏي، هوءَ هتي آئي آ.‘ اوچتو خيال ورڪري وڃنس ٿو. چانهه جي اسٽال واري ڪيس ڇوڪري هٿان بوتل موڪلي آ. هو پنجين جو نوٽ ڪڍي، ڇوڪري کي ڏئي، بوتل ٿو وٺي. ڇوڪر واپس ٿو هليو وڃي. هن وري عورت ڏانهن ڏٺو: هوءَ هاڻي پنهنجي پاتل ڪپڙن کي صابڻ هڻي رهي هئي ۽ صابڻ هڻي نلڪي هيٺان ڌوئي رهي هئي، ائين ڪندي هوءَ الائي ڪيئن پئي لڳي.

هن کي جهڪ اچڻ لڳا، ’پوڙهي آهي ته ڇا ٿيو

اهڙيون حرڪتون ته نه ڪري. هائي هن جي عمر آ! ائين ڪندي ڏهندي! پر مان به ڇا پيو سوچيان! ڇا ان جي جڳهه تي ڪا ڇوڪري اچي ائين ڪندي ڇا؟ اڄ شايد گرمي منهنجو دماغ ڦيرائي ڇڏيو آ. الائي ڇا پيو فضول ۾ سوچيان.

هو بوتل مان ڍڪ تو پٽي. اک اڃا به مائيءَ ۾ اٽس. هوءَ به وهنجندي ڪيس ڏسي ٿي. هو وري ڪنڌ ڦيري ٿو ڇڏي. اتان اٿي هو تاس، ڪيڏيندڙن جي مٿان ٿو وڃي بيهي. هو ٽي ڄڻا آهن. هنن مان هڪ مرڪي ڪانئس اشاري سان ٿو پڇي ته "ڪيڏندين؟" هو مرڪي انڪار ٿو ڪري. بوتل مان ڍڪ ڀريندي هو وري اوسي پاسي ۾ ٿو نهاري: ڇانهه واري جو ڇوڪرو اچي ڪيس بقايا ٿو ڏئي ۽ خالي بوتل وٺي ٿو وڃي. الائي ڪيترا لمحا ائين سرڪن ٿا. هو اندر ۾ الائي ڇا ٿو ڀانئي. هن مٿي مائيءَ ڏانهن ڏٺو، جنهن هائي ٽٻ ڪري ورتو هو ۽ آلن ڪپڙن کي آس ۾ بيهي سڪائي رهي هئي. ڪيس پاتل پوتڙو ڏاڍو ويڪرو هو. هن ان مان ساڙهيءَ جا ور ڪڍي پٽي نپوڙيا. پاڻيءَ جا ڦڙا ڪيڏندي، هن عورت وري الائي ڇو هن کي ڏٺو ۽ هو ڪکو وکو ٿي ويو ’ڇا سوچيندي هوندي ته مان الائي ڇو بيو ڪيس ڏسان!‘

هو وري ڇانهه واري وٽ هليو ٿو اچي. هو ڪيس ڏسي هاڪي ڏاند ٽيڙ ٿو ڪري. هو ويجهو اچي مرڪي

تو: ”هي گاڏي چا روز ايڏي ليٽ هوندي آ؟“
”نہ سائين وڏ ۾ وڏ اڌ ڪلاڪ. اڄ تہ الائي ڇو اڍائي ڪلاڪ لاٿا اٿئين. آهن مرضيءَ جا مالڪ ريلوائيءَ وارا، شل پور پوين.“ هن عورت ڏي ڏٺو: هوءَ ان مهل ساڙهيءَ جي ورن کي سنڀالي نپوڙي رهي هئي. سويل وارو سڪل پاسو هن مهل بدن کي ويڙهي ڇڏيو هئائين. ان جو ڪيس وڏو تجربو هو، جو سندس جسم جو ذرو بہ اگهاڙو نہ پئي ٿيو. پر وري بہ الائي ڇو هن کي ڪرپ اچڻ لڳي. ”هيءَ مائي ڇا روز هتي هوندي آ؟“ هن چانهہ واري کان پڇيو.

”ها سائين، فقيرياڻي آ. اتي ئي پڙ ۾ رهندي آ، ڇو؟“

”هن کي ڪير روڪي ڪونہ ٿو، ائين سڀني سامهون وهنجڻ کان؟ يا اهڙي حرڪت ڪندي، اهي آلا ڪپڙا سڪائيندي؟“ هن کي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ هو ڳالهائي ڇا پيو.

”نہ سائين، پوڙهي آ، ڪهڙي جوان آ، هونئن ئي بہ گهرن ۾ تہ پوڙهيون عورتون، اسان جي ترجون تہ ائين ئي وهنجنديون هيون.“

”ڪٿان جو آهين تون؟“

”اتر جو. ۽ توهان.“

”مان بہ اتان جو آهيان.“

هو نہ چاهيندي بہ ها تو ڪري ويهي. چانهہ وارو

۽ هن سان اينگهجي پيو آ. شايد سڄو ڏينهن ڪنهن جي سنگت نصيب نہ ٿي هئس الائي ڇا.

هو چاهڻ جي باوجود بہ چانهہ واري جي ڳالهہ رد ڪري نہ سگهيو هو. ڪيس ياد آيو: ’اڳي جڏهن گرميون زور هونديون هيون ۽ غربتن جي زماني ۾ هڪڙو ئي برسو هوندو هو تہ هن جي ماءُ ان جي هيٺان منجهند جو سيني سامهون ئي ڪپڙا پائي وهنجندي هئي ۽ پوءِ آلا ڪپڙا سڪائيندي هئي. تڏهن هن کي برسي جو ڏٺيو هلائڻو پوندو هو ۽ پوءِ روز شام جو گيڙو ڏياري وهنجڻ ڪان پوءِ ماڻس هن کي ڪائڻ لاءِ ٽول ڏيندي هئي. کيس گيڙو ڏيندي ڏاڍو تڪ ٿيندو هو ۽ پوءِ ٽول ان تڪ ۾ ڏاڍو مزو ڏيندا هئس.

”اڄ گرمي ناهوڪي آ.“ هن وري ڳالهائڻ چاهيو،

”ها، سائين. چيٽ جا ڏينهن آهن. ڦڳڻ ۾ تہ اڃا....“ چانهہ وارو تہ الائي ڇا ڇا پيو ڳالهائي.

هو وري مائيءَ ڏانهن ٿو ڏسي: هن هاڻي ڪپڙا گهٽو ڪري پائي، وارن کي پٺي ڇنڊيو. وار ڇنڊيندي هوءَ کيس وري عجيب لڳي.

’هوءَ وار بلڪل امان وانگي ٿي ڇنڊي. امان بہ اڻين ئي گيڙو ڏياري، پوءِ وارن مان ڇنڊڪا ڪيائيندي هئي. پر مان امان سان هن جي مشابهت ڇو ٿو ڪيان؟ هوءَ وهنجندي هئي تہ بہ گهر ۾. ڪهڙو هن وانگر سيني سامهون نل هيٺان ويهي رهندي هئي.‘

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن کي وري ڪرپ ڏيڻ لڳي: 'ڪني، واهيات.
الاهي چا پئي ڪري. اڇي مون ڏي ته چار آنا ڏئي
ذليل ڪيانس ته هي جي پليٽ فارم تي هار سينگار
وارو سسٽم ڪيو ويٺي آهين ته ڇا به ڪٽي ڪر،
آهين اها نڪي جي فقيرياڻي. سؤ سؤ ڪري سينگار ته
به ڪوڏڙو پٽ ڪوڏڙي جو. پر مان هي سڀ سوچان
ڇو پيو؟ ان ڪري جو ان مائيءَ کي ائين نه ڪرڻ
گهرجي. پر ڇو نه ڪري؟ .... آخر ڪٿي وهنجندي ....
ڪٿي به وهنجي ائين سڀني سامهون وهنجڻ ڪو حج
فرض اٿس ڇا؟ پر هوءَ ته پوڙهي آ .... پوڙهي آ ته
ڇا ٿيو؟ اڄڪلهه دور وري ڪهڙو چڱو آ؟ هتي پليٽ
فارم تي ڪيترائي ننڍا ننڍا ڇوڪرا ۽ پار پيا ڦرن،
انهن سڀني کي ڪارڻ لاءِ اهڙيون عورتون ئي ته
هونديون آهن. ڪا لڄ اڇيس ٿي؟.'

ان مهل پليٽ فارم تي گاڏيءَ لاءِ اناؤنسمنٽ
ٿي ٿئي. هڪدم ماڻهن ۾ چرپر سڄاڳي ٿي اچي ويئي.
هو ڪيسي ۾ دٿ تو وجهي ۽ ان مهل اها مائي وارن
کي صاف ڪري، پوتڙي جي ڪنڊ سان منهن اگهي
چانهه واري وٽ ٿي اچي. ويجهو اچي هوءَ چانهه واري
کي اشارو ٿي ڪري: ”منهنجو حصو؟“

چانهه وارو مرڪي ڪيس ڏسي، اندر خاني ۾ رکيل
ٿالهي تو ڪيڍي ۽ غور سان تو ڪيس ڏسي. هوءَ هينئر
ڪجهه صاف آ، بلڪل فريش، ڪنهن معصوم انسان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيان. هن جو هٿ قميص جي پاسيري کيسي ۾ آڏيءَ
تي ڇمي ٿو وڃي.

چانهه وارو ٿالهيءَ ۾ چار پئسا رکي، فقيرياڻيءَ
کي ڏئي ٿو. مائي، ٿالهي سامهون رکي، ان سامهون
جهڪي ٿي: "مٺا مالڪ، بيشڪ تون ئي رزق ٿو ڏئين"

هو دل ئي دل ۾ ٿو پڙڪي: 'هونهن، اتي وري عبادت
پئي ٿئي. اهڙي ئي آهي ته پوءِ ائين ڇو ڪيائين.'

هو عورت ڏانهن وڌي ٿو. هن ڏانهن ڏسندي، هو
ويجهو اچي ڪجهه ڳالهائڻ ٿو گهري، شايد کيس
ذليل ڪرڻ لاءِ دل ئي دل ۾ جملا ٿو گهڙي ۽ ان
سهل ئي هوءَ کيس ويجهو ڏسي، پاڻ ڏي ڏسندي، پڇي ٿي:
"ڪائيندين پٽ؟"

هن جي زبان کي ڄڻ ڪلف لڳي ويو. هن پاڻ
ڏانهن وڌيل ٿالهيءَ ۾ پيل ٽن پئسن ڏانهن نهاريو.
کيس لڳو ڄڻ هن عورت ۽ هن جي ماءُ ۾ ڪو فرق
ئي ڪونه هو ۽ ڄڻ هيٺر ديٺر هن ڳيڙو ڏئي بس
ڪئي هئي.

هن کيسي مان هٿ ڪڍي، رپيو مائيءَ جي تريءَ
تي رکيو: "تون کاءُ امان!"

۽ تڙتڪڙ ۾ ايندڙ گاڏيءَ ڏي هليو ويو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محبتن جو شهر پڙي ميل

پڇاڙي:

وقت سرڪندو رهيو. مان درياءَ جي ڀاھرئين لوهي پُل تي ٿيندو، هٿ ڪي هيٺ مٿي ڦيرڻ لڳس. لوهه جو اهو حصو جت منهنجو هٿ پهتو تي، هٿ پهچڻ کان پهرين ٺنڊو هو ۽ پوءِ گرم پئي ٿي ويو. پانيءَ: هي منهنجو وجود نه آ، ڪو رجيل لوهه پيو ٿو لڳي، هر پهچندڙ جڳهه کي گرم ڪندڙ.

هوءَ مون ڏي ڏسندي رهي، مان ڪيڏي ڪيڏي مهل کيس ڏسي رهيو هئس، نه ته ڪنڌ هيٺ ڪيو هئم، پرسان ڪير پئي لنگهيو، ڪهڙو گوڙ اسٽيشن تي مچيل هو، مون کي ڪوبه ته؛ احساس نه هو. ها، هڪ پڪ هئي ته هن مهل رات هئي ۽ هوءَ هن گاڏيءَ ۾ ڪاڏي وڃي رهي هئي.

مون ڪنڌ مٿي ڪنيو.

”توهان ٽڪيٽ ورتي آ؟“

”ها“. هوءَ هاڪو مرڪي، اڻ لکي مرڪ.

”ڏسان؟“ مون هٿ ڊگهيريو.

”نه ته“. هن وري مرڪي، منهنجي ڊگهيريل هٿ کي جهلي ورتو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سمجهيم، مون کي ڏيکارڻ نہ تي گهري تہ هن جي منزل هاڻي ڪهڙي آ. دنيا ايڏي وڏي آ، ان جو احساس هيڏن لمحن ۾ ئي ٿيندو آ. ان مهل ئي گاڏيءَ وسل هنئي. هن منهنجي هٿ کي جهلي، ٽورو ڇڪيو. مان ڏانهس ڇڪجي ويم، ڇڻ ڪنهن ڏور سان ٻڌل ڪو لغڙ هجان، جنهن جو پيو ڇيڙو هن جي هٿ ۾ هجي.

هن منهنجي هٿ جي پٺ کي تڪيو. گاڏيءَ ٻي وسل هنئي ۽ چرڻ شروع ڪيو. هن ست ڏئي منهنجي هٿ کي ويجهو ڪيو. مون ڏي پريل نظرن سان ڏسندي، منهنجي هٿ جي پٺ تي پنهنجا چپ رکي ڇڏيائين. مان گاڏيءَ سان گڏ ڊوڙندو رهيم. هن روئي ڏنو. تيز ٿيندڙ لمحن ۾ مون هن جو آواز ٻڌو:

”مون کي توسان محبت آ مهدي!“

منهنجو هٿ هن جي هٿ مان ڇڏائجي ويو. ڊوڙندي ڊوڙندي گاڏيءَ مون کي اتي ئي ڇڏيو، مون ويندڙ گاڏيءَ پٺيان ڏوڙ کي تڪيو، ۽ پنهنجي هٿ جي پٺيءَ تي چپ رکي ڇڏيا.

شروعات:

ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ تہ ٿيندو آهي تہ انسان ڪنهن سان نہ چاهيندي بہ ملي ويهندو آ، ڪجهہ ڳالهائيندو آ، هرويرو سرڪندو آ ۽ پوءِ اڪيلو ئي بہ اڪيلو نہ رهندو آ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سان هن هيڏي ساري محفل ۾ اڪيلو هئس:
'لوڪان نون ٻانوين رانجها چاڪ منجي دا'. ڪاٻه رُت
پن ڇڻ ڪان سواءِ نه هئي ۽ هتي ته هرڪو ڇڻ ڪريل
پن هو، ڪڙڪ ۽ هوا لڳڻ ساڻ آواز ڪندڙ. حسن
جي هوا زور هجي ته پوءِ هرڪو ڪيئن نه شوخيءَ
سان ڀرپور هوندو!

اتي ئي مون ٻڌو، منهنجي ڀر ۾ ويٺل، هڪ
ڇوڪريءَ ٻيءَ سان سرڳوشي ڪئي، "اهو جيڪو
ڪاري ٽري پيس ۾ آ نه...."

"ڪهڙو؟"

"اهو ئي برائون اکين وارو".

"اهو اسمارٽ!" هوءَ مرڪي.

"هونهن، شڪل تي نه وڃجانس، ڪرتوتن جي
خبر پوئي نه، ته منهن ئي نه لڳائينس".

"ڇو؟"

"most corrupt، آ"

"ها پر، ڳالهه ڪهڙي هئي جو تو ان ڏانهن
اشارو ڪيو؟"

"اهو ئي اياز مهدي!"

"شڪل سان ته ڏاڍو مسڪين ٿو لڳي".

"ها، شڪل سان".

هوءَ مرڪي، سان ان سڄيءَ ڳالهه ٻولهه ڪسي
خاموشيءَ سان ٻڌندو رهيس. الاءِ ڇو هڪ هڪ لفظ

مون کي چيڙي رهيو هو، ۽ ان مهل ئي مون ڏنو، هوءَ الاءِ ڪير هئي، هنن ٻنهي جون ڳالهيون ٻڌي، مون ڏي نهاري رهي هئي، ۽ مون ڏڪدم اکيون پري ڪري ورتيون.

اسان ڏني الوداعي پارٽيءَ ۾ گڏ ٿيا هئاسين، اسان جا ڪجهه پروفيسر بدلي ٿي ويا هئا، سان ڊاڪٽريءَ جي فائنل مان هاڻي نڪتو هئم ان مهل ساني پڻي هلي، مان رڳو ڪافيءَ جو هڪ مگ گهرايو ۽ ان مهل اتي بيٺي هلڪا ڏڪ پري رهيو هئس.

آهي هيون ٻه ٽه سچيون، مان سڄي ڪاليج ۾ ٻن شين ۾ مشهور هئم: سمارٽنيس، ڇوڪرين ڦاسائڻ ۽ پڙهائيءَ ۾ ٽاپ ڪرڻ ۾. ۽ ان مهل اوچتو اسان جو هڪ پروفيسر مون ڏي هليو آيو.

"مهدي، Come here" هن مون کي ٻانهن کان هلڪو ڇڪيو.

"Meet her, she is one of my best students. Now she is at house. I wanted her to meet you because since she has left I have never seen any student as brilliant as of her calibre except you".

هن مون ڏي ڏسي مرڪيو: "۽ ڪشف، هي اياز مهدي آ، نئون هائوس تي آيل آ".

مون تـوڏي ڏسي، پنهنجي ڪنڌ کي ڪجهه

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جهڪايو. تـو پنهنجي مرڪ جي گول ڪـي ڇڻ اچا
وڏو ڪري ڇڏيو. منهنجي دل چيو، مـان ائين ئـي
ڪنڌ جهڪايـو بيٺو هجان، ۽ تـون مرڪندي رهين،
پر ان مهل ئي ڇڻ ڪنهن ڪـن ۾ سرباٽ ڪئي:
”هوشيار تـي مهدي، پهرئين ملاقات ۾ ائين ڪيئن
تو ڪرين؟“
”توهان جي ذهانتن ۽ ايڪٽيوٽيز جو مون ڏاڍو چوبول
ٻڌو آ“.
تو غور سان مون ڏانهن ڏٺو، سمجهي ويم، تنهنجو
اشارو ڪيڏانهن هو.
”بلڪل ٻـڌو هوندئي“. مـان جيستائين ڪيچان
ڪيچان پروفيسر صاحب ڳالهائي وينو:
“Geniuses are always glitering.”
۽ مون دل ۾ سوچيو، سرڪار، توهان کي ڪهڙي
خبر، هي جو ذهانتن جو پرچار اوهان سمجهو پيا، سو
ناهي، مي تہ بلائي ڪا بي آ.
“Sure Sir.” تو وري مون ڏي ڏٺو، مون ڪنڌ
جهڪائي ڇڏيو.
”هائوس جاب پريشرائيز تہ نہ ڪيو آ نہ؟“
”نہ تہ، مان ڪڏهن بہ اندر پريشر نہ تيندو آهيان“.
مون توسان پهريـون جملو ڳالهايـو، ۽ ان مهل
دل جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ڪنهن چيو، ’مهدي، محبتن
جو شهر پڙي مائيلز، حدون اچي ويون تئي، سپ فاصلا

لتاڙي آيو آن، هي ان شهر جي حدن جي شروعات آ.

۽ ان مهل ئي تو ايڪسڪيوز ڪري ئي هڪ ڇوڪريءَ ڏانهن توجهه ڏني، ۽ سون پنهنجي دل کي دڙيو 'چرياڻ، ڪو به شهر ايندو آ ته پهرين گهڻو ڪري ڪچي آبادي ايندي آ، پوءِ شهر جي وچ تي خوبصورت علائقا هوندا آهن. ڊچ نه، پهرين ڪچو ته لتاڙ'.

ڪهاڻي:

انسان ازل کان وقت جو ماريل آ، اها مار ڪڏهن ڪيئن هوندي آ، ڪڏهن ڪيئن. پوءِ ڪو ئي اهڙو ڏک پچائي وجي ۽ ڪو نه. سون هميشه پين جي تجربن مان سبق ورتو آ. مان اياز مهدي، پنهنجي ڪاليج جي مشهور 'فگر'. هن عمر ۾ اچي به الائي مان ڪيئن پيو هلان. اچا ڪجهه ڏينهن اڳي ئي ته سون هڪ ڪيڪ تي 24 ميڻ بتيون وسايون هيون. ڪير چوندو، اهو ٻاراٽي ڏيک ويک وارو انسان ڪو Polished doctor هوندو.

منهنجي هاڻي ڪاڻي ئي اهڙي آ. ٻاهران مرڪندڙ چهرو ۽ ان چهري ۾ مخصوص ناسي اکيون، خوبصورت نقش، اهو سڀ حسن سون کي منهنجي بابا ۽ امان ٻنهي مان حصي داريءَ سان مليو آ. منهنجا وار نرم ۽ نقش امان جهڙا آهن، جسم بابا وانگر خوبصورت آ،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ ان سچي ڳالھہ جو مرڪز منهنجيون اکيون آهن،
پرڀور چھڪندڙ.

منهنجو بابا ۽ امان پاڻ ۾ ڪڏھن بہ نہ ٺهيا.
ڪين هميشه پنهنجي پنهنجي پئسي جو نشو هو. هرهڪ
سمجھندو هو تہ مان وڌ آن، ۽ پوءِ انهن جي جهيڙي
منهنجو سر رلائي ڇڏيو. مان سڀني سامهون تہ ڀرپور ۽
خوشگوار زندگي گذاريندو هئس، پر مون سان اندر ۾
ڇا هو، اها ڪنهن کي ڪهڙي خبر! منهنجي بابا کي
ٻاهرئين ملڪن جي چڪرن کان فرصت ئي نہ هوندي
هئي، ۽ منهنجي اسان مون کي ان ڪري چمي نہ
سگهندي هئي جو هن کي هروقت ڪنهن نہ ڪنهن
Social activity ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ وڃڻو هوندو هو
۽ مون کي چمڻ سان هن جي لپ اسٽڪ خراب ٿيڻ
جو خطرو هو. ڀلا هن وٽ وقت ڪٿان آيو جو هر هر
پنهنجو ميڪ اپ درست ڪري ها.

۽ مان ائين ئي وڌو ٿي ويس، الف ليليٰ جي ڪنهن
ديو جيان، هيڏو ڏانگو، ڇڻ منهنجي وجود کي ڏاڪا
لڳي ويا هئا. مان هر مهيني بابا جي Draft جو ڪڏھن
انتظار نہ ڪيو، مون کي ڪڏھن بہ اها صحيح خبر
نہ هئي تہ مون وٽ گهڻو پئسو آ. بس ڪتاب هوندا
هئا ۽ مان هوندو هئس. ۽ پوءِ ذهانتن ۽ پئسي ملي
مون کي ريڙيءَ جو ڪو پيالو ڪري ڇڏيو، ڇئن ئي
طرفن کان مون تي چوڪريون ڪرنديون هيون. مان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تہ الاءِ چو ڪنھن سان بہ فري نہ تي سگھندو ھئم، ھو پاڻ ئي منھنجي ڪئي ھونديون ۽ ان ڳالھہ ڪاليج ۾ مون کي ’جوءَ‘ مان جعفرا ڪري ڇڏيو ھو.

ھي وقت ھيسٽائين ڪيڏي نہ اطمينان سان گذريو ھو. ڪابہ ڇوڪري ايڏو ويجھو نہ تي آئي جو ذھني حدن کي ٽوڙي دماغ ۾ ويھي رھي. ھرڪا ايندي ھئي تہ دل کي پسند. ھن ڪشف ۾ الاءِ ڇا ھو جو دماغ ۾ گھڙي وئي ھئي.

ان ڏينھن ڏاڍو مينھن وسيو ھو. سڄو ڪاليج ڀڳل ھو. موسم بيحد خوبصورت ھئي. مينھن وسڻ ڪان پوءِ آس نکري آئي، ھرڪا شيءِ چمڪدار ھئي، بلڪل روشنيءَ ۾ ٻڏل.

مون ڪار پارڪ ڪري، چاھيو جو چلو ھٽن تي ويڙھيندي وارڊ جو رخ رکيو. اوچتو مون کي محسوس ٿيو روڊ تي ڪجھہ پاڻي ھو، ايترو جنھن ۾ پير ٻڏي وڃي ۽ شايد ان ڪري ئي ڪنھن اتي ھڪ وڏو پٿر رکي ڇڏيو ھو تہ جيئن ماڻھو ٻئي پر وڃي سگھي.

۽ ان مھل ئي، جنھن مھل مون اھو پاڻي ٽپڻ گھريو، پريان ڪنھن پنھنجو پير وڌايو، مون ڪنڌ کڻي ڏانھس ڏٺو. ھوءَ ڪشف ھئي، خاموش نگاھن سان مون ڏي ڏسندڙ. ۽ ان مھل ئي من ۾ تري آيو ’اياز مھدي، ھي ڪاليج جون ڀتيون ايڏيون چمڪيدار ڪونھن، جيڏيون ھن جون اکيون آھن‘. مون ھڪدم

سندس نظرن ۾ نهاري ڪنڌ ڦيري ڇڏيو، ۽ پاڻ پوئتي هٽي ويس. هوءَ هلڪو مرڪي ۽ اڳتي وڌي آئي.

”هلو“ سندس مرڪ ڏاڍي روشن هئي، بلڪل ائين جيئن سامهون ڪار پارڪنگ جي ڇت ۾ لڳل پٿر پئي چمڪيا.

”هلو!“ مون گيٽ ڏني. ’هاڻي ڇا ڳالهائبو؟‘

”وارڊ ڏانهن؟“ هن سوالي نگاهن سان ڏٺو.

”ها.“ مون مرڪيو، هن ڪجهه نه ڪڇيو، بس ڪري هلي وئي، مان به سڌو رخ رکيو. مون کي لڳو جڻ مان هڪدم ڏاڍو خوش ٿي ويو هجان، منهنجو موڊ ڏاڍو شوخ ٿي ويو، وارڊ ۾ گهڙڻ سان ياور، منهنجو پارٽنر مون سان ٽڪرائجي ويو.

”ڪيئن آهين لاڏلا؟“ هن مون کي ٻانهن ۾ جڪڙيو

”فس ڪلاس!“ مون مرڪيو.

”ڇا پيئي ڇيئي ان نئين ليلا کي منهنجا مجنون؟“ هو شوخ مرڪيو.

”تون نه صفا وائي آنو آهين يار. ڇا چوندم؟ هن رستو ڪراس ڪري سلام ڪيو، مون جواب ڏنو مانس.“

”ايڏي دير ۾ رڳو سلام جواب ٿيا؟“

”ها.“ مون ڪجهه رکو جواب ڏنو، هو مون ڏي ڏسندو رهيو، سمجهي ويو ته مان پنڙيءَ تان تو لهان.

”ڇگو تون وارڊ ڏانهن هـل ، مان پاهران تـي تو اچان.“

مون ڪجهه نـه ڪڇيو ، بس ڪري هليو ويـم ، هونئن پيون سڀ تہ الاءِ ڪيئن لڳنديون هئم جو انهن بابت ڀاور سان خـوب بحث ڪندو هئم، هـن ڪشف لاءِ شايد ڪا ڳالهہ ٻڌڻ نہ پئي چاهيم،

۽ پوءِ هوءَ منهنجي اندر ۾ لهي آئي، ڪنهن اداس شام جيان. ڪجهہ وقت کان پـوءِ هن کـي منهنجي وارڊ ۾ رجسٽرار مقرر ڪيو ويو هو، پوءِ تہ هن جو ۽ منهنجو ساٿ جڻ گهرو ٿي ويو. اسان ڏيهوني ڏيـڻ سهل هڪٻئي کان الڳ ۽ پوءِ هڪٻئي سان ساڻ هاڻ لڳاسين. اوائلي لمحن ۾ هـن مون سان اکر نـہ تـي ڪڇيو، پوءِ آهستي آهستي ڳالهائڻ لڳي. ڪجهہ ڪلي تہ مون کي پنهنجي باري ۾ سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيائين، اهوئي پراڻو فسانو تہ هوءَ پنهنجي ماءُ پـيءُ جي ٽن ڌيئن ۾ وڏي هئي، ڪيس ڀاءُ ڪونہ هـو ۽ پاڻ مـاءُ پيءُ جي وفات کان پوءِ گهر کـي سنڀالي رهي هئي. شروع ۾ مان هن کان ڪافي پري هئم، ۽ پوءِ، آخر هو ۽ مان ايترو ويجهو آياسين جو مان کيس گهر جي ٻاهران ڪٽندو هئم ۽ موٽ ۾ ڊراپ ڪري ويندو هئم.

هـوءَ وارڊ مان رائونڊ هٽي موٽندي، مـون وٽ ڪجهہ لمحن لاءِ ترسي پئي، مان ان مهل هڪ ايمرجنسي ڪيس ڏٺتان هئم، هوءَ مون تي جڻ اٽڪي پئي هئي.

مون ڏانهن ڏسندي چيائين:

”اڄ ڊيوٽيءَ کان پوءِ بازار هلنداسين.“

مون ڪنڌ کي ها ۾ لوڏيو. هوءَ هلي وئي. ۽ منجهند جو تڪل قدمن سان بازار ۾ هلندي، هن، مون ڏانهن غور سان ڏٺو.

”بور ته ٿئين؟“

”نه ته.“ مون مرڪيو.

”اڄ مون کي ڪجهه شيون وٺڻيون آهن. منهنجيون ٻه ننڍيون پينر ٿيون مڱڻيون، انهن جي مڱيندن لاءِ ڪجهه وٺنداسين، سوچيم تون ايڪسپرٽ ته لڳين مرداڻي Choice خوب ايندي هوندءِ.“

هن جملو پورو ڪري پنهنجي مخصوص انداز سان مون ڏانهن ڏٺو. مان رڳو مرڪندو رهيس، هوءَ سانڻ دلي پئي ته ڇڻ سڄي بازار ئي هن جي اکين ۾ هئي. مان هن سان خريداري ڪندو رهيس. هن ٻه سوٽ پيس ورتا، هلڪي آسماني رنگ جا. سوڏندي هن مون ڏانهن نهاريو:

”تڪجي پيو آهين؟“

۽ مون کلي ڏٺو، ”ها، ڏاڍو.“

”اڄ ڪوڪ ته پيئون.“

هن بازار جي ٻاهران ڪار پارڪنگ وٽ بيهي، منهنجي گاڏيءَ ۾ سامان رکندي بوتلن واري ڪي اشارو ڪيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”تون خاموش ڏاڍو رهندو آهين.“

”ڇا ڳالهايان؟“ سون وٽ ڳالهائڻ لاءِ ڪجهه هوندو ئي نه آ، سواءِ سبجيڪٽس جي.“

”تنهنجو منگيتر ٺيڪ آ؟“

”ها، پنهنجي امان جي پسند تي، هڪ بيوروڪريٽ جي ڌيءَ سان.“ سون ٻوٽل ونئي، ان جي منهن ڪي آڱوٺي سان صاف ڪيو.

”هي منهنجي ڀينرن جا منگيندا آهن نه،“ هن ڳالهه بدلائي، ”ڏاڍا سٺا ڇوڪرا آهن، بيحد پيارا. خدا ڪري هو ٻئي انهن سان سکي رهن.“

”ها، خدا ڪري.“ سون ٽهڪ ڏنو.

”انهن جي شاديءَ ۾ تون منهنجي هيلپ ڪجانءِ!“

”ڪڏهن آ؟“

”مهينو ڪن پوءِ.“ هن وڏو ٽهڪ ڏنو، ”بس مهينو، پوءِ مان ان بار مان آجي هوندم.“ هن شوڪارو ڀريو.

”ذميواريءَ جو احساس به ڪيڏو نه عجيب هوندو آ.“ سون کي سمجهه ۾ نه آيو، مان ڇا چئي ويٺو هئم.

”ها، پر تون ته پاڻ ڪا ذميواري منگيو ويٺو آهين.“ هوءَ مرڪي. سون ٻوٽلن جا پئسا ڇوڪري کي ڏئي هن ڏانهن ڏٺو هن جو ڪنڌ ڦريل هو. سون بس ڪري گاڏي اسٽارٽ ڪري ڇڏي. گاڏي هلائيندي سون هن ڏانهن ٽيڏيءَ اک سان ڏٺو، هوءَ دريءَ کان

ٻاھر ڏسي رهي هئي.

ٻاهر ڏسندي ئي چيائين: ”اڄ تون مون کي ٻاهران دراپ ڪري نہ وڃجانءِ. اڄ اندر هلئو ٿئي.“

مون ڪجهہ نہ ڪڇيو، خاموشيءَ سان گاڏي هلائيندو رهيم، هوءَ بہ چپ هئي، گهر اچي، سامان لاهي، ڪٺندو، هن سان گڏ اندر گهڙيس تہ پريان دڪ ڇئن پنجن سالن جي ٻارڙي ڊوڙندي اچي سندس چولي جي ڪنڊ کي چنبڙي. ڪشف ڪلهي جو بيگ اتي رکي، کيس هڪدم هنج ۾ کنيو.

”اسان جي عاشيءَ ياد ڪيو هو اسان کي.“

”ها آپي، ڊير سارو،“ هن ٻانهون ڊگهيريون.

”ادا سان مليا آهيو، سلام تہ ڪيو نہ.“ هن ننڍڙيءَ جو توجہ مون ڏانهن ڪيو.

”شا ماليڪم.“ هن هٿ پيشانيءَ تي رکيو، مون کيس ٻانهن ۾ کڻي، ڳلن تي پپي ڪئي. هوءَ ڊوڙندي اندر هلي وئي.

”اها منهنجي هڪ ڪزن جي ڌيءَ آ، پاڻ ۽ مڙس هڪ حادثي ۾ مري ويا، مان ئي ان کي پاليندي آن.“

دوءَ ڳالهيون ڪندي اندر هلي آئي. مان سندس پريان پويان ايندو رهيم.

”اڄ اياز، هيڪ نہ.“

اندر آياسين ته ٻه ڇوڪريون هن کي ڏسي ڏانهس وڏيون. ”توهان اچي ويٺو آپي!“

”هونهن“ هن بئگ پريان صوفي تي اڇليو.

هن مون کي سلام ڪري، سامان ميڙڻ شروع ڪيو.

”ويهه اياز.“ ڪشف مون کي اشارو ڪيو، ”هي اياز مهدي آ، منهنجي ئـي وارڊ ۾ Posted آ، ۽ هي ٻئي منهنجيون لاڏليون آهن، شفق ۽ مرڪ.“

”هن خاندان جي هرهڪ ماڻهوءَ جو نالو آرٽسٽڪ آ.“ مان الاءِ ڇو چئي ويٺس. هو سڀ مرڪي اٿيون، ٻئي ننڍيون ڀينر سامان کڻي اندر هلي ويون، مان هن ڏانهن ڏسندو رهيس، هوءَ صوفي تي اڻين ئي آهلجيل هئي. مون کي پاڻ ڏانهن ڏسندو ڏسي مرڪي پئي.

”ٿڪجي پئي آهيان.“ هن ڳالهايو، ”هڪ ته تون خاموش ڏاڍو هوندو آهين، خبر ناهي الائـي ڪيتريون ڳالهيون، تنهنجي من ۾ پڄي ڀري ويندڙيون هونديون.“

”نه ته، ائين ته ناهي.“

”ڇو، تون خواهشون من ۾ ڪونه رکندو آهين ڇا؟“

”مون ائين ته نه چيو، منهنجو مقصد آ، مان ننڍڙي هوندي ڪان ئـي ائين آن، ڪجهه رشتن جـو خلوص وڏيڪ مليل آ نه!“

”اهو خلوص مون کي به ڪجهه گهٽو ئـي مليو آ، ڇا چوان توکي، ڪهڙي ڳالهه ٻڌايانءِ، الاءِ ڇو

ٻن تو ٽي ڀروسو ڪيو آ، تہ تون ايڏو ويجهو آيو آهين نہ تہ .... اڄ گرمي ڪافي هئي نہ مهدي؟"

هن هڪدم لهجو بدلائي ڳالهہ ڦيرائي، مون ڏٺو، پريان مرڪ ڪمري ۾ گهڙي رهي هئي. منهنجي دل چيو، ڪاش هوءَ نہ اچي ها، اسين ڪجهہ تہ ڳالهائي وٺون ها.

هن جون پينٽر ويڙون تہ سڄو گهر چڻ ڪيس ڪائڻ ڪائڻ لڳو. هاٽي هو بہ ڪير اتي، رڳي ڪم واري مائي ۽ عاشي. مروتون جڻ سڀ منهنجي جهوليءَ ۾ اچي ڪريون هيون. مان ڏينهون ڏينهن هن جي ويجهو ايندو ويم، اسان جي وچ ۾ جڻ پيپر وال هئي، ويجهو آياسين تہ ڏڪ سان پرزا پرزا ٿي وئي.

اسان ٻئي ٻاهر نڪتاسين، مون رڪشا ڪي هٿ ڏنو، هن مون ڏي نهاريو.

"اڄ گاڏي ڪانهي، خراب آ، هن ۾ ئي ٿا گهر هلون."

هوءَ مان ڪري چڙهي ويئي مان رڪشا واري کي جيستائين ڪجهہ چوان چوان هن چئي ڏنو: "ناولٽي."

رڪشا هلي تہ هن مون ڏانهن ڏٺو. "اڄ فلم تي ٿا هلون، واندو آهين نہ؟"

مون ڪنڌ سان ها ڪئي. رڪشا هلندي رهي. ڊرائيور جي سيٽ، پٺ وٺان ڪجهہ ڦاٽل هئي، مان ڦاٽل سيٽ جي نڪتل فوم کي پٽڻ لڳس. رڪشا ۾

جهنجهڻ لڳل هئا، جهاڪا پئي آيا ته ڪڙڪي ٿي اٿيا. ٻاهر روڊ جڻ خوبصورتين ۾ وهنتل هو. پريان مختلف بنگلن جي گيٽ ڪان ٻاهرين لان ۾ خوبصورت گل هئا. منهنجي اک ڏاڍي روشن ٿي وئي هئي. هاڻي ته جڻ هن جي قربت منهنجي نظر ئي وڌائي ڇڏي هئي. رڪشا واري کي واندو ڪري مان هن پويان سنيما ۾ داخل ٿيس. هوءَ هڪدم عورتن واري دريءَ ڏانهن وڌي. مون هن کي روڪڻ چاهيو.

"ڇو؟" هن پرون ڳتيا.

"بس، ائين ئي."

"هي پروگرام ڪنهن جو هو؟"

"توهان جو."

"پوءِ؟"

مان سمجهي ويس، هوءَ ڇا چوندي. بس ڪري الڳ ٿي بيٺس. هن ٽڪيٽ ورتي، مون سان گڏ گئلريءَ جو رخ رکيو. سنيما ۾ ڏاڍي رش هئي. ٻاهرين پوسٽرن تي جڻ مارا ماري ڪئي هئي. هن هيڏي ساريءَ رش ۾ منهنجو هانءُ پوسائجڻ لڳو. اندر هال ۾ مان ڪنڌ ڪان وينس ته هوءَ منهنجي پاسي ۾، ته سندس پريان عورتون ويٺل هيون. هال ۾ اونده هئي. سلائيڊز پئي هليون. مان ان اونده ۾ واريءَ جي ذرن جيان وکرجڻ لڳس. هوءَ منهنجي ساه ۾ ڪنهن خوشبوءِ جيان گهڙندي پئي وئي، مان اسڪرين ڪان جڻ پري ٿيندو ويس. نظرن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو رابطو دل ۽ دماغ کان ڪٽجندو ويو. دل ان
سهل ڪٺهن ٻار جيان ضد ڪرڻ لڳي. هوءَ مون کان
ڪجهہ انچ ڏي تہ پري هئي. هن جو هٿ ڪرسيءَ
جي ٻانهن تي جرڪي رهيو هو. سندس هٿن جون آڱريون
خالي هيون. ۽ اتي بي ساختہ منهنجي دل ۾ آيو
'ڪاش اتي منهنجي نالي جي منڊي پيل هجي ها!'
وقت سرڪندو رهيو. سامهون ڇا پئي هليو، مون کي
ان جي ڄاڻ نہ هئي، بس نظرون سامهون ڪتل هيم ۽
ذهن هن جي وجود ۾.

"اڄ مرڪ جو خط آيو هو."

هن جي جملي، منهنجي سڄي ڪائنات کي ڄڻ
ڊانوانڊول ڪري ڇڏيو. سان ڪيس ڊيڪارڻ لاءِ
مرڪي اٿيس.

"هونهن." وات جنهن مهل ٻالهائڻ کان انڪاري
هوندو آ تہ ائين ئي جند ڇڏائبي آهي.

"ڏاڍي خوش آ، ماشاءَالله."

هوءَ شايد سوچي رهي هئي تہ مان ڪجهہ چوندم،
پر منهنجي نڙيءَ مان تہ ڄڻ ڪنهن آواز چورائي
ورتو هو.

"هونئن."

هن مون ڏانهن غور سان ڏٺو. مون اکيون سامهون
اسڪرين تي ڄمائي ڇڏيون.

"تون چاق ناهين ڇا؟"

هن هڪدم مون کي ڇڻ واڙو ڪري ڇڏيو هو.
”نه نه، بلڪل ٺيڪ آهيان.“
شڪر ٿيو، منهنجو آواز منهنجي اڄ رکي ويو.
”مون کي ڇا سمجهندو آهين؟“
هن جي اها ڳالهه، جڻ ڳالهه نه هئي ڪو بم هيو، مون پنهنجا ڇتڙ اڏامندي ڏانئيا.
الائي ڪيئن چئي ڏنم: ”مان توهان کي ڪشف سمجهندو آن، پنهنجي وارڊ جي رجسٽرار، پنهنجي آفيسر.“
”بس؟“ هن جا چپ ڦڙڪيا.
مان سڄو ٿپي ويس. منهنجي دل چيو، ڪرسيءَ جي ٻانهين پٺي پنهنجي مٿي ۾ وهائي ڪيان. مون کي ڇا چوڻو هو، ڇا چئي ويهه، پر ان ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهه، انسان گڏوگڏ هوندي ڪجهه وڌيڪ اميد تي ويندو آ نه.
”نه.“ مون ڳيت ڏني، ”بس ڇو، توهان منهنجي Guide line آهيو، مان توهان جو سٺو ساٿي آهيان.“
هن جا نيڻ ڀرجي آيا ۽ ان مهل ٺي ٻئيون ڀري ويون، شايد انٽرول ٿيو هو. هن ڪنڌ ڦيري ورتو. سمجهيم، اکين جي آلاڻ کي اکين ۾ ئي جذب ڪندي هوندي. اسان ٻوتلون گهرايون. ان مهل وري اونده ٿي وئي. مون ڪجهه ڊڪ ڀريا. هوءَ بوتل کي نهاريندي رهي. مون کي ڪجهه نه سجهيو، ڇا ڪيان، الاءِ

ڪيئن اهو وقت گذريو پئي. سمجهيم فلم ڏسندي هوندي هن ڏانهن همٿون ڪري نهاريم، هوءَ اسڪرين تي نه ڏسي رهي هئي، بس بوتل ڪي ئي پئي تڪيائين.

مون هن جي هٿ کي خفيف ڇهيو، وقت جون واڳون جڻ منهنجن هٿن ۾ اچي ويون، مون هن جي پرس جي بٽڻ کي جهلي پڪڙيو. هرويرو هن جي ڏٿن جي بوتل جي ٻاهران پاڻيءَ جي قطرن کي اگهندو رهيس. لمحا ڍرا ٿي ويا.

ڏانهنس ڏسندي چيم، ”جيڪي قيدي هوندا آهن، انهن جو به ڪو مرتبو هوندو آ ڇا؟.... رتن جو ڪم ئي ماڻهن کي ڏنگڻ هوندو آ. اسان جهڙا مجهول ذات جي عرفان کان اڻ ڄاڻ هوندا آهن، ڪين تخت نشيني ڏني وڃين ته واڻڙا ٿي ويندا نه. اسين ته جهڙا فٽ پاتي آهيون، تختن تي اسان جو ڪهڙو گذر؟.... ۽ ان تي اوهان پڇو ٿا ته مان توهان کي ڇا ٿو سمجهان! اهو سوال، مون لاءِ جواب ڏيڻ ۾ ڏکيو آ. اهي سوال ته انهن کان ئي ڪبا آهن، جيڪي ذات جي آڌار تي هلن، مان ته اڻميو ناهيان، تيئن آن، تڏهن ته ان سوال جو صحيح جواب نه ڏئي سگهيس نه.“

”نه ته“ هن جو آواز سڏڪي سان ڀرپور هـ . جڻ هن جي وجود جي بوتل ۾ ڪنهن لوڻ وڌو هج ۽ ان مان گجي نڪرندي هجي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”توهان کي ڏکارو ڪيم ته ڀوءِ اهو جواب کهڙي ڪم جو.“

”ڀوءِ ٻـــ“

هن جي اکين ۾ الائي ڪهڙي آس هئي. سون هن ڏانهن غور سان نهاريو. دل ئي دل ۾ لفظ، ٽٽندا، ڀرندا نهندا رهيا. ساهه جهڙو نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو. ڳيت ڏئي چيم، ”توهان رڳو ڪشف آهيو، جيڪو منهنجي ذات تي الائي ڪيترا انڪشاف ڪندو آ.“

هن سان منهنجو ڪهڙو ناتو هو، سان ڇا چوان. ڪڏهن ڪنهن گل ۽ ان جي خوشبوءِ جي ناتي ڪي ڏٺو آ. ڪڏهن ڪنهن تڏين هوائن ۽ وڻن جي پنن جي لوڏ جي رشتي کي پرکيو آ. جيڏهن اها پرک سمڪن هجي ها ته ڀوءِ شايد منهنجو ۽ هن جو ٻـه ڪو رشتو نڪري اچي ها.

هوءَ منهنجو خيال رکندي هئي. اسان ڪٽ جي ٻانهين جيان، هڪٻئي کان هڪ مخصوص مفاصلي تي، پنهنجي انا جي ٻاين ۾ ڪپيل هئاسين.

سان هن جي ڊرائنگ روم ۾ ويٺل هئم. ٻاهر ٿڌ هئي، اندر آتشدان ۾ باهه ٻري رهي هئي. هن ڪافيءَ جا هلڪا ڍڪ ڀئي ڀريا. سان صوفي جي ٻنيءَ کي ٽيڪ ڏيو، هن ڏانهن ڏسندو رهيس. هن جا وار، سندس سنهن تي لهي آيا هئا ڪمري ۾ ڊيڪ جو هلڪو آواز هو، عطا الله عيسي خيلويءَ ڀئي شايد ڳايو:

ٻيڏي هجر ني ميڪون مار ڏڪائي نئين طاقت ڏرڻ ڪاڻ دي
نت ڏهاڙي مين راهه واجهايان، سڪرڪ ڪي تنهن ٻيولڻ دي
آملي سڄڻان مين اجڙي ڪون، وسي ڪوني ميڏي من دي
نت سعيدا پيران فقيران تي مين وتي هان مڱتان منگدي

منهنجون اکيون ٻوٽجنديون ويون، هي ڏک شايد انسان کي ڪنهن شيءِ کي ڏسڻ جي طاقت نه ڏيندو آ.

”منهنجي امان بابا، پٽ لاءِ ڏاڍيون مرادون باسيون هيون، پر چايوسين اسين ٽي ڀينر. اڃا ڪجهه جوانيءَ ڏي مس هلياسين ته هو وفات ڪري ويا، هڪ ٻئي پٺيان.“

هن مگ کي تڪيو.

”پوءِ؟“ مون گهيٽ ڏني.

”پوءِ اهو ته مرڻ ڪان پوءِ، مون کي بابا جي منهن ڏسڻ جي همت نه ٿي. سندس منهن ۾ آخر تائين به ته پٽ جي سڪ هجي ها نه، مان ڪتان آڻيان ها پنهنجي لاءِ پاءُ.“

مان آگرين مان نڪاو ڪيندو رهيس. هن خالي مگ ٽپائيءَ تي رکيو.

”ماڻهو سڪايل هجي نه ته سندس اندر خالي ڪوني تي ٻوندو آهي؛ بلڪل ان شاعريءَ جيان.“

”ها.“ مون ساهه کنيو، ڇڻ نئون جاڳو هجان ۽ اهو پهريون ساهه هجيم. هوءَ مون ڏي ڏسندي رهي.

”تو وٽ سويٽر ڪونهي ڇا؟ مون توکي هميشه ڪوٽ ۾ ڏٺو آ.“

”ها، ريڊي ميڊ سوئيٽر مان پائيندو ڪونہ آن ۽ ....“

”Hand made تو ڪي ماندا ڪونهن.“ هن هلڪي مرڪ سان منهنجو جملو پورو ڪيو، سون اکين ۾ هن جو عڪس چٽائي لاٿو.

”ها ۽ ان ڪري ئي سون وٽ رڳو ڪوٽ آهن، سوئيٽر ڪونهي.“

دل ۾ آيم چوانس، ’تون ناهي نہ تـي ڏئين‘ پـر ڪي ڪي جملا اندر ۾ ئي چئي ٻڌڻ لاءِ هوندا آهن.

”سون ڪي چئي نہ تو سگهين تہ تو ڪي ناهي ڏيان.“

هن چڻ سون ڪي گهوريو، مان وائڙو تـي ويس ڪنڌ جهڪائي ورتم.

”هان!“ هن چڻ اها ڳالهہ ورجائي.

”چوڻ وارو ئي هئس.“ سون جملو ڳنڍيو، چـڻ اهو نہ چوان ها تہ ڪو چير تي پويم ها.

هن مرڪي ڏنو، هن جي مرڪ چڻ ڪنهن انڊلٺ جو آخري چيڙو هئي، زمين جي ڪنهن مـدار کـي ڇهندڙ هوءَ مرڪندي هئي تہ سندس ڳـلـن ۾ ڊسپل پوندا هئا، سندس وار منهن تي لهي ايندا هئا، جن کي مرڪ ختم ٿيڻ مهل هوءَ سٽ ڏئي مٿي ڪري ڇڏيندي هئي. مان نہ تو سمجهان، هن ڪڏهن مرڪ خـتم ٿيڻ ڪان پوءِ ائين نہ ڪيو هجي.

”تو ڪي ڪهڙو ڪلر پسند آ؟“ هوءَ هاڻي ڏاڍي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سُنهي موڊ ۾ هئي.

"Sky blue, blue"

"Next week" مون کان Sky blue سوئيٽر ونجان"

"ماپ؟"

"ان جو ذڪر نه ڪر، مون کي اندازو آ"

مون ڪجهه نه ڪڇڻ چاهيو، بس ڪري ڪانئين کي پرندو ڏسي رهيو هئس. اڄ صبح ئي ته پارٽنر سان هن جي ڪري وڙهيو هئس. هو به عجيب انسان هو. الائي ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون ڪندو هو ڪشف جي باري ۾ ۽ اڄ صبح ئي مٿس الهام ٿيو هو ته ڪشف ڇوڪري آ. الاءِ ڪنهن ڪنهن سان الائي ڪهڙا ڪهڙا ناتا هئس.

ذهن ۾ پارٽنر جو خيال آيو ته الاءِ ڇو مون هن ڏي نهاريو، هوءَ مون ئي ڏسي رهي هئي. هن جي اکين ۾ جيڪي ڪجهه به هو، Corruption نه هو سان ڏسي نه سگهيم، ڪنڌ ڦيري ڇڏيم.

ڪڏهن ڪڏهن ائين به ته ٿيندو آ نه ته هي رتون ايتريون ڏکيون ٿي ويندڀون آهن جو انسان انهن مان ڪٽ ٿي، سندن ختم ٿيڻ جون دعائون گهرندو آ ۽ ڪڏهن ته الاءِ ڇو هڪدم سوڙهيون ٿي وينديون آهن. شايد انهن جو به قربتن سان گهرو تعلق آ، تڏهن ائين ٿيون ڪن نه.

سان هن سان ويجهو ٿي ويم. پر ايترو به نه جو

ڏک ٻئي سان ڏک ٻئي جي باري ۾ ڳالهائي سگهون. ڪيس عاشيءَ ڪي نيڙي ڪار وٺي ڏيٺي هئي، مون هن سان گڏ صدر جا دڪان لتاڙيا ۽ موٽندي عاشيءَ ضد ڪيو، پيٽيز ۾ ڪافيءَ لاءِ مون گاڏي هڪ سينڪ بار جي ڪارنر تي بيهاري. بيري کي ڪافيءَ جو چئي اسان اتي ئي گاڏي ۾ ويٺا رهياسين. هوءَ دريءَ کان ٻاهر ڏسندي رهي، منهنجا هٿ اسٽيئرنگ تي رکيل هئا ۽ اکيون ڪٿي پنڪي رهيون هيون. ڪافي سيءُ هو. پوءِ به ڪيترا جوڙا ٻاهر بيٺل هئا. هي محبتون شايد انسان کي سردي گرميءَ کان ماورا ڪري ڇڏينديون آهن، شايد هو هر منڊ ۾ اڪيلائپ گهرندا آهن. الائي ڪيترا لمحا خاموشي هئي، پوءِ هن ئي ڳالهايو:

”ڏاڍي ضدي آ عاشي، نيٺ اڄ ضد پورو ڪيائين ته قرار مليو تس.“

”تقريباً هر ٻار جو ڪم ضد ڪرڻ ئي هوندو آ.“ مون ڏانهس نهاريو.

”پر الائي مان ڪيئن هئم، تون ڄاڻي تو اياز منهنجي فطرت. مون ننڍڙي هوندي کان اڄ تائين ڪڏهن به ضد نه ڪيو آ. دل کي ڏڙڻ سولو آهي مون لاءِ به نسبت ان جي ضد پوري ڪرڻ جي.“

”توهان اذيت پرست آهيو ڇا؟“ مون ڏڪدم چئي ڏنو، لفظ واتان بلڪل ائين نڪري ويا، جيئن ڪنهن ٻار کي ترڪڻ جي بلڪل مٿي ڇيڙي تان ڏکو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏئي ڇڏجي ۽ هو پيوس تي ترڪڻ ۾ ئي عافيت ڀانئي
هوءَ چڙڪي پئي ۽ ان وچ ۾ هن جو ڪنڌ لڏي
ويو، ها ۾. مون کي جڻ ڪنهن نعلون هٽي ڇڏيو.
دل چيو هتان ڀڄي وڃان، هيڏو سارو تيم، ڳالهائڻ
نہ آيو.

مون کي غور سان ڏسندي چيائين، ”تون اڄ
ڪجهہ ڪجهہ پريشان آهين؟“

دل ۾ چيم چوانس، تو پريشان ڪري ڇڏيو آ،
ذري گهٽ ڏهہ مهينا ٿي ويا آهن توکي ملندي اڃا
رسمي ملاقاتون ئي ڪونہ ٽپي سگهيا آهيون.

”ها، هو اسي جن منهنجي شادي ڪرائڻ جي
چڪر ۾ آهن.“

”تہ ڪري ڇڏ.“ هن هڪدم چيو.

”هڪ پرابلم تي پيو آ.“ مون وارن کي هٿن
سان ٺاهيو.

”اهو ئي هوندو تہ تون ڪنهن ٻي ڇوڪريءَ
کي پسند ڪرڻ لڳو هوندين.“

ان مهل ئي بيرو اچي ويو. مون گاڏيءَ جو شيشو
لاهي، سامان اندر رکيو ۽ هن عاشيءَ کي ڪارائڻ
شروع ڪيو.

۽ شام جو هن جي گهر جي ڊرائنگ روم ۾
ڪافي پيئندي هن مون ڏانهن نهاريو.

”مون تو لاءِ سويٽر ٺاهيو آ.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هوءَ اٿي وئي، مون پاڻ کي هڪدم ڪنهن سان
گڏ محسوس ڪيو. منهنجي دل چيو، مان هن کان
سويٽر وٺي چوندم، مان ڏاڍو خوش ٿيو آن. پوءِ ان
کي هن سامهون پائيندم. هوءَ پڪ خوش ٿيندي.

وقت رڙهڻ لڳو، هوءَ اندر وئي ته جڻ گم ٿي
وئي، مان سڄي بدن ۾ ڪڙڪات ڀانئيا، هي سڄي
عمر انتظار ۾ گذري مهدي، ته هي لمحا ڪهڙي
قيمت جا هئا.

هوءَ موٽي، مان ڪجهه نه ڪڇي سگهيم، سويٽر
وٺ ، اکيون پري ڏنوماس، ان ٿي ڏاڍو سٺو نمونو
هو، دل چيم چوانس 'دير ڪيئي' پر نه اهو ڪجهه
چئي سگهيم ۽ نه ئي سويٽر پائي سگهيس. هوءَ مون
ڏي ڏسندي رهي. اسان ائين ئي بيٺا رهياسين.

پوءِ هن ئي ڳالهايو "پائيندين ڪونه؟"

منهنجي نڙي گهٽجي وئي، چپ ڪري سويٽر ۾
ٻانهون وجهي ڇڏيم. سويٽر پائي، هن جي سامهون ٿي
بيٺم. هن ڪلهن وٽان سويٽر جا گهنج ٺاهي مون
ڏي نهاريو.

"سٺو پيو لڳين."

هوءَ صوفي تي ويهي رهي. مون ڏانهس نهاري ڪنڌ
جهڪائي ڇڏيو. هي سويٽر نه هو جڻ هن چوگرد ڪو
محفوظ گول ڪڍي ڇڏيو هو ۽ مان ان دائري ۾
اچي، پاڻ کي ڇڪ هر آفت کان محفوظ پئي سمجهيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسان پاڻ ۾ ڇا هئاسين، ڪير هئاسين هڪ ٻئي لاءِ، ان جو احساس هوڙن امحن ۾ ئي ٿيندو هو. مان ڏن جي ويجهو هوندي به پري هوندو هئم ۽ هوءَ منهنجي سامهون ته هوندي هئي پر ڇڻ ڪنهن سرڙات ڪندڙ ٽي-وي سيٽ جيان، جنهن جي ائنٽينا پائنٽ ٽٽل هجي.

مون کي خبر هئي، مان ان مهل ڪجهه نه ڪيچي سگهان ها.

"ڪيئن آ؟" هن سوالي نگاهن سان نهاريو.

"اي-ون. فسٽ ڪلاس."

هوءَ مرڪي، "تون ڏاڍا مضبوط ۽ مختصر جملا ڳالهائيندو آهين."

"ها، ۽ مان شايد ان ڪري ڪوبه فيصلو ڪندو آن نه ته ان جو اظهار هڪ ئي جملي ۾ ڪندو آن. اهڙو جملو، جنهن جي ڳالهائڻ کان پوءِ ڪجهه به نه بچي."

"اها ڇوڪري توکي اڃ پسند هئي؟"

هن ڏالـو الاريـو، وهايائين نـه. پـر مون سمجهيو، منهنجو سينو پرڻ تي ويو هو.

"نه."

"پوءِ مڱڻو ڇو ڪيو هيئي؟"

"امي‌ءَ جن ڪيو هو."

مون جملو الاءِ ڪيئن ٻاهر اڇليو. اسان جهڙا ماڻهو

پنهنجن چپن جا ۽ نڙيءَ جا محتاج هوندا آهن. سرخي پوين ته آواز به نڪري نه ته رڳو پيا ڪنڌ لوڏيندا.

”هاڻي ڇو تو انڪاري ٿين؟“

هوءَ اندر وئي هئي ته شال ويڙهي آئي هئي، شايد پنهنجي شال ڳولڻ ۾ اندر دير ٿـي وئـي هئس. مون ڏي ڏسندي هـن شال ڪي چڱي طرح بدن تي ويڙهيو. هاڻي شايد جسم جي گرميءَ جـو درجـو گهٽجندو ٿـي ويو. مون الاءِ ڇو هن ڏانهن ڏسندي چئي ڏنو:

”اڳي تون نه ملي هئينءَ نه.“

الائي ڪيئن وقت بيهجي ويـو، چـئـن ئـي پاسي خاموشيون ٿي ويون. ان چپ ۾ هـن جـي ۽ منهنجي ساهه کڻڻ جـو آواز هـو. مون سمجهيو هـوءَ ڇرڪي اٿندي، مون کي دڙيندي، ڪو ڪندڙ سان ڀريل جملو ڳالهائيندي پر هن ڪجهه به نه ڪيو. الائي ڪيتري دير چپ هئي، پوءِ هن هيٺڙ ڏي نهاريو.

”توکي خبر آ منهنجي عمر گهٽي آ؟“

”ها.“

”گهٽي هوندي؟“

”ٽيهه سال کن.“ مون غور سان هن ڏانهن ڏٺو.

”مان ڇٽيهن سالن جي آهيان!“ هن ڳيت ڏني.

”چاهي پوءِ.“ هاڻي منهنجي نڙي به خشڪ ٿي وئي. ٻاهر شايد هوا هلڻ شروع ٿي وئي هئي، ڪجهه گهوگهٽ ٻڌڻ ۾ پئي آيا. هوءَ چپ ڪيو گوڏن ۾

منهن وجهيو ويني رهي. مان ڪيس تڪيندو رهيم.
هوءَ ڏڪدم ملول ٿي وئي هئي.
”تون مشڪل سان پنجويهن سالن جو هوندين.“
هن نگاهون پري ڪيون.
”تہ ڇا ٿي پيو، مان عمر جي فرق جو قائل ناهيان.“
هوءَ ڪجهہ نہ ڪڇي. چند لمحا خاموشي رهي،
پوءِ مون ئي ڳالهايو:
”اوهان ڪي برو لڳو؟“
هيترن لمحن ۾ هن پهريون ڀيرو مون ڪي غور
سان ڏٺو، مون ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو.
”نہ مون کي اڳ ۾ ئي اهو احساس هو تہ تون
ڪڏهن نہ ڪڏهن ائين چئي وجهندين.“
”مون غلط تہ نہ چيو آ.“
”تہ اهو صحيح بہ تہ ناهي.“
”ڇو ناهي؟ مان توکان عمر ۾ ننڍو آن تہ ڇا
ٿيو؟“ هيءُ ڏڪدم الاءِ ڪهڙو ٻڌل ڪاڏو هو، جو
هوءَ توهان سان تون تي وئي هئي. ”ڏس مان توسان
محبتون ٿو ڪيان، صاف چئيون، مون کي عمر جو
تفاوت قبول آ. مان واعدو ٿو ڪيان، ڪڏهن بہ توکي
عمر جو اهو طعنو نہ ڏيندم.“
”محبتون ڪندڙ، طعني ڏيڻ جي فن کان ناواقف
هوندا هن مهدي.“
هن پهريون ڀيرو منهنجو نالو ورتو. هوءَ ڇا هئي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڇا ڪڇي رهي هئي، سون ڪي ڪوبہ تہ احساس ڪونہ هو.

”مان تو لاءِ بيڪار آن ڇا؟“

”ڪوبہ انسان بيڪار نہ هوندو آ، بلڪل ان بند واچ وانگر، جيڪا 24 ڪلاڪن ۾ ٻہ دفعا صحيح وقت ڏيندي آ.“ هن هڪ قول ورجايو.

”توکي مون محبت آ.“

مون ڦاٽ ڪاڏو، جڻ ڇهين درجي جو شاگرد هجان، جواب ڏيڻ لاءِ آتو. هوءَ مون کي تڪيندي رهي.

”گهر جا اڳڻ، مهمانن جي اچڻ ساڻ ٻرجي ويندا هن، پوءِ جيَ هو هليا وڃن تہ گهر پرايو لڳندو آ، هوندو تہ پنهنجو آ نہ.“

دل چيم چوانس: جملو جيڏو وڏو هوندو آ، دماغ اوترو ئي ننڍو ٿي ويندو آ، ان کي سمجهندي.

”مان توسان محبت نہ ٿي ڪري سگهان.“

”ڇونہ؟“ مون لفظن کي ڏڪي ٻاهر ڪيڍيو.

”مان ان لائق ناهيان.“ هوءَ ڳيت ڏيڻ لڳي.

”محبت ڪو سي- ايس- ايس جو امتحان ڪونهي جنهن لاءِ بي- اي جي ڊگري هجڻ ضروري هجي.“

هي ڇا پئي ڳالهايم، ڇا چوڻو هئم. اسان ٻئي هڪ- ٻئي کي ڏسڻ لڳاسين، هوائون وڌنديون ويون، دل جي واريءَ واي پٽ تي نهيل گهر پرڻ لڳا.

”تون مون کي ڀرين ٿي ڏاڍو سٺو لڳو هئين ۽

تو لاءِ چيل اهي جملا سون کي تو ڏي گهاي آيا."
سون هاڻي چپ سبي چڙيا هئا.
"ڏس، توکي ڇا ٿيو؟" هن وارن کي هٿن
۾ پڪوڙيو.
"ڇئي ڏي سڀ ڪجهه." منهنجا چپ ائين ڪلڻ
لڳا، جيئن ڏاڪا ڪين چيريندا هجن.
"توکي ان ڏينهن ياور سون لاءِ ڇيو هو نه تہ
مان ڪرپٽ آهيان." مان وائڙو ٿي ويس.
"سون اهو پڏي ورتو هو." هن مرڪيو "۽ هو
هو بہ تہ سچو نہ."
"ڇا؟" مان ڇا ڪيان ها، ان کان سواءِ.
"منهنجو ماضي صحيح ناهي، مان ماضيءَ ۾ ڪنهن
سان افيئر ۾ هئس."
"اهو ماضي هو، مان توسان مستقبل لاءِ ڳالهہ
ڪئي آ."
"حياتيءَ جا حصا، وٽن جا ڏار نہ هوندا آهن، جو
ڪپي ڇڏجن. ڇو تو تون پاڻ تان ماٺهو ڪلائين
ٿيهدي." هوءَ مرڪي اٿي.
"ڇا هو جيڪڏهن تون سون سان شادي ڪرين؟"
"ان ڳالهہ جي خبر تنهنجي گهر ۾ ڪنهن ڪنهن
کي آ."
"ڪنهن کي بہ نہ."
"پوءِ پهرين انهن سان تہ ڳالهاءِ."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”مان توسان پهرين ڳالهائڻ ٿو گهران.“

”تون گهرن وارن سان ڳالهاءِ ته سڀ ڪجهه سون نان پڇجانءِ.“

”تون پنهنجي ماضي تي خائف نه ٿي، ڪجهه به هجي، مان ان کي consider نه ڪندم.“

مون ڏٺو، هوءَ آتشدان جي نڪتل رڪ تي اگرن سورڻ واري ڪاٺيءَ سان سنهنجو نالو لکي رهي هئي.

۽ پوءِ پٺي ڏينهن تي، مان اچا گهر وارن سان ڳالهايو به ڪونه هو ته هن جي فون اچي وئي:

”مان اڄ رات ٽرين ۾ ڪاڏي وڃان پئي، سون کي اسٽيشن تي ڇڏڻ نه ايندين.“

”ڪاڏي تي وڃين؟“

”تون اڄ ته ٻڌايانءِ!“

مان الاءِ ڪيئن گاڏي ڪاهي، هن وٽ پهتم. هن جي ڊرائنگ روم جو حال عجيب هو، پريان پيه بئگ ۽ بستر بند ٻڌل پيا هئا، هڪ ڪنڊ ۾ هوءَ وينٺل هئي، سندس اکيون بند هيون ۽ ڳل آلا هئا. ڪمري ۾ هاڪي آواز ۾ ٽيپ هلي رهيو هو. مان کيس تڪيندو رهيم.

مون چپ پڪوڙي ڇڏيا، الائي ڪيئن هن هٿ وڌائي، ٽيپ بند ڪري، ڳل اگهيا.

”ڪاڏي تي وڃين؟“

سنهنجي نڙي سڙڻ لڳي.

”الاءِ.“ هن گوڏي تي پيل هٿ وڇايو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”هي ويني ويني ڇا تي ويئم؟“
”مان توسان شادي نہ ٿي ڪري سگهان مهدي.“
”پر ڇو؟“
مان صوفي تي ڪري پيم، هوءَ چري آ ڇا. ڪيڏي مهل ڪهڙي ڳالهہ تي ڪري ڪيڏي مهل ڪهڙي. الاءِ ڪيئن هوءَ سون ڏي ڏسندي رهي. باهہ ۾ پيل ڪاٺيون ٽڙڪڻ لڳيون. ڪيس پيل ڳاڙهي شال سندس منهن تي ڳاڙهو شيڊ وجهڻ لڳي. هوءَ هڪدم ڪا اپسرا ٿي وئي هئي.
”مون نوڪريءَ تان استعيفا ڏني آ.“
”پر ڇو؟“
”پاڻ ڪالهہ هن جي ڳالهہ ڪئي هئي، مان توکي ڇا چوان.“
”ڪهڙي ڳالهہ؟“ مان وائڙو ٿي ويم، هوءَ توکي بہ اڄ چريو ڪندي الاءِ ڇا مهدي.
”مون سان گڏ اچ.“
هوءَ مون کي عاشيءَ جي بيڊ روم ۾ وٺي آئي.
”هن کي ان ڏينهن ڪار وٺي ڏئي، تو اهو ئي چيو هو نہ تہ نٿين پارن جو ڪم ئي ضد ڪرڻ هوندو آ.
مون ڪنڌ ها ۾ لوڏي، ننڍڙيءَ ڏانهن نهاريو، هوءَ ننڊ پئي هئي، گهور ستل.
”تہ سنهنجي اندر جي ننڍڙي بہ روئي ٿي تہ توکي

نہ ڇڏيان.“
”پوءِ مون کي ڇڏ تہ ان کي پرچايان.“
”نہ تہ.“

هوءَ هڪدم وحشي ٿي وئي. وار وکرجي ويس. اتي ئي پٽ تي گلم تي ويهي، هن سڏڪندي مون ڏي ڏٺو.

”ڏِس، مون لاءِ توکي صحيح چيو هو اياز، مان ماضيءَ ۾ هڪ ماڻهوءَ سان محبت ڪئي هئي، پاڪ، ڇڙي بلڪل توجهڙي. پوءِ الائي ڪيئن مان ان سان bodily involved ٿي ويس، الائي ڪيئن اهو سڀ ٿي ويو. هيءَ منهنجي ڪُزن جي ڌيءَ ناهي، منهنجي ڌيءَ آ، ان غلطيءَ جي سزا آ. مان سڄي دنيا کي ان ڳالهہ کان بي خبر رکيو، توکي ڪيئن رکان ها. تون ئي ٻڌاءِ، مان توسان گڏ هلندي، هن کي پنهنجي ڌيءَ ڪيئن ٿي چئي سگهان؟ تون هن لاءِ مون کي ڇڏ. مان محبتون ماري ويندم، ممتا نہ ماري سگهندم.“

مون ڪجهہ نہ ڪڇيو، شنيل جو ڪمبل پري ڪري، عاشيءَ جي وارن کي چُمي، ڪشف جي ڳلن کي هلڪو ڇُهيم. هي فيصلن جو لمحو هو. هڪ جملي جو. مون الائي ڪيئن ڪڇيو، ”ڇاڻان ٿو مان، منهنجي خاندان کان مان الڳ ٿي نہ سگهندم ۽ هنن ۾ اها جرئت ڪانهي جو توکي ان سوڌو قبول ڪن. تون مان ملياسين تہ پوءِ تون هن کي رڳو آچي ٿي ملندينءَ،

پوءِ هيءَ ماءُ ڪٿان آڻيندي؟“

تہ اياز مهدي، تون شهر جو ڪچو لتاڙي، خوبصورت علائقي ۾ گهڙيو هئين نہ، اتي تہ ڪجهہ بہ ناهي، ان کان تہ ڪچو چڱو آ. چڱ گاڏيءَ کي تہ اهو لتاڙي محبتن جو شهر هوندو آهي بہ تہ ٻڙي ميل هوندو نہ، پوءِ ڪٿي گهڙ يا چڱ.

ٽانـــدا

هن ٻانهن ڪري مٿي ڪري پنهنجي ڪڇ وٽان سويٽر جا گهنج ڏاهيا، اندران پاتل ان سـويٽر مٿان ڪيس خاڪي رنگ جي اڌ ٻانهن واري بوشرٽ پيل آ. هن سويٽر جي ٻانهن ٺيڪ ڪري بوشرٽ جي ٻانهن کي هيٺ ڏانهن ڇڪيو. جنهن مهل هـن ٻانهن مٿي ڪئي هئي ته بوشرٽ سندس ڏيري سوچ مان نڪري، سندس چيلهه ۽ پيٽ کي ٻاهر جهاتيون پائڻ لاءِ ڇڏيو هو. بوشرٽ جو هيٺيون ٻنڌڻ ڏرو ۽ اهو سويٽر دامـن وٽان ڪجهه ويڪرو هو. هن سوٽ ۾ سويٽر ۽ شرٽ وڌي ۽ مطمئن انداز سان، ڊرائيور جي پرسان ٽانڪيءَ تي ويهي رهيو. ٽانڪيءَ تي ويٺي سندس وجود جهاڪن جو شڪار هو. ڊرائيور کي به شايد ڪا ڪاوڙ هئي.

سندس کيسي ۾ پيل ريـزگاري، جهاڪن سان ڇڻڪڻ لڳي. هن کيسي ۾ پيل رومال ويڪرو ڪري ڪليل جڳهه کي ڍڪيو. کيسي کي ڏاهيندي، هن ٽيڏي اک سان پويان نهاريو، اتي ويٺل اهو نوجوان اچا به ابهرو تي لڳو، حالانڪ بس، ڪافي تکي هلي رهي هئي، پر هن کي شايد پهچڻ جي اچا به ڪا وڏيڪ جلدي هئي. ڪيس هن نوجـوان جون اکيون ڏاڍيـون

عجيب لڳيون هيون. ڪيس الاءِ ڇو پهرين سمت ۾ ئي
اهو لڳو هو ته ڄڻ سندس جواني ارڏاين سميت موٽي
آئي هجي.

بس ۾ الاهي رش هئي، الاهي سارا ماڻهو بيٺا هئا.
روشن هاڻي اڃا پاڙو وٺي بس ڪئي هئي. اڄ ته ڏينهن
ئي اهڙو هو. هڪ ته هفتي جي آخر، ٻيو تهوار به
ٿيان هو، ڪيس ڪاٺي ڪمائي ٿي هئي. ڪيس ياد
آيو، ٻوين سيٽن ڪان جڏهن هن پاڙو وٺڻ شروع ڪيو
هو ته ٻوريان هڪ ڇوڪري چار نڪيٽون وٺي، هڪ
پاڻ ڏانهن ۽ ٽن ٻين همراهن ڏانهن اشارو ڪيو هو.
روشن انهن ٽن وت پڇتو ته ڪيس ڏيان مان ڳالهه
لهي وئي، ڪانئن پاڙي وٺڻ لاءِ هٿ وڌايائين ته هڪ
همراهه نوڪ طور ڏانهنس ڏسي مرڪيو.

"ڊبل ڪندين ڇا؟"

روشن سڄي ڳالهه سمجهي ويو هو، بس ڪري
رسمي طور، معذرتي انداز ۾ مرڪي اڳيان نڪري آيو
هو ۽ هينئر، ان ڪان پوءِ سڄي بس ڪان پاڙو وٺندي
سندس ذهن ۾ اهي نظرون لهي ٿي آيون. حالانڪ اها
ڏن لاءِ ڪا نئين ڳالهه ڪانه هئي، پر ان ڇوڪر
جون اکيون الاءِ رڪ ۾ پيل به ٿانڊا هئا....

"ٽيم گهٽو ڏيو آ؟" خميسو ڊرائيور ڪانئس پڇي ٿو.
هو ڇرڪي ٿو پئي. "سوا نئو."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هوش ۾ اچڻ تي کيس محسوس ٿو ٿئي، ٻس اڌ فاصلو لتاڙي آئي هئي. هو خميسي ڏانهن غور سان ٿو نهاري سوچي ٿو 'هڪ ته هن ٻه تنگ ڪيو آ، پلا جي هر هر نه بيهاري ته ڇا ٿي پوندس. ڪهڙو ڦهر مٿان ڪرندس. پر مان هي سوچان ڇو پيو. هي جو روڪي ٿو ته اسان پنهي جو پلو آ، سواري چڙهي ٿي ته ڪمائي ٻه ته اسان لاءِ ئي آ نه. پر جي هر هر نه بيهي ته منهن ڪچا وات ڳاڙها ڇورا ائين گوڙ ڪن.... ڇو ڪندا....'

ڇوڪرن تي کيس الاءِ ڇو سويل وارو واقعو ٿو ياد اچي. هڪ هنڌ رڪي رڪي واري سواري الاهي بيٺل هئي. خميسي ٻس بيهاري ته ڪافي دير لڳي وئي هيس ۽ هلڻ ۾ دير ٿي ته پويان ويٺلن مان ان ڇوڪري رڙ ڪئي.

"اڙي او برائي، او ڪنڊيڪٽر، هٽ سڪل ٿئي ڇا، جو ڊبل لاءِ ڏڪ نه ٿو هٽين."

۽ اتي ئي ان جي پر واري زور سان ڇيو:

"ادا، سڪل نه ٿس، ڏسين نه پيو ڪرايو ڊبل جو گهري پيو. هاڻي ڊبل ڪرايو وٺي، يا ٻس ڊبل ڪري."

روشن اهو جملو پڌي ڇڻ ٻري پيو هو. هن ظاهر نه لنوائي ڇڏيو هو، پر سندس اندر ڏکڻ لڳو هو. پوءِ ٻس هلڻ ڪان پوءِ هن پاڙو وٺي اچي ان

ٺانڪيءَ تي ڀٽال ماري ڇڏي. سندس عادت ۾ هو ته
هو هميشه ڀاڙو وٺي، در وٽي وسائيندو هو. اڄ ڄڻ
سندس اندر ۾ ڪا هورا ڪورا هئي.

'هي ڇوڪرو ڪيڏو نه ارڏو آ، ڪيئن نه ڇت-
ڪتائيءَ سان ڳالهائي ٿو.... پر نه، هن عمر ۾ شايد
هرڪو اهڙو ئي هوندو آ، مان ڇا گهٽ هوندو هئس"
کيس سندس جواني ياد اچڻ لڳي.

"مان به ته ائين ئي ڇڙواڳ نموني ڳالهائيندو
هئس. بس ۾ ويهندو هئس ته جهڙو شهزادو.... پوءِ
ڪنهن جو ڪهڙو ڌيان هوندو هئم."

کيس ياد آيو، هڪ دفعي، هن هڪ ڪنڊيڪٽر
کي دير ڪرڻ تي دبڙات ڀٽيو هو، ۽ ڀٽڻ کان پوءِ
پنهنجي گهر تي لهي، کيس سوچ آئي هئي، هو
ڪنڊيڪٽر ڪيئن نه منهنجا اچليل اگر، ماٺ ڪري
جهٽي، پاسي کان رکندو ويو هو. شايد مجبور هو، پر
ڪهڙي مجبوري هئس، مون کي وراڻيءَ ۾ ڇڙيي به
سگهيو تي.... ۽ تنهن کان سواءِ مون لهڻ مهل به
کيس چنيو هو، ته ان مهل به هن مرڪي معذرت
ڪئي هئي. ڇا هي ايترا ئي مجبور هوندا آهن....
"پوئتي وڃ، ڦانڪ ٿو اچي."

خميسو شايد هن جي حالت زار کان واقف هو.
روشن هڪ دفعو وري ڇرڪي ٿو پوي. سندس اکين
۾ ڄڻ رنگ مونن تا. ڦانڪ هاٽي هڪ به منٽ جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فاصلي تي هو. روشن ٽانڪيءَ تان اٿي، ماڻهن کان پاسو ونندو گيٽ تي هليو ٿو اچي. انهن هيٺرن ماڻهن جي وچ مان لنگهندي به ڪيس چڻ ان ڇوڪري جي نظرن جي تپش گرمائي رهي هئي.

’هي ڇو ٿو ائين ڏسي، مان ڪو هن جو ڪاوان ٿو ڇا. اڄ نه سون سان هن ٺٽ ٺٽ ڪئي ته مان به ڏهه پڏائيندوسان. نوڪري تا ڪيون ته سرڪار جي، ڪو هنن جا بلا گهير آهيون ڇا. اهي پيا ڪنڊيڪٽر هوندا جي سهي ويا هوندا. پر جي تون هن کي هڪ به جملو چئي وجهين ۽ هو به ڪو هٿ پير ڪٽي وجهي ته.... ته ڇا، پوءِ ڏنو ويندو، يا هو زور يا مان.... ۽ پوءِ جي انڪواري ٿئي ۽ تون لهي وڃين....

پر اهو سڀ مان سوچان ڇا پيو.... ڇو ائين سوچڻ لڳو آن، هو ذهن جهٽڪي ٿو. خميسي بس ڦاٽڪ تي بيهاري آ، ماڻهو لهن پيا، روشن ڪيسي مان ٽڪن ڪڍي، ٽڪيٽن جا نمبر ڏسي، ان تي تعداد ٿو لکي، اڄ شايد هوش جاءِ تي ناهنس، خميسو، در تي نهاري ٿو، روشن هيٺ ليٺو ٿو لکي، بس هاڻ ٻه لمحن جي دير تي ٿئي، پريان ڇوڪر ٻوڪ تا ڪن:

”هلي هاي.“

بس جي بادي وجي ٿي. روشن، سٽ ڏئي چڙهي ٿو. خميسو ڪيس سامهون واري آئيني ۾ ٿو نهاري. روشن در کان ٻاهر ٿو ڏسي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

'اڳي مون به ائين ئي ان در تي ٻيٺل ڪنڊيڪٽر کي لتاڙيو هو ۽ پوءِ هن ڪيئن نه مرڪي چيو هو، "ڇا ڪيون بابل، انسان آهيون، سڄو ڏينهن ٿا وهون، غلطي ته ٿي ٿي وڃي."

۽ ان کان پوءِ هن ڪيئن نه مرڪي ڊرائيور کي ڏبل چيو هو، حالانڪ هو به شايد سندس اشارو ڏسي لهي اچي ها. گيدي هو.... نه نه مجبور هوندو پر ڪهڙي مجبوري. پر نه.... اڄ ته مان به عزت نفس ظاهر ڪندم. ٻن جي چخ چخ ڪئي ته مان به الله جي ڏني مان الاهي پڏائيندومانس. مان ڪو ان جهڙو آن ڇا؟"

بس مختلف اسٽاپن تي بيهي ٿي. ماڻهو لهندا چڙهندا ٿا رهن. روشن ٽيڏي اک سان ڏسي ٿو، هو ۽ سندس يار دوست اڃان نه لٿا آهن. ۽ ان مهل ئي هو پنهنجين سيٽن تان اٿن ٿا. روشن جي دل الاءِ ڇو ڌڙڪي ٿي. هو سندس ويجهو اچي ٿا بيهن.

"استاد، سهٽل، آئيندي ڪرم ڪندا ڪيو اسان جي حال تي. هي سڀ چاچي جا پٽ آهن اوهان جا، جو انهن کي ڪٽندي ڪٽندي اسان جي بيخ ٿا ڪيو. هي بسون شاگردن جون آهن يا انهن جون."

هو الاءِ ڇا ڇا ٿو چوي، سندن اسٽاپ اچي ويو آ، پريان خميسو ڪيس آئيني ۾ ڏسندي، بس تو بيهاري، هن مان ته لهن ٿا، اهو ڇوڪرو به ڪيس ڏسندي ٿو لهي. خميسو اشاري سان هن کان پڇي ٿو: ڇا ٿيو.

روشن لنوائي تـه، ان ڇوڪري جـو هڪ ساٿـي، هن
ڏي گهوري ته:

”اڙي اسان ٿوڪي هون نه؟“

روشن جي منهن تي الاءِ ڇو مرڪ تري تي اچي.
سندس وات مان نڪري ته: ’ڇا ڪيون بابل، انسان
هون، سڄو ڏينهن ٿا وهون، غلطي ته تي وڃي تي نه،
ڪمايون ڪيئن؛ جي انهن کي نه ڪٽون....‘

هو الاءِ ڇا ڇا ٿا چون. روشن بس ڪي ڏڪ هٿي
هاڻ لاءِ اشارو ته ڏئي، خميسو بس ته هلائي، روشن
محسوس ته ڪري، ڄڻ سندس هٿن ۾ ڪنهن ڏانـڊا
رکيا هئا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آرزو ۽ سپنا

مون ڪنڌ مٿي ڪنيو، چوڻ چاهيم، لفظ آڪاڻي ۾ سگهيا، مان چپ ڪري هن ڪـي ڏسندو رهيس — دل جي ماتري بيوفائين جي زلزلي هيٺ هئي. ناڪامين جا پٿر محبت جي چوٽيءَ تان ڪرندا، منهنجي چرئي وجود کي زخمي ڪري رهيا هئا. لفظ ٻاق وانگي دل مان نڪرندا گم ٿيندا رهيا، دل جي ڳالهه زبان تائين نہ اچي سگهي. مون هن ڏانهن عجيب نظرن سان ڏٺو، هن ڪجهہ بہ نہ چيو، ڪنڌ ڪجهہ جهڪي ويس، هن جا سڏڪا وڌڻ لڳا، مون عجيب احساس محسوس ڪيو.

چيم، ”مون سمجهيو هو، منهنجي محبت قلندر جي وڄڻ واري ڌمال جو ڏونڪو نہ آهي، جيڪا تنهنجي دل جي پير تي پئي منهنجي محبت جو وچندڙ احساس ڏياري.“ مون پاڻ کي روئندو محسوس ڪيو. هن ڪجهہ بہ نہ ڪڇيو. هن جي خاموشي منهنجي دل ۾ سچيل باهہ کي وڌيڪ تيز ڪري رهي هئي.

”مون کي اها خبر نہ هئي تہ تون بہ اظهار جي محتاج آهين. مون کي اها بہ خبر نہ هئي تہ ڪو ان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جذبي جو اظهار ڪيو آهي. مون نه سمجهيو هو تون محبت کي محسوس ڪري سگهندين ۽، پر نه، تون نه بيحس گڏي آهين ناهيد، شوڪيسن جو سينگار گڏي، جيڪا پنهنجي بيجان ۽ ڪليل اکين سان هر شي کي ڏسي سگهي ٿي. ان کي ڪنهن جي دل جي حالت جي ڪهڙي خبر؟"

اکين مان آب وهائيندي چيائين، "مون کي غلط نه سمجهه. نوني، خدارا مون کي غلط نه سمجهه."

"ته ڇا سمجهان؟" مون ڦاٽ ڪاڏو. "صحرا جي رڃ جو هڪ نادر مثال، جيڪو پري کان پنهنجي هجڻ جو احساس ڏياري، ويجهو اچڻ سان جڏهن اها خبر پوي ٿي ته اهو ڌوڪو هو ته حياتي ڪلهن جو بار ٿيو پوي.... ۽ تون.... تون ته اها رڃ آهين، جنهن ڪان، مون کان اڳ ۾ ئي ڪيترا ماڻهو دوکو کائي چڪا آهن."

منهنجا چپ ڏکيا پئي، ڇوڻ ڪجهه ٿي چاهيم ته وات مان نڪتي پي ڳالهه پئي.

"نه، مان دوکيباز نه آهيان." هن جي لهجي ۾ عجيب درد هو. "مون ڪنهن کي به دوکو نه ڏنو آهي."

"نه، تون ته صرف ماڊل بدلائيندي آهين،" منهنجي لهجي ۾ تلخيءَ جو زهر وڌندو ٿي ويو. "تون انهيءَ سرمائيدار وانگر آهين، جيڪو هر سال ڪارين جو ماڊل بدلائيندو آهي. فرق صرف اهو آهي ته هو ڪارين جو

ماڻل بدلائيندو آهي ۽ تون هر سال دلين جا ماڻل بدلائيندي آهين، ڪڏهن منور ته ڪڏهن اصغر، ڪڏهن اسلم ته ڪڏهن مان ۽ هاڻي وري انجم.“

”نه مان اهڙي نه آهيان نوني،“ سڏڪندي چيائين.

”خدارا مون کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪر، دلين جا ناتا ڪچن ڌاڳن وانگر نه هوندا آهن، جي هڪ سٽ ۾ ٽوڙيا وڃن.“

”دليون اسفنج جي چپل جون پٽيون نه آهن، جن کي ڳنڍيو وڃي، پر جيڪڏهن دلين کي ڳنڍڻ جو ڪم ڪيو به آهي ته اهو سوچڪو ڪم قدرت ڪندي آهي ناهيد، پوءِ اها ان جي مرضي ته ڪچو ڌاڳو استعمال ڪري يا پڪو.“ مون اندر مان ٻاهر ڪڍندي چيو.

”پر تو ته مون سان ڪڏهن به اظهار نه ڪيو.“ نماڻين اکين سان ڏسندي سوال ڪيائين.

”پر ڇا جو اظهار ڪيان ها؟ اهو ته مون کي توسان بيپناهه محبت آهي ۽ مان تو کان سواءِ مري ويندس؟ مون اهو نه سوچيو هو ته تون به ڪا پين وانگر اظهار جي محتاج آهين، مان توکي بي وفا تو سمجهان ناهيد، صرف بي وفا.“ مون محسوس ڪيو ڄڻ ڪير مون کي پڇي رهيو هجي. ”وقت جي ايندڙ دز تنهنجي يادن کي لٽي ڇڏيندي، پر جڏهن دل جي دنيا ۾ ڪو طوفان اٿندو ۽ اها لٽ اڏامي ويندي ته آءٌ ان يادن جي عذاب کي برداشت ڪري نه سگهندس.“

”مان ورچان؟“ هن سوالي نظرن سان مون ڏانهن ڏٺو.

”ساهه تي به ڪنهن جو ڪو اختيار هوندو آهي، ناهيد.“ مون ڏک مان چيو. ”چنڊ جا تمنائي به ڪيڏا نه چريا هوندا آهن، تون وڃ، خدا ڪري تون جتي به هجين خوش هجين.“ مان دل جو درد سهي نه سگهيس، اڙڪ اکين مان نڪري ڳلن تي پهتا ته گرميءَ جو احساس ٿيم، مون لونڊڙين کي سڙندو محسوس ڪيو. ها.... مان روئي رهيو هوس، هڪ بيوفا لاءِ، جنهن رڳو ان ڳالهه تي ورهين جو ساٿ ڇوڙي ڇڏيو، جو مون هن سان ڪڏهن به محبت جو اظهار کليءَ طرح نه ڪيو هو.

مون کيسي مان رومال ڪڍيو ۽ ڳوڙها اگهيا. هي رومال به ته ناهيد ڏنو هو، اوهه، مان شايد انهن ننڍين ننڍين ڳالهين کي برداشت ڪري نه سگهان. هن جي ياد ته منهنجي زندگيءَ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود هوندي، مان ان کان پڇي ڪيڏانهن ويندس. مري وڃان؟ پر منهنجي مري وڃڻ سان هن کي ڪهڙو نقصان پهچندو. پر مان هن کي نقصان پهچائڻ جو ڇو ٿو سوچان!؟

هوءَ آرٽس فيڪلٽيءَ جي ڪنڊ وٽ روڊ تي پهچي چڪي هئي، مان فيڪلٽيءَ جي پٺيءَ وٽ بيٺي هن کي ويندو ڏسي رهيو هوس. روڊ تي پهچي هن مون تي آخري نظر وڌي. ڏسڻ سان روئي ڏنائين، ڳوڙها

رئي سان اگهي هوءَ فيڪلٽيءَ جي سنهن ڏانهن هلي وئي. مان پنئين پاسي ڪان پٿرن تي هاڻ لڳس، اج ته جڻ هي پٿر به زمين مان نڪريو مون کي پنهنجي موجودگيءَ جو احساس ڏياري رهيا هئا.

مان انهن رستن تي ناهيد سان گڏ ڪيترا ئي ڀيرا لنگهي چڪو آهيان، پر هينئر جڏهن مان هتان لنگهي رهيو آهيان ته عجيب قسم جو احساس ٿو ٿئيم. دل کي جڻ ته ڪير پنهي هٿن ۾ جڪڙي، سهڻي رهيو هجي. مان ڀريل اکين سان لاهي تان هيٺ لهان ٿو.

اکيون وسڻ لاءِ آتيون آهن. پر، پر مان ڇو رئان؟ هڪ بيوفا لاءِ رئان جيڪا انجم سان شادي ڪري خوش آهي، جنهن سان مون ٽي سال گذاريا ۽ جيڪا وک وک تي مون سان گڏ هئي، پر نه ڏوهه منهنجو هو، مون به ته ٽن سالن جي عرصي ۾ ڪڏهن هن سان ڪاي اظهار نه ڪيو هو، پر اظهار جي ضرورت ڪهڙي هئي؟ هوءَ مون سان هر هنڌ گڏ هئي ۽ ڇا هن منهنجي رويئي مان ڪونه ڄاتو! اندر جو اظهار اکين وسيلي ٿيندو آهي، ڇا هن اکين جو پيغام به نه سمجهيو هو. هن ٽن سالن جي ساٿ کي فقط چرچو سمجهيو. مان ايترو ڇو ٿو سوچيان، مان سوچي سوچي چريو نه ٿي پوان.

'نه، هي حياتي آهي نوني، ڪو ٽيليويزن جو سنڌي ڊرامو ڪونهي، جو ساٺهو سوچي سوچي چريو ٿي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پوي. توکي ڪجهه به ڪونه ٿيندو، اندر مان جڻ
آواز ايندو هجي.

مان سوچ دوران لاشعوري طور تي سگريٽ دڪائي
پيئڻ لڳو هوس، هينئر جڏهن آڱر جي سڙڻ جو احساس
ٿيم تہ جاتم تہ مان سگريٽ پي رهيو هوس. مان
سگريٽ جو ٽوٽو اڇلائي ڇڏيان.

ويران رستي ڪان لنگهندي جبل جو اهو ٽڪر
سامهون اچي تو وڃي. اهو ئي جبل، جنهن تي ناهيد
کي سهارو ڏئي چاڙهيو هئم ۽ هن کي يونيورسٽيءَ جي
باري ۾ ٻڌايو هئم، "هوءَ آرٽس فيڪلٽي اٿئي ۽ هوءَ
سينٽرل لائبرري. هوءَ پريان سنڌ يونيورسٽي ڪالوني
۽ هو علاما آءِ. آءِ. قاضي جو مقبرو ۽ هن پاسي هو
جتوئي پويلين." مون اشاري سان هن کي ٻڌايو پئي.
مٿي جبل تي هوا ڏاڍي هئي، هن جو گلابي رئو هر هر
آڏاسي تي ويو. مان رئي کي سنڀالي سنڀالي ٿڪجي
پيو هوس ۽ هن هر هر پئي کليو."

"ٻڌائين تہ ٿو، پر اهو سگريٽ تہ پري ڪر. دونهون
سڌو نڪ ۾ ٿو گهڙندو وڃي."

هن ڪجهه بيزاريءَ سان چيو هو- مون ڪاڻي ڏنو
هو- هن چڙندي چيو، "اصلي ڪونہ ٿو وڻين ائين.
تون ايترا سگريٽ ڇو پيئندو آهين."

'چري، زندگي بہ هڪڙي قسم جو سگريٽ اٿئي.
جنهن جي فلٽر ٽپ ان جي پيئڻ جو رستو آهي، پوءِ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اها سڀني جي مرضي آهي ڪو ڪيئن پئي ڪو ڪيئن.
ماضي وارو يعني گذريل حصو اٿئي سگريٽ جو سڙيل پاسو ۽ باقي بچيل حصو مستقبل آهي ۽ جنهن هنڌ تان اهو سڙي ٿو اهو حال آهي.'

”توبهه تون ته بور ٿو ڪرين. انجنئرنگ اهڙو Tough سبجيڪٽ ته نه آهي، جو ماڻهو عام زندگيءَ ۾ به ڊائلاگ ڳالهائيندو رهي.“ هن هلڪي نوڪ هنئين.
مون ڪجهه نه چيو صرف ڪاڇي ڏنم.

مان هلندي هلندي جبل ڪان ڪافي پري نڪري اچان ٿو. گهڻو اڳ جڏهن مان هن سان مليو هئس ته اسلم مون کي خبردار ڪيو هو: ”نوني، خدارا هن سان ناتو نه ڳنڍي، هيءَ ساٿ نه نڀائيندي، دوکو ڏيندي، ڪجهه سوچ نوني، ڪٿي اوستائين نه پهچي وڃين، جتان موٽڻ مشڪل ٿي پوئي.“

مون هن جي سامهون ته ڪجهه ڪونه چيو، باقي پوءِ خوب کاميو هوس. 'واهه واهه، چا پيو چوي بيوقوف ڪيس ته لفٽ نه ملي، پر جيڪڏهن مون کي ملي ٿي ته سڙي ٿو. ناهيد اهڙي نه آهي. هو ڪوڙ ڳالهائيندو هوندو.'

مون ڳالهه لنوائي ڇڏي هئي ۽ پوءِ مان ناهيد سان گهرو ٿيندو ويس. پيا منهنجي مٿان کلندا هئا، پر مون کي ڪنهن جي به پرواهه نه هوندي هئي. مون کي هن جي طبيعت بيحد وڻندي هئي. اسان ٿي

سال گذ رهياسين، مان هن جي ڪري گهوٽ ڪونه ويندو هوس. هوءَ به پنهنجن مائٽن وٽ ڪڏهن ويندي هئي. نه ته هوءَ به هاسٽل ۾ هوندي هئي ۽ مان به. اسان جون هاسٽلون ڪجهه پنڌ پري ته هيون، پر روز ئي ملندا هئاسين.

خميس تي جڏهن مان هن ڪي هاسٽل تي ڇڏي پنهنجي روم تي آيس. ته منهنجي روم ميٽ وٽ هڪ تار پئي هئي. 'نوني، بابا جي طبيعت سخت خراب آهي، جلد پهچ.' اها تار ادا ڪئي هئي. مان بيحد پريشان ٿي ويس، تڙتڪڙ ۾ سامان ٻڌم. ناهيد جي هاسٽل تي ويس ته خبر پئي هوءَ اڌ ڪلاڪ اڳ، ساهيڙين سان ڪاڏي نڪري وئي هئي. مون هن جي نالي خط لکيو، جنهن ۾ وڃڻ بابت لکيم ۽ گهوٽ هليو ويس.

بابا جي طبيعت سخت خراب هئي. هن کي سخت سور هو. ادا علاج سٺي نموني ڪرايو. شهر مان ڊاڪٽر آيا، جن بابا جو علاج ڪيو ۽ مهيني سوا کان پوءِ بابا جي طبيعت ڪجهه ٺيڪ ٿي.

اسان جي پيءُ اولاد کي سوچڻ سمجهڻ جي پوري اختياري ڏني آهي۽ پاڻ به هر فيصلو ادا ۽ مون کان پڇي ڪندو آهي. دنيا ۾ آهيون به اسان ٻه ڀائر، ڪابه ڀيڻ نه اٿئون.

هڪ شام بابا مون کي سڏايو.

'امجد پٽ، مان سوچيان ٿو ته تون به وڏو ٿي

ويو آهين. تنهنجي به شادي تيڻ گهرجي، هاڻي جيڪا تنهنجي مرضي؟"

"بابا" .... مون ڪجهه ڪيٻائيندي چيو، "مان شادي ڪندس ضرور پر...."

"چئه پٽ، چئه ته پنهنجي پسند سان ڪندس." مشڪندي چيائين: "مان ۽ تنهنجي ماءُ ته اڳيئي اهو فيصلو ڪري ويٺا آهيون ته جتي تون چوندين، اتي ئي تنهنجي شادي ڪنداسين. اسد جي به ته هن جي مرضيءَ سان ڪئي هئم." بابا ادا جو حوالو ڏيندي چيو سچ پچ هو به ائين بابا هر شيءِ ۾ منهنجي ۽ ادا جي پوري پوري پسند جو خيال ڪندو آهي.

مون ائين محسوس ڪيو ڄڻ مون کي هفت اقليم جي دولت ملي وئي هجي. مون کي سڀ کان وڏو ڊپ بابا مان ئي هو ته هو مون کي ناهيد سان شادي ڪرڻ نه ڏيندو. پر نه، هن ته منهنجي سيني سوچن کي بي بنياد ثابت ڪيو، مون بابا کي چيو، "بابا، مان شهر مان هڪ پيري اچي توهان کي اطلاع ڪندس ته جيئن توهان رشتو گهرڻ وڃو."

مون سوچيو هو ته شهر وڃي جڏهن مان ناهيد کي ان ڳالهه جو اطلاع ڪندس ته هوءَ ڪيترو نه خوش ٿيندي ٿيندي. مان بيحد خوش هوس. ان شام جو ئي اسان ۽ بابا کان موڪلائي شهر هليو آيس. اسان مون کي حيرت مان پئي ڏٺو ته ويٺي ويٺي هن کي

چا تي ويو. جيپ تي چڙهڻ مهل هن چيو، ”نوني، خط ضرور لکجانءِ ۽ ها، جلد لکجانءِ ته جيئن سان رشتو گهرڻ، اسد ۽ ان جي زال سميت اچان.“ ”ها امان.“ مون تڙ تڪڙ ۾ چيو.

”۽ ها، شهر ۾ خط لکڻ کان پوءِ ڪنهن جڳهه جو انتظام ڪجانءِ. انهيءَ هاسٽل ۾ ڪو اسان رهنداسين چا....“

ادا ڪلني مون ڏانهن ڏٺو هو ڊرائيور جيپ اسٽارٽ ڪئي.

مان سڄي وات سپنا ڏسندو آيس. پوءِ هيئن ٿيندو پوءِ هونئن ٿيندو. روم تي پهتس ته روم ميٽ اسلم ڪونه هو شايد ٻاهر ويل هو. مون سوچيو ته وهنجي سهنجي پوءِ ٻاهر نڪران. واءُ سواءُ لهان ته ان ڏيڊ مهيني ۾ چا وهيو واپريو. مان وهنجي وارن کي ڦڻي ڏئي رهيو هوس ته اسلم ڪمري ۾ داخل ٿيو.

’ته چئبو اچي وئين، ڪامريڊ.‘ هن ڪجهه سنجهيل نموني سان چيو.

”ها.“ مون هن ڏانهن حيرت سان ڏٺو. هو وسائيل وسائيل پئي لڳو.

”پر تون ائين چو پيو لڳين. خوش ته آهين نه؟ طبيعت ته ٺيڪ اٿيئي نه؟“ مون هن کان ڪيترا ئي لاڳيتا سوال پڇيا.

”ها.“ هن ڦڪي مرڪ مرڪي. ”ها، سان بلڪل

خوش آهيان."

مون کي حيرت ٿي ته هن مون کان اهو به ڪونه پڇيو ته مان اهو ڏيڍ مهينو ڪٿي هئس. ڪهڙا حال هئم.

مون هن کان پڇيو، "ڪا ڳالهه آهي اسلم؟"

"نه نه، ڪهڙي ڳالهه هوندي، سڀ ٺيڪ آهي. ڏي خبر تون ڪيئن آهين؟" هو ڪجهه فڪرمند پئي لڳو. مان ڏاڍو حيران ٿيس. هن کي آخر ٿي ڇا ويو آهي. هي ته هر وقت 'خوش مزاج' مشهور آهي، پوءِ اڄ ڇا ٿيو اٿس! ڇا ناهيد کي ته ڪجهه ڪونه ٿي ويو آهي. اسلم آخر چپ ڇو آهي. مان ڏاڍو پريشان ٿيس. اسلم کي ڪلهن مان ڌونڌاڙيندي چيم، 'تون ٻڌائين ڇو نه ٿو اسلم، ڳالهه ڇا ٿي آهي؟"

هن جي چهري تي ويتر ڏک ڦلهجي ويو، اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيس. منهن ٻئي پاسي ڦيرائي چيائين، "تنهنجي ناهيد جي شادي ٿي وئي."

"ڇا!؟" ڪنهن بم جي ڪلپ ڪڍي جيڪڏهن ان کي اڇلايو وڃي ته اهو ذرا ذرا ٿي ويندو آهي. مون به پاڻ کي ذرا ذرا ٿيندي محسوس ڪيو. ائين محسوس ٿيم، ڄڻ ڪنهن مٿان ڪيرايو هجيم. پر ڪجهه به نه ٿيو. مان بلڪل ٺيڪ هوس، فقط دل ذرا ذرا ٿي وئي هئي. مان پاڻ کي جهلي نه سگهيس. اسلم کان پڇيم، "ڪٿي؟، ڪڏهن؟ ڪيئن؟ ڪنهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سان؟" سون کي اعتبار نہ پئي آيو.

"سان فقط ايترو تہ چاڻان تہ هن جي شادي انجم سان ٿي آهي، اهو جيڪو هن جو مائٽ هو. اوهو ترڊ ايئر وارو ڪارو ڇوڪرو."

سون سيني ۾ سور جي هڪ اپرنڊز سٽ محسوس ڪئي. پاڻ کي مايوسيءَ جي سمنڊ ۾ ٻڏندو محسوس ڪيم. اها ناهيد، جيڪا ڏيڍ مهينو اڳ سون سان گڏ هئي، اڄ پرائي آهي. هوءَ ڪنهن ٻئي جي آهي. اهو احساس ڪيترو نہ اذيتناڪ آهي. پر هن دنيا ۾ نہ چاهڻ جي باوجود بہ ڪن ڳالهين کي منهن ڏيڻو ئي پوندو آهي.

ٻئي ڏينهن سون آرٽس فيلڪلٽيءَ ۾ هن کي ڏٺو، هوءَ اڳ کان بيحد سهڻي ٿي وئي هئي، نڪ ۾ ڦلي پئي هئس. هن سون کي ڏٺو ۽ ڦڪو ڦڪو مرڪندي ڪنڌ ڦيري ڇڏيو. سون محسوس ڪيو ڄڻ هوءَ بيرخيءَ جو اظهار ڪندي هجي. سون هن جي ساهيڙيءَ آصفا کي سڏيو.

"ادي، ناهيد جي شادي ٿي وئي ڇا؟"

"ها ادا، مهينو کن ٿيو اٿس."

"ادي منهنجو ڏڪڙو ڪم ڪجو" ڏڪندڙ دل سان چيم. "ناهيد کي چئجو تہ شام جو پنجين وڳي سون سان آرٽس فيڪلٽيءَ جي پٺيءَ وٽ ملي."

"ها ادا، چوندي مانس." هن چيو ۽ هلي وئي.

سان ناهيد کي پاڻ بہ چئي پئي سگهيس، پر سون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سوچيو هوءِ الاهه مون سان ڳالهائي الاهه نه. مون شام جو هن جو انتظار پئي ڪيو. مون کي پڪ هئي ته هوءِ ڪونه ايندي، پر هوءِ آئي ۽ جيڪي مون کي چيائين تنهن منهنجي اميدن جو قلعو ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو.

حياتي توهر جي ڳنڍي جيان سخت محسوس پئي ٿئي، مان هلان پيو. سوچيندي سوچيندي هاسٽل تائين پهچي چڪو آهيان. مون در کوليو، اندر گهڙي بلب ٻاريم ۽ ٽيبل تي اچي ويٺس، مون پيڊ جو پنو کنيو ۽ لکيم:

امان ــــ

مون شادي نه ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي.

حياتيءَ جي گاڏي تيز ٿيندي آهي، بيحد تکي. انهيءَ گاڏيءَ کي ڪوبه پنهنجي مرضيءَ سان هلائي نه سگهندو آهي ۽ نه وري روڪي ئي سگهندو آهي. انهيءَ واقعي کي چار سال ٿي ويا. مون ڪاليج ڇڏي ڏنو. امان گهڻو ئي پڇيو ته شادي ڇو نه ٿو ڪرين، پر مون ڪوبه جواب نه ڏنو. ڇا چوان ها. اهو ته انسان جڏهن ڪجهه وڃائي ويهندو آهي ته هن ۾ ڪجهه به حاصل ڪرڻ جي سوچ نه هوندي آهي. هو ڪنهن شي کي حاصل ڪندي به ڪيٻائيندو آهي ته متان ان کي وڃائي نه ويهي.

هڪ ڏينهن نذير جي شاديءَ جو ڪارڊ مليو. هو منهنجو بيحد گهرو دوست آهي. هو ۽ انجم هئي ڪلاسي

هئا، مون کي نه چاهيندي به وچٿو پيو ۽ هو چريو منهنجي اچڻ سان ڏاڍو خوش ٿيو.

”سنو ٿيو ڪامريڊ جو اچي وئين، آهين تون سنجيده ماڻهو، مون کي ڊپ هو ته تون ڪونه ايندين.“ حالانڪ هو ڪاليج ۾ مون کان هڪ درجو Senior هو پر تڏهن به اسان گهاٽا دوست هئاسين ۽ آهيون.

”نه نه، اهڙي ته ڪا ڳالهه نه آهي.“ مون چيو.

”ادا تو کان ڪو ڪم ڪونه ڪرائيندا سين. رڳو ڪم جي نگراني ڪجانءِ.“ هن کلندي چيو.

”فڪر نه ڪر يار، جيئن چوندين تيئن ڪندس.“ مون چيو.

هن جي شاديءَ ۾ مان بيحد مصروف هوس. ڪم سان جان ئي نه پئي ڇٽي. ڪجهه مهمان سمهڻ لاءِ ٿي ويا. انهن مون کي چيو ته اندران ڪمبل ڪڍي اچان. مان اندر ڪمبل ڪڍڻ ويس. اندر پنج ڪيو ڪا عورت ويٺي هئي. مون کنگهيو ته جيئن مون کي جڳهه ڏئي. هن ڪنڌ ورائي ڏٺو. هوءَ ناهيد هئي. جهڪي ڪوپ مان شيشيءَ ۾ ڪير لاهي رهي هئي. هوءَ شاديءَ کان پوءِ ڏاڍي سهڻي ٿي وئي هئي. هڪڙو ٻار پاسي کان ويٺي سندس چولي جي ڪنڊن کي ڇڪي رهيو هو. شايد ڪير لاءِ ضد ڪري رهيو هو.

منهنجي وات مان نڪتو، ”تون!“

هن مون کان پڇيو، ”ڪيئن آهين نموني؟“

”ٺيڪ آهيان،“ وراڻيم. ”تون ڪيئن آهين؟“ پڇيم.

”بس، زندگيءَ جا ڏينهن پئي گهاريان.“ هن وراڻيو.

”ڏينهن ته فقط مايوس گهاريندا آهن، مسز انجم،“ مون ٽٽولي ڪندي چيو، ”باآميدن لاءِ زندگي مصيبت نه پر عيش ۽ آرام هوندي آهي، هو ڏينهن گهاريندا نه آهن، پر زندگيءَ کي Injoy ڪندا آهن.“

”تو ٽوڪ ڪرڻ جي عادت نه ڇڏي آهي.“ هن ڪنڌ هيٺ ڪندي چيو.

”ورهيه اڳ مون هڪ ڇوڪريءَ سان محبت ڪئي هئي. مون هن سان جيئري جاڳندي ڳالهايو هو ۽ هاڻي هن جي موت کان پوءِ هن جي تصور سان ڳالهائيندو آهيان. هو جيئري آهي، پر منهنجي لاءِ مري چڪي آهي. مان ڪنهن سان ازل کان وٺي ابد تائين محبت ڪرڻ جي عادت ڪيئي نه سکيو آهيان. ٽوڪ ڪرڻ جي عادت ڪيئن ڪيئي سکندس.“ مون وڏيڪ تلخ ٿيندي چيو.

”نوني، تون ورهين جي جدائيءَ کان پوءِ به ڪونه بدليو آهين، اهوئي ساڳيو بي نياز ۽ ٽوڪن ڪرڻ وارو نوني.“ هن ڪجهه ڏکارو ٿيندي چيو. ”۽ مون ٻڌو آهي ته تو شادي به نه ڪئي آهي.“

”ڪنهن سان ڪيان،“ مون هن کي ڏسندي چيو. ”جنهن سان ڪرڻ گهريم سا پرائي ٿي ويئي. مان ڪنهن سان به شادي نه تو ڪري سگهان، ناهيد. مون

۾ وڏيڪ بيوفائين سهڻ جي طاقت نہ آهي. مان تنهنجي بيوفائيءَ کان پوءِ ڪنهن ٻئي جي بيوفائي برداشت ڪري نہ سگهندس."

"مان بيوفا نہ آهيان." هوءَ روئڻهارڪي ٿي وئي، ڪير بوتل ۾ لاهيندي هن جا هٿ ڏڪي رهيا هئا.

"نہ، مون کي ڇڏي انجم سان شادي ڪرڻ وفا جو مظاهرو هو. ڇا اها بيوفائي نہ هئي؟" مون تتل لهجي ۾ وڌيڪ زور سان ڏک هٽڻ چاهيو.

"مون بيوفائي نہ ڪئي هئي." هن روئي ڏنو.

"مان مجبور ڪئي وئي هئس. تنهنجي وڃڻ کان پوءِ هڪ ڏينهن ادا هاسٽل اچي مون کي وٺي ويو. گهر ويس تہ امان مون کي چيو تہ: انجم منهنجي مائٽي گهري آهي. امان منهنجي ساهيڙين وانگر هئي. مون هن سان تنهنجي باري ۾ ڳالهايو، امان جڏهن بابا سان ان معاملي تي ڳالهايو تہ هو ڪاوڙجي پيو. "ائين ڪڏهن ٿيو آهي ڇا، ڇوڪرو پروچ ۽ اسين پٺاڻ، اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي. اهو ڪڏهن ڪونہ ٿيندو اڪرم ماءُ، ناهيد کي چيو تہ اسان ڪڏهن بہ خاندان کان ٻاهر شادي نہ ڪئي آهي. هينئر ڪيئن منهن ڪارو ڪنداسين. برادري ڇا چوندي. مون ناهيد کي پڙهايو تہ ان جو مطلب اهو تہ نہ آهي تہ هوءَ ڇڙواڳ ٿي پنهنجي پسند جا ور ڳوليندي وتي. ائين ڪڏهن بہ نہ ٿو ٿي سگهي. جنهنس تہ انجم پنهنجي خاندان جو ڇوڪرو آهي. مون

هن جي پيءُ کي زبان ڏني آهي ۽ ناهيد جي شادي
هاڻي انجم سان ٿي ٿيندي.“ مون روئي ڏنو. اسان
منهنجي ڏک ۾ ته شريڪ هئي، پر هوءَ به ڪجهه
ڪري نه سگهي. سڀ تياريون ٿي ويون. نڪاح مهل
به تون مون کي ياد هئين نوني. مون سوچيو صحيح نه
ڪريان- پر دير ڪرڻ سان امان روئي ڏنو. ”پٽڙا،
اسان جي عزت تنهنجن هٿن ۾ آهي. ٻچا صحيح ڪر،
اسان کي برادريءَ ۾ اجارو نه ڪر.“ مان امان کي
روئندو ڏسي نه سگهيس ۽ صحيح ڪري پرائي ٿي ويس.
پر مون کي پنهنجي محبت جو قسم نوني، تون منهنجي
پهرين ۽ آخري محبت آهين.“ هن سڏڪي سڏڪي
پنهنجي ڳالهه پوري ڪئي.

”تنهنجي پهرين ۽ آخري محبت ته ڪٿي مان ٿي
هجان، پر هو مون، اصغر ۽ اسلم ڪهڙي مرض جي
دوا هئا.“ اندر ۾ باهه ٻري لڳي، هوءَ، مون سان
ڪوڙ ٿي ڪري. مون کي پرچائي ٿي.

”تون ايڏو شڪي ته نه ٿي. تو مون کي ڪڏهن
ڪنهن سان گڏ ڏٺو. هو جي پاڻ چريا هوندا ته منهنجو
ڪهڙو ڏوهه. پر هاڻي وقت انهن ڳالهين جو نه آ.
توکي ماضي وسارڻ گهرجي. جيئن مون هن جي ڪري
سڀ ڪجهه وساري ڇڏيو آ.“ هن ننڍڙي کي
ٻانهن کان جهليو.

مون پنهنجي اندر ۾ ڪنهن شيءِ کي رجندي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محسوس ڪيو. ائين لڳو ڄڻ تيز بارش سندس پنن جهڙي وجود تي پيل مٽي کي هٽائي ڪيس ڌوئي اجرو ڪري ڇڏيو هجي. هن جي ڳالهه هئي به ته سچي، مان ٻروچ هئم، هوءَ پٺاڻ، پلا اسان وٽ ذات کان ٻاهر به ڪو هٿ ويو.

"ناهيد،" چيم. "برادريءَ ۽ ذاتين جي چٽڪي رسمن ڪيترين دلين کي جدا ڪري ڇڏيو آهي، جن مان پاڻ به هڪ آهيون، اسان ته انهن جو شڪار ٿياسين، پر مون کي يقين آهي ته ايندڙ نسل انهن رسمن کي ختم ڪندو ۽ ضرور ڪندو."

معصوم ٻار چپ ڪري اسانجين ڳالهين کي ٻڌو پئي، ڪير جي ضد کي ڇڏي مون کي حيرت مان ڏسي رهيو هو.

"هي ڪير آهي ناهيد؟" مون پڇيو.

"منهنجو پٽ آهي عاصم. عاصم پٽ چاچا کي سلام ڪر." هن ننڍڙي کي چيو.

ننڍڙي سلام ڪري مون سان هٿ ملايو. مون هن کي ڪڇ ۾ کنيو ۽ هن جي پيشانيءَ تي مٺي ڏني. ڪيسي مان ڏهه رپيا ڪڍي عاصم جي ڪيسي ۾ وڌم.

"اهو چيا تو ڪرين نوني." ناهيد چيو.

"ڪجهه به نه آهي ناهيد،" مون چيو. "مان سڄي عمر توکي نه ڪجهه ڏئي نه سگهيس پر عاصم کي

ته ڪجهه ڏئي سگهان ٿو. مون سان هڪڙو وعدو ڪر."

"چئو."

"تون پنهنجي اولاد کي انهن ريتن رسمن جو شڪار ٿيڻ نه ڏجانءِ. متان پنهنجي پٽ کي به مون وانگر ڪنهن ناهيد کان جدا ڪرين. خدا ڪري تون جتي به هجين خوش هجين."

مون نيڏڙي کي ڳل تي چمي ڏني. هن جون اکيون ڇڪميون پئي. ناهيد روئي ڏنو.

"قسمت پاڻ کي جدا ڪري ڇڏيو آهي ناهيد، ايتريقدر جو آءٌ تنهنجا ڳوڙها به نه ٿو اگهي سگهان. ڇري روءُ نه. هاڻي پنهنجي گهر کي وسائڻ جي ڪوشش ڪجانءِ." مون چيو ۽ هن ڏانهن آخري نظرن سان ڏٺم. هن جي نيڻن ۾ لڙڪ هئا. منهنجي اکين ۾ به ڳوڙها ڀرجي آيا، مون هن کان لڪائڻ لاءِ ڪنڌ ڦيري ڇڏيو ۽ ٻاهر اچي روئي ڏنم.

اڄ مان هن کي پنهنجي مرضيءَ سان پرائو ڪري آيو هوس. نڙيءَ ۾ ڄڻ هڪ گولو ڦاسي پيو هجي.

مون سوچيو: "مان ڀلي ڏکارو هجان، خدا! ڪري هوءَ جتي به هجي خوش هجي. شال سدا سهاڳڻ رهي."

مان وڌيڪ اتي رهي نه سگهيس. نذير کي ٻڌايم ته گهران تار آئي آهي ته ضروري ڪم آهي مونکي اڄ، سو مان وڃان پيو. هن مون کي ڏاڍو روڪيو پر هليو آيس.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسٽيشن تي پهتس ته گاڏيءَ جي اچڻ ۾ ڪجهه دير هئي. رات جو وقت، مان چانهه جي اسٽال تي آيس، چانهه پيئڻ دوران رڪارڊنگ پئي ٿي. هڪڙو رڪارڊ ماسٽر چندر جو وڳو.

قسمت ڪئي جدائي ڪنهن تي ميار ناهي،
خير ڇا به ٿي پوي تم به ٽٽو پيار ناهي.

”ناهيد، زماني جي هر هڪ ادا مون کي تنهنجي ياد ڏياريندي، پر ڪا ڳالهه ناهه. ڪجهه گذري آهي، ڪجهه گذري ويندي.“ اکين مان پاڻي وهي آيم. مون سوچيو ۽ کلي ڏنم. ڦڪي کل.

پنهنجن هٿن سان پنهنجي پياري شي ڏيئي ۽ خدا حافظ چئي به مان رنس پئي، مون کوپ رکي رومال ڪڍيو ۽ ڳوڙها اگهي ڇڏيم.

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تو سنگ تو بن ڏينهڙا!

نمنا... نم جانان!

اڄ حيران آهيان، تنهنجو نالو ڇپيل ڏسي ڪيئن آيو اٿم. ۽ آيو به آ ته ان وقت جڏهن منهنجي متي ۾ چانديءَ جي تارن جي جهرمر رڙيون ڪري پڌائي پئي ته زوردعلي، وقت ڪنهن تيز مانجهي جيان، تنهنجن هٿن مان ترڪي، تو ڪي رتورت ڪري محبتن جي لغڙ ڪي توکان تمام پري ڪٽي ويو آهي. جڏهن به ڪنهن ڪي وڏي ڏور گهرج ۾ هوندي آ ۽ جڏهن مانجهو ۽ ڪچو ڌاڳو پاڻ ۾ ملائي ڇڏبو آ، ته مانجهي جي نڪرڻ کان پوءِ انسان ڪچي ڌاڳي ڪي جهلي ڪيئن نه پاڻ ڪي بي وس محسوس ڪندو آ.

۽ مان زورد علي، پنهنجي ڪاليج جو بيحد سمارٽ ۽ ڊيشنگ ڇوڪرو، اڄ ائين ئي ڪچي ڌاڳي ڪي جهلي، الائي ڪيترو پري نڪري آيو آهيان. تو سنگ گذاريل پل منهنجي ڌاڳي سان ٻڌل لغڙ آهن. يادگيرين جا عذاب ورچڻ تي هوندا آهن ته لغڙ ڪي ڇڪ ڏئي هيٺ لاهيندو آهيان ۽ جڏهن سورن ڪي سهي نه سگهندو آن ته ڍر ڏئي ڇڏيندو آن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هي محبتون ٻہ ڪيترين نہ عجيب هونديون آهن
نمنا. اسين محبتن ڪرڻ کان پهرين مڪمل هوندا
آهيون، ڪلي سگهندا آهيون، ميوزڪ گهٽ آواز ۾ ٻڌي
ٻئي جي ڳالهہ بہ آرام سان ٻڌي سگهندا آهيون ۽
پوءِ جڏهن محبتون ڪري وڃائڻ کان پوءِ نہ ڪل
ايندي آ نہ وجود مڪمل رهندو آ تہ اسين ڪيترن
دوستن هوندي بہ ڀرپور آواز ۾ ميوزڪ ٻڌندا آهيون،
۽ جڏهن ڪو، ڪا ڳالهہ چوندو آ تہ آواز گهٽ
ڪرڻو پوندو آ ۽ ڳالهائيندڙ الائي ڇا محسوس ڪندو آ.
سڀ محبتون مرادن ڪي دل ۾ جڳهہ ڏينديون آهن،
انسان گلن مان خوشبو ۽ هوائن مان پاڻيءَ پريل ست
محسوس ڪندو آ. ڇهائن جو ست، ڪنوارن جسمن ۽
پرندڙ حياتين جو ست، ۽ دل انهن مرادن ڪي ميندي۽
جيان رچائي وڌي ويندي آ. انسان پاڻ، پاڻ ڪي هماليہ
جي مٿان ڏائيندو آ. پوءِ الائي ڪيئن اها خوشبو گلن
ڪي ڇڏي ويندي آ. اهو ست ڏپ ڪري ويندو آ ۽
انسان هيڪل وياڪل ٿي ڪنهن اوپري جيان پنهنجي
پاڻ کي ڏسي ڪلندو آ. ۽ نمنا، اها ئي ڪيفيت هوندي
آ دل مان مرادن جي نڪرڻ جي. جڏهن اسان جو
اندر مرادون مانڻ کان انڪار ڪندو آ تہ اسين اتاولا
ٿي پوندا آهيون.ـ2

۽ اڄ، ٽيهارو ورهين کان پوءِ، جڏهن چنڊ رات
آ، ٻاهر هرڪو عيد لاءِ خوش آ ۽ هينئر جڏهن ڪنهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هنڌ سيون چڙهيون هونديون، ڪنهن سيرو رڌو هوندو ۽ رڪابيءَ ۾ جڏهن ڪن چوڙين پريل هٿن، ڪن مضبوط هٿن کي اهو سيرو يا سيون کائڻ لاءِ ڏنيون هونديون ته منهنجي وطن ۾ هر هنڌ هڪار پکڙي هوندي. مضبوط هٿن سيري جي پليٽ جهاڻ ڪان سواءِ ئي نازڪ دٿن کي جهاي ورتو هوندو. رڪابيءَ ۾ پيل سيرو ترڪڻ تي هوندو، ڪنهن جي اچڻ جو آواز ٻڌي، چوڙين ڇٽڪيو هوندو.

"ڇڏ نه، الائي ڪير اچي ٿو."

"نه، پهرين چنڊ مبارڪ ته ڏي نه." هٿن مضبوطيءَ سان چوڙيلين لاءِ چاهه ڪيا هوندا!.

"مبارڪ هجئي."

"توکي به."

۽ پوءِ گهڙيءَ پل لاءِ نيڻن جوت جڳائي هوندي، جن جي سرڪڻ جي ڪا خبر ئي نه پئي هوندي ۽....

اڙي پر مان به ڪهڙو نه چريو آهيان. ٽيهارو ورهين ۾ منهنجي ديس ۾ ڪيتريون نه تبديليون آيون هونديون. مان به ڪهڙا نه عجيب تذڪرا پيو ڪيان، پر نمنا، حرمان نصيبن جا تذڪرا به ته اهڙا ئي هوندا آهن نه، ڇسا اڻ ڇنيل.

هتي، سئٽزرلئنڊ ۾، منهنجو خوبصورت ترين گهر، اهڙو ته ٿهيل ٽڪيل آ جڻ ڪنهن ميوزيم جو ڪو ڪمرو. جيڪا شيءِ جتي سا تتي پئي هوندي آ. ڪير

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪٽي، ڪير هٿ لائي؟ منهنجو پٽ محسن، پنهنجن دوستن مارڪ ۽ ڊيونڊرا سان ٻاهر ويل آ، منهنجي ڌيءَ آسيا ڪي شادي ڪئي ٻه مهينا ٿي ويا آهن. ٻيو ڪوئي ٻه ته ڪونهيم. ۽ اڄ جڏهن آسيا جي شاديءَ کان پوءِ اها پهرين عيد رات آ ته مون پنبڻن ۾ ڪنهن شيءِ کي انڪيل ڀانيو آ. منهنجين اکين ۾ تون اڻڪي پئي آهين نمنا، لڙڪن جي صورت ۾. اهي لڙڪ مان تنهنجي محبت جي رومال سان اگهي ڇڏيندم، پر اگهڻ کان پهرين سان پنهنجين اکين کي ڏنڊڙو ڏسڻ ٿو گهران.

”ٻڌ.“

تو ڏي ڏنو هوم، هٿن کي پيالو ڏاهي، منهن رکي، مون ڏي ڏسي رهي هئينءَ. سڏ ڪيومانءَ ته جواب ۾ مرڪ منهن تي آئي هيئي.

”هونهن.“

”هي ستيپ ته ڏس!“ مون ايرڪسن اينڊ ڪمپنيءَ جو ڪئلنڊر توکي ڏيکاريو هو.

”چو، ڪا خاص ڳالهه اتس ڇا؟“ تو پيالو ٿوڙي منهن کي آجو ڪندي پڇيو هو.

”ڏس ته سهي.“ مون ٻانهن کان ڇڪيو هومانءَ،

”اچ!“

تون ڪئلنڊر تي جهڪي آئي هئينءَ. ان تي ڊڪ گهر جو فوٽو هو. خوبصورت ترين گهر، ڏکرين

۾ گهريل، اڇي رنگ جو، جنهن جي ڇت ۽ بالڪنيون ڪاٺ جون هيون ۽ بالڪنين ۾ گل لڳل هئا. ٻاهران نظر ايندڙ درين جي شيشن پٺيان آف وائيٽ رنگ جا پردا لڳل هئا. گهر ٻاهران لان ۾ هڪ ڪاٺ جي بئنچ پيل هئي. لان ۾ پيلا پيلا گل هئا ۽ هڪ طرف پينگهو به لڳل هو.

”خوبصورت آ.“ تو غور سان ڏسندي چيو هو.

”اهو منهنجو آئيڊيل گهر آ. جڏهن سان توکي ساڻ ڪري سئٽزرلئنڊ هلندم نه، ته نمنا منهنجو وعدو آ، پاڻ اهڙي ئي گهر ۾ رهنداسين.“

”چريو آهين ڇا!“

”نه، مون اهو فوٽو الائي ڪڏهن ڪان سنڀالي رکيو آ، رڳو توکي ڏيکارڻ لاءِ. جڏهن تون انهن درين جا پردا سرڪائي پنهنجن ٻارن کي سڏيندينءَ ۽ سيوز وڏي هوندي جڏهن هو پرڻجي ويندا ته پوءِ تون مون کي لان مان اندر گهرائيندينءَ ته حياتيءَ ڪيڏي نه عجيب لڳندي جانان!“ مان صفا جذباتي ٿي ويو هئس.

”اڙي هاڻي نه ٿيو. بلڪل پيسيمسٽ آهين. اهو به نه ٿي سگهي ته تون ته ڪنهن ٻيءَ سان شادي ڪري، پنهنجي اولاد کي پرڻائي، پوءِ ان ئي پردي کي ڇڪي، ان سان پنهنجا ڳوڙها اگهين ۽ مون کي ياد ڪري وايون ڳائيندو وتين: توکي ياد ڪري او نمنا، اکڙيون ڀرجي آيون.“

”نہ پليز.“ سون رڙ ڪئي هئي، ”اڄ چنڊ رات آ، چوندا آهن ان رات ڪانہ ڪا گهڙي قبوليت جي هوندي آ. اهڙي وائي تہ واتان نہ ڪڍ. ڪهڙي خبر هيءَ ئي اها گهڙي هجي.“

۽ تو، ماٺ ڪري ڪنڌ جهڪائي، منهنجن وارن کي چميو هو. اهو تنهنجي معافي وٺڻ جو مخصوص انداز هو.

۽ جانان، اڄ اها ئي ڳالهہ آ، اهو ئي گهر آ پر تو بن.

هتي اهي ئي آف وائيٽ پردا آهن. اهو ئي عمارتي نقشو آ. پر ناهين تہ تون ۽ سوچيان پيو، هيءَ جاءِ آهي گهر تہ ڪونهي. ماڻهو ڏينهن ۾ ڪنهن جاءِ کي گهر ڪري وٺندا آهن. مان ورهين ۾ بہ گهر کي گهر ڪري ڪونہ سکهيو آهيان.

هونئن ڏس نہ ڪيڏو عجيب رشتو آ چاهتن جو بہ! اول اول جڏهن انسان ها ڪندو آ، ڪنهن ساٿ هلڻ جي، يا ڪو پيو پنهنجي وجود سان گڏ وکون کڻندو محسوس ٿيندو آ تہ پوءِ سڀ رستا ڄڻ ايو بيا يا نٽيا گليءَ جا هجن، ڏکيا، سوڙها، پنهي پاسي وڻن سان پريل ۽ هيڪلا. چاڪاڻ تہ چاهت انسان کي سيڪارينديي نٿي هيڪلائيءَ جو سفر آ نہ! پوءِ جيڪڏهن هلندي هلندي اوچتو اهو رستو ٻوانو ٿي وڃي ۽ مجبوريون

انسان کي الڳ رستي تي هلائين ته ڪيڏو نه شديد احساس ڏيندو آ ڦرجڻ جو!

۽ مان زوردعلي، جڏهن پنهنجي محبتن جي ايوبيا جا سڀ رستا تو سنگ لتاڙي، ان اوچتي ٻوائٽي تي توکان الڳ ٿي، هتي اچي پهتو آن، ته خبر ٿئي مون وٽ ڇا آ؟ تون، تنهنجو هرڪو احساس، ۽ تنهنجا اقرار ۽ محبتون.

ڪرڻن جي ڪنهن پر، تنهنجو هٿ جهلي چيو هئم، "اڄ، توکي تنهنجي باري ۾ ڪجهه ٻڌايان."

ان مهل رڳو ڪرڻ هٽاسين. محبتون هيون ته ٻه اندر ۾ ديپيل، ڪنهن ٻانڌاري ۾ پيل سڪڻ جيان. ڇڻ ڇڻ جي ڇڻڪار سان پر، پر ٻاهران نظر اچڻ کان معذور.

تو آهستگيءَ سان هٿ ڇڏائي چيو هو، "نه، مان انهن ڳالهين تي اعتبار نه ڪندي آن."

"ڇو؟"

"بس، الائي ڇو نه."

۽ ان مهل مون سوچيو هو، زورڻ، ڏن سامهون جهڪ نه. هن جي وجود جي ڊانڌاري ڪي پنهنجي محبتن جي سڪن سان ڀرجڻ ڏي. انتظار ڪر ته ڪو تنگيءَ جو پل اچي، ٻانڌارو ڀڃين ۽ سڪا ڇڻ ڇڻ ڪندا نڪري اچن.

پوءِ ڪيترين ئي رتون گذري ويون، هڪ ٻئي سان گڏ هلندي، لائيف شيئر ڪندي. نه تون ئي ڪجهه ڪڇندي هئينءَ ۽ نه وري آئون.

۽ هڪ ڀيري عيد جي ٻئي ڏينهن، گهر وارن چيو، ”اڄ ڏسون ٿا زوروءَ جي نجومت، ڪيستائين ٿي هلي.“

پوءِ سون ننڍڙي ڪرنيءَ ۾ ويهي واري سان هٿ ڏيڻ شروع ڪيا هئا. در تي دادا پڻ رپيا في بندو وٺي رهيو هو.

۽ ان مهل ئي جڏهن نجما آپا جي وڃڻ کان پوءِ مون ’نيڪسٽ‘ جو نعرو هنيو هو ته تون اندر آئي هئينءَ. سامهون ڪرسيءَ تي ويهي، شرارت سان مون ڏي ڏسندي تو هٿ ڊگهيريو هو.

”فرمايو سائين، ڇا آهي منهنجي هٿ ۾؟“

”ساري، مان تنهنجو هٿ ڏسي نه ٿو سگهان.“

مون صاف انڪار ڪيو هو.

”ڇو ؟“

”بس الائي ڇو نه.“ مون تنهنجو ئي چيل جملو ورجايو هو. تنهنجي منهن تي پهرين ته الائي ڪيترا اداسيءَ جا رنگ آيا هئا. پوءِ آخري جملو ٻڌي تو مرڪيو هو.

”بدلو ٿو وٺين؟“

”نه.“ مون انڪار ڪيو هو.

”ته پوءِ ڏس نه!“ تو ليلايو هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”نه.“

۽ ان مهل ئي دادا کي مون رڙ ڪري چيو هو، ”دادا، مان نمنا جو همٿ نه ڏسندم.“

”اڙي ائين نه ڪجانءِ. ان لاءِ منهنجي سخت سفارش آ. خبر ئي هئي ته پنج رپيا ڏنا آهن، همٿ ڏيکارڻي.“

۽ مون مڙي تو ڏانهن ڏٺو هو. تو رئي کي وات ۾ پڪوڙي، شرارتن سان ڪلي ڪنڌ جهٽڪيو هو.

”پڇي سگهان ٿو، ڪهڙي خوشيءَ ۾ توهان کي همٿ ڏيکارڻ جي ريچڪ ڪئي آ، جڏهن ته توهان کي اها ڳالهه پسند به ناهي؟“

”توهان رڳو همٿ ڏسو نجومي صاحب، پئسو مليو جان ڇٽي. هاڻ پنهنجو ڪم ڪريو.“

تو وري رئو وات ۾ وڌو هو، جڻ ڪل روڪيندي هجين، ۽ مون ڪاپيو دمٽ جهلي توکي پڙهائڻ شروع ڪيو هو. پهرين تنهنجي ڪل گم ٿي ۽ پوءِ جڻ سڄو وجود ئي الائي ڪيئن ٿي ويو هيئي. تو رڳو ها پئي ڪئي. نه ڪري به نه پئي سگهينءَ. منهنجو علم ۽ منهنجي سئڪالاجي ڪنهن ڪي نه پڪڙي سگهي هئي نه ته هرڪو ڪليل ڪتاب جيان هو.

تنهنجي منهن ڏانهن ڏسندي چيو هئم: ”تون اقرار ۾ اڳرائي ڪرڻ نه ٿي گهرين. ائين نه؟ ۽ جنهن سان

تون محبتون تي ڪرين، ان ڇيسي انسان کي ان ڳالھ
جي ڪا خبر ئي ڪانھي. آهي نہ؟"

تو هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو هو ۽ ان مهل الائي
ڪيئن جڻ ڪنهن ڪو ڀانڊارو سنهنجي ڪنن ۾-ر
وڄايو هجي.

ڪجھ ڪن رکي پڇيو هو مانءِ، "هڪ ڳالھ
چوان، مائينڊ تہ نہ ڪندين؟"

"نہ." تو منهنجي منهن ۾ ڏٺو هو.

۽ ان مهل الائي ڪيئن ذات جي سڄي اعتمادن
کي گڏي توکان پڇيم: "Do you love me?"

هڪدم الائي ڇا تي ويو هو. تنهنجو هٿ اڻ-لکو
ڏڪيو هو. رئي جو پلاند هٿ تي ويڙهيندي، تو کن
لاءِ سوچي چيو هو، "Yes."

"From how much time?"

"I don't know"

"Approx. ?"

تو کن وري سوچيو هو ۽ پوءِ ناڪار ۾ ڪنڌ
لوڏيو هيئي.

"I really don't know."

اهي چار جملا، اهو مغرب کان پوءِ سج گم ٿيڻ
مهل اونڌھ جو اثر ۽ اهو رئي جو پلاند ۽ آگر،
منهنجي حياتيءَ جو موھ آهن. سون وٽ پيو آهي ئي ڇا؟
ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان، تنهنجي سات بابت

تہ ڪيڏو نہ عجيب لڳندو آ! اهو وقت جيڪو توسان گڏ حياتيءَ جي مالھا ۾ پوئيو هئم ۽ بي فڪرا پل اسان جي هٿن مان ترڪندا هليا ويا. ساھہ سيباٽين گهڙين ۾ بہ اسان ڏڪن ۽ سورن جي سٽن کي منهن ڏنا. گڏ هوندا هئاسين تہ بہ جدائي جي احساس سميت ڄڻ ڪنهن بور سنيما ۾ انسان ڪنهن من پسند فلم ڏسڻ لاءِ بائونڊ هجي.

”اڄ چنڊ ڏسون.“

رات جي راتيءَ جي پريان اوندھہ ۾ تنهنجو هٿ جهلي، توکي گهليندي اندر وٺي آيو هئم. بئگ مان دوربيني ڪڍي تنهنجي ڳچيءَ ۾ پارائي هئم.

”هان اڃي وٺ. هاڻي ڏس چنڊ.“

تو پنهنجي مخصوص مرڪ سان مون ڏي ڏٺو هو، ”زوريءَ ڏيکاريندي هم ڇا؟“

”ها، نہ تہ گهر وارا ڪو هن مهل پاڻ کي اڪيلائيءَ ۾ ماڻ ڏيندا ڇا، اهو ئي هڪ بهانو آ.“

چوڻ لاءِ تہ ڇئي ويم پر هڪدم ڦڪو ٿي ويو هئم. تون الائي ڇا سمجهين تہ توسان اڪيلائيءَ ۾ اونده ۾ ڇو تو ماڻ گهران. تو ڏي ڏٺم تہ تنهنجي منهن تي ڪوبہ تاثر ڪونہ هو.

ٻاهران ڪنان جهلي ٻاهر پڌر ۾ وٺي آيو هيومانءِ. پريان مما نماز پڙهندي پيئي هئي، ”زورڻ، ڇو ٿو نمنا کي تنگ ڪرين- هاڻي وري ڇا سجهيو اٿئي.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”ڪجهه نه ماما، مان ته نه، هن نموري ڪي ئي چنڊ ڏسڻ جو شوق ٿيو آ. پڇوس ڪٿي.“

۽ تو هڪدم ڏڪي امان ڏانهن ڏٺو هو، سون ڏي ڏٺئي ته ڪنڌ ڦيري ڇڏيو هئم.

عجيب انداز سان الائي ڪيئن جملو اچاريو هيئي:
”ها مما، مون ئي چنڊ ڏسڻ پئي چاهيو، هن مهل ڪجهه وڏو آ نه!“ تو هڪدم جملو چئي سون ڏانهن ڏٺو هو. امان نماز پڙهڻ ۾ وري لڳي وئي هئي ۽ مون توکي ٻاهر پٽ جي پريان ويهاريو هو. تنهنجو رنگ ڪجهه دير لاءِ الائي ڪيئن ٿي ويو هو. منهن ۾ ڏسندي چيو هوماءِ، ”ٿڪ يو.“

تو ڪجهه نه چيو هو، دوربيني اکين تي رکي ڇڏي هيئي.

۽ ان رات مون توکي ٻانهن ۾ وٺي، حياتيءَ ۾ پهريون ڀيرو ڪنهن عورت جا وار چميا هئا. اهو ڪن پل مون کي اڄ به ياد آ. تنهنجا وار، منهنجا چپ ۽ ڇهاءُ ۽ تنهنجو مهڪندڙ وجود. مون توکي وارن چمڻ کان پوءِ غور سان ڏٺو هو. تون ڪانڊي ڪلندي خاموش ٿي وئي هئينءَ. تنهنجو ڪنڌ منهنجي ڪلهي تي آهلجي پيو هو ۽ مون اوندهه پلن ۾ جهونگاريو هو:

“Ever and ever, for ever and ever
You will be the one
That shines on me like a morning sun.”

ان رات جو هڪ هڪ پل، منهنجي حياتيءَ جو ڪل سرمايو آ. هوئن به ڪيئن نه راتين جون راتيون پاڻ گڏ ويهندا هئاسين. توکي خبر آ نمنا، توکان سواءِ مون ڪنهن کي به پوري رات پاڻ سان گڏ گذارڻ لاءِ نه ڏني آ. ٻلي مون کي ننڊ نه اچي، ٻلي ڪمپني کهڙي به سٺي چو نه هجي، مان وڏ ۾ وڏ ٽين تائين ڪنهن سان گڏ ويهندو آهيان. سچي رات ته تنهنجو حق آ، ڪنهن ٻئي کي ڪيئن ڏيان؟

۽ ان رات چنڊ ڏسڻ جي بهاني ڪيتري دير نسي وينا هياسين. گهر وارا آيا، ۽ منٿ ويهي هليا ٻئي ويا. ڪوبه آيو ٻئي ته دوربيني تنهنجين اکين تي پئي آئي، تو ان سان چنڊ جي غارن تي پئي گهالهايو ۽ پرين مون ائين ئي ڏاڪڻ تي ويٺي پئي اليهر جا پس پنيا. ان رات ته سڀ چڻ چنڊ جي ڪڍ پئجي ويا هئا. ۽ جيڏي مهل اڪيلايون پئي مليون ته ڪيئن نه مون دوربيني تنهنجي اکين تان لاهي ٻئي ڇڏي.

”چنڊ ته ڏسڻ ڏي نه!“ تو ڪل ڪل ۾ ڏڙڪي طور پئي چيو.

”مون کي پنهنجين اکين ۾ ڏسڻ ڏي، اڄ ته الائي ڇو ايمان تو خراب ٿئيم.“

توکي وارن کان جهلي پئي ورتم، ۽ تو هر هر آهستگيءَ سان پاڻ کي ڇڏايو پئي.

”زورد، ايڏو جذباتي نہ ٿي. سنهنجي ايڏو ويجهو نہ اچ.“ ۽ مان پاڻ جذبن جي تپش کان گهٻرائجي تو کان ڪن پل لاءِ پري ٿي ويم.

ڪجهہ ڪن رکي تو بند مٺ کولي مون کي سڏيو هو: ”زورد، اچي وٺ.“

مان ويجهو نہ آيو هئم، پريان ئي پڇيو هئم، ”ڇا هي؟“

”سوپاري ۽ سونف.“

”تون کاءُ نہ!“

مون سختيءَ سان ڪنڌ ٻئي طرف ڦيري ٿي ڇڏيو، ان مهل تون الائي ڇا هئينءَ ـ ڪو چنڊ ٽڪر، ڪو آتشين پيڪر.

”تو سواءِ کاوان؟“ تو مون ڏانهن ڏسندي ڏسندي ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو هو.

”ويجهو اچڻ ڏين نہ ٿي، باقي سوپاري سونف کارائڻ لاءِ تڪڙي آهين، ائين نہ؟“

تو ٻارن وانگر هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو هو ۽ مون کي تنهنجي انداز تي ڪل اچي وئي هئي. ويجهو اچي، تنهنجي هٿن مان ڪجهہ سوپاريون ۽ سونف کڻي، مون تنهنجي ٻئي هٿ کي تيزيءَ سان جهلي پڪوڙيو هو. تو هٿ نہ ڇڏايو هو. بس ٻئي هٿ ۾ بچيل سوپاريون ڦٽڪي، دوربينيءَ جي ڪاري راڌ تي پريسنگ ڪئي هئي. ۽ ان مهل تنهنجو اهو وجود، تنهنجي اها خوشبو

۽ ان هٽ جو ڇهاءُ، اڄ به مون کي چنڊ جي غارن
۾ جهاتيون پائيندي محسوس ٿيندو آ.

هي محبتون هونديون به ته ننڍين ننڍين سرڪن
جو مجموعو آهن نه! ڪيڏيون نه معمولي ڳالهيون
ڪيڏيون نه خوبصورت لڳنديون آهن قربتن ۾! پوءِ
اهي معمولي لفظ ۽ ادائون سڄي عمر جي اسڪرين
لاءِ چڻ سينما اسڪوپ تي ويندڙيون آهن.

ڪيڏو نه وڻندڙ هئاسين ٻارڙن جيان! هڪ ٻئي کي
هاڪا ڏڪ هڻڻ، صوفن جا ڪشن وهائڻ ۽ وس پڄي
ته ڀري محفل ۾ ڪو هڪ عدد جملو آهستگيءَ سان
چيل پر ڏانڊن جهڙو. پوءِ جڏهن هڪ ٻئي ڪان سواءِ
نه سرندي هئي ته پرچي پوندا هئاسين ائين ئي چڻ هير
گهاڻ نه گهري خوشبوءِ کان سواءِ.

”تو وارن کي ڪلپ ڇو هنئي، کولئي ڇو ڪونه؟“

”منهنجي مرضي، منهنجا وار آهن، تنهنجا ته
ڪونهن.“ تو هيئين چپ کي ڏندن ۾ ڀڪوڙيو هو.

”تنهنجي وارن تي منهنجو ڪو حق ناهي؟“ مون
کي الائي ڇو جوجڪي اچي وئي هئي.

”نه.“ تو مون ڏانهن ڏسندي انڪار ڪيو هو.

۽ مون ساهه ۾ الائي ڇا هرندي محسوس ڪيو
هو، سات ڪري ڪنڌ ٻئي طرف ڦيري ڇڏيو هئم.
الائي ڪيترا پل ائين ئي گذري ويا هئا. پوءِ تو ئي
سڏيو هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”زورد!“

”هونهن.“ ڪنڌ ائين ئي هڻم.

”تون ڪيڏو نه عجيب آهين. هڪدم چڙيو پوين. ٻڌ، هي سڄو وجود ئي جڏهن تنهنجو آ ته رڳو وارن جي لاءِ ڇو ٻڇڙيئي؟“

مون ڪنڌ ورائي تو ڏانهن ڏٺو هو، تنهنجين اکين ۾ هلڪو پاڻي هو، مون کي پنهنجي ناداني‌ءَ تي پشيماني هئي.

”ٻڌ جانان! اسين محبتن ڪرڻ لاءِ ها ته ڪندا آهيون، پر پوءِ پنهنجين محبوبائن سان صحيح ڊيل ڪري ڪونه سگهندا آهيون. مان به شايد ائين ئي تو ڪيان. يار اڳ ۾ ڪنهن سان عشق ڪرڻ جو تجربو ڪونهيم نه، ان ڪري مڙئي توکي آگرو تو لڳان. "O.K I'm Sorry. مون دمٿ ٻڌا هئا ۽ تو هٿن کي پنهنجي هٿن ۾ جڪڙيو هو.

هونئن اسان قربتن جي هر پل کي ميڙڻ گهرندا آهيون. قربتون هونئن به ته ڪنهن پرفيوم جي هڳاءَ جيان هونديون آهن نه، ڪنهن وقت جي ڪپڙي تي لڳل، جدائي‌ءَ جي ڏوهي‌ءَ هٿان ڌوپجڻ جون منتظر.

اسان ٻئي به ته پري پري رهندا هئاسين نه. پوءِ جڏهن ڪنهن عيد تي يا ڪنهن ڪم ڪار جي سلسلي ۾ ملندا هئاسين ته ڪيئن نه اندر جو انسان مرڪي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پوندو هو! چئن ئي پاسي جڻ خوشبو هوندي هئي،
پرپور پر هلڪي.

”اڄ موسم ڪهڙي نه خوبصورت آ!“ تو سوز
ڀڪي ويڙهيندي، ماريا کي چيو هو.

”ها، ٻاهر ڪڪر آهن زبردست سيءُ آ ۽ گهر ۾
زبردست بوريت آ. ان ڪان وڌيڪ ڪا خوبصورتي
هوندي!“ هن ’ٽائيم‘ پڻي پڙهيو ۽ پريان هڪ ٻئي هنڌ
۾ ويڙهجندي سيڙهجندي، سون تو ڏي نهاريو هو.
تنهنجا ڳل تپش ڪري الائي ڪيئن ٿي ويا هئا.
تنهنجا وار وهاڻي تي پکڙيل هئا ۽ ان مهل ئي ماريا
رڙ ڪئي هئي:

”ادا زورد، ڪجهه خيال ڪيو، ائين ته نه ڏسو
آخر مان ٻم....“

هن ڳالهه ڪري ڪنگهيو هو ۽ مان جڻ وائڙو
ٿي ويو هئم. تو مٽن ڪان وهاڻو ڪڍي، ماريا کي
وهائي ڪڍيو هو.

”چو پئي، ڇا پئي ڪيو سون؟“ مون هن ڏانهن
نهاريو.

”توهان آپا کي....“ هن وري جملو ڪٽيو هو.

”ها، ڇا پئي ڪيو مون تنهنجي آپا کي؟“ مون
هن جي پڪائي ڪئي هئي.

”الا، توهان ٻئي ڪيڏا نه هو آهيو، سيني جي
ساهون ئي هڪ ٻئي کي گهوريندا وتو.“ هن ’ڏائيم‘

جا پنا تيز تيز اٿلايا هئا.

”بيوقوف!“ مون رسالو ڦري سندس مٿي ۾ وهائي ڪڍيو.

”نمنا ته دراصل مون کي اشارن ۾ سمجهايو پئي ته ’علي بابا‘ جي فلائنگ ساسر ۾ پستا چانهه آندي وڃي.“ ماريا کي سنڀالڻ جي اها هڪ ٺي ترڪيب هئي، نه ته وات ڦاٽي هئي، الائي ڇا ڇا چوي ها.

”سچي؟“ هن دوڙا ڦاڙيا.

”ها، جناب.“

”پوءِ اٿو نه!“ هن سوڙ ڇڪي هئي.

”پر هڪ پرابلم آ.“

”ڪهڙو؟“

”پئسا ڪونهن.“

”پوءِ ڏوڙ چانهه ۽ ساسر ايندي.“

هن منهن سڄايو هو، مون وري بازي ڦرندي ڏٺي، هڪدم ڳالهه مٽي ڪنيم: ”اڙي نه نه. هڪ ترڪيب بي به آ. آنٽيءَ کي وٺي اچ ته تون ۽ آنٽي، مان ۽ نمنا تاس ٿا کيڏون، جيڪو هارائي سو بل ڀري.“

”چڱو، مان آنٽيءَ کي وٺي اچان.“

هوءَ وٺڻ وئي هئي ته مون توکي سڏيو هو: ”پڌ، تنهنجو هي عشق مون کي ڪنگلو ڪري ڇڏيندو.“

”مون چيومانءِ ته ’علي بابا‘ جي آفر ڪر؟“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”نہ يار، هيئن ٿا ڪيون ڪٽي تہ مان پتو ڳو ڦيرايان، ٻلي بل آنٽي ۽ ماريا ٻرين.“

پوءِ تاس ڪيڏندي، هزار چالاڪين جي باوجود بہ اسان هارائي ويا هئاسين. پوءِ تہ آنٽي ۽ ماريا جهان ڪٽي مٿي تي ڪنيو تہ اڌ ڪلاڪ اندر بل ڀريو وجين. تہ مون ڏانهن نهاريو هو:

”اچا ڪيڏ.“

”هاڻي چا ٿو تي سگهي. ڪي ٿيهہ رپيا.“ مون پئسا گهريا هئا.

”مون وٽ تہ ڪونهن.“

”تہ ست ئي مان ڏيندم چا؟“

”نہ تہ مون آفر ڪئي هئي؟“

”يار، ڪجهہ ئي ڏي ڪٽي. ويهہ رپيا ڪن.“

”ساري.“

”ساري.“ مون تنهنجا تال ڪيا هئا، ”نہ ڪيان ها اها آفر تہ اها ماريا الائي چا چا بڪي ها.“

“You are not true lover. Aren’t you?”

”تهيو ٺيڪ آ. I am a true businessman.“

ان ڏينهن مون ان بل کي ڀريندي، تو ڏانهن ڏٺو هو. تو ساسر ڪائيندي ماريا کي چيو هو، ”اڳي تہ ايڏي مزيدار نہ هئي. اڄ مڙئي سواد وڌي ويو اٿس.“

۽ ڪجهہ ڪلاڪن کان پوءِ مون پنهنجي ڪوٽ جي کيسي ۾ ڪا شيءِ محسوس ڪئي. ڏٺم اتي ٿيهہ

رپيا رکيل هئا.

”هي پنج رپيا وٺ.“ مون نوٽ توڏي وڌايو.

”ڪٿان آيا؟“

”ان بل مان بچيا هئا.“

”تون رکي ڇڏ.“

”اڙي وٺ ڪٿي، ڪو توکان پنان پيو ڇا؟“

”پيو نه ته وري....“

تو پريان اسيءَ کي ايندو ڏسي، آهستي اهو جملو چئي، ’مئگ‘ ڪولي سامهون ڪيو هو، ۽ مون ان مهل ڪسڪڻ ۾ ئي عافيت ڀانئي هئي.

اهي پل هوندا به ته ڪن نمبر لڳل ٽنين جيان آهن نه! انسان ڪنهن تيزيءَ سان ويندڙ ٽرين جي مسافر جيان، اندران وينو پيو ڳڻيندو آ: ڏهه سؤ اسي، اٺ هزار هڪ ۽ الائي ڇا ڇا.

توسان گڏ هوندي، منهنجين محبتن جي ٽنين جو ڪو به نمبر نه هوندو هو.

”پنهنجو هٿ ته ڏي.“

تنهنجي ساهيڙيءَ جي گهران رات جو گهر موٽندي مون اوندهه ۾ هلندي توکي ڏنو هو. پريان روڊ تي ٻرندڙ اسٽريٽ لائٽ ڪجهه ٻم هئي. تو ساڄو هٿ وڌايو هو.

”هيءُ؟“

”نه؛ کاٻو ڏي.“ مون تنهنجو کاٻو هٿ، پنهنجي

ساڳي هٿ ۾ جڪڙي، توکي پنهنجي ويجهو آندو هو.
تو هٿ کي هاڪو لوڏيو هو.

”ڇڏاءِ نه. ائين ئي رهڻ ڏي.“

مان ڏاڍو اداس هئس. ان رات جي صبح تي توکي واپس وڃڻو هو. محسوس ڪيم، مان جي ائين تي ويس ته توسان ته الائي ڪهڙي حالت هوندي. توڏي ڏٺم، تنهنجو ڪنڌ جهڪيل هو. مون سان گڏ هلندي، تنهنجو مٿو منهنجي ڪلهي کي پئي لڳو. مون ان مهل اندر جي عذابن کي لڪائڻ چاهيو هو: ”نسم، آسمان تي ڏس.“

”ڇا ڏسان؟“

لڳم، تنهنجو لهجو ڪجهه ڀريل هو. مون ڪان ڳالهايو نه پئي ٿيو. زور ڪري پئي ڇڻ لفظ ڪڍيم.
”اتي ڏيڙو ڏس. صدين ڪان ائين ئي آ، هڪ هنڌ بيٺل. ان ۾ ٽي تارا آهن نه. ساڄي پاسي وارو تون آهين ۽ کاٻي پاسي وارو مان. ۽ وچ ۾ جيڪو ستارو آ نه سو تنهنجو منهنجو پيار آ، ڪنهن جلد جيان، ٻن ڏلهن ورڻن ۾ محبت جي وکريل ٻنن کي ڳنڍيندڙ.“
تو ڪجهه نه ڪڇيو هو. مات ڪري ساڻ هلندي رهي هئين ۽. مون توسان ان رات بيحد ڳالهايو هو. تو ڪيڏي مهل منهنجين ڇرين جهڙين ڳالهين تي مرڪيو پئي ته ڪيڏي مهل اداس پئي ٿين ۽. ۽ موت

مهل گيٽ وٽ ايندي، مون توکي ٻانهن کان جهلي بيهاريو هو.

"نرس، اندر نه هل."

"ڇو؟"

"مون کي پاڻ ڏسڻ ڏي. اندر هلندينءَ ته وري گهر وارن وٽ ڦاسي ويندا سين."

"ڇگو، ڏس مون کي."

تو ڪجهه چڙ مان چيو هو. ۽ مون محسوس ڪيو هو ته ايندڙ جدائيءَ جا احساس توکي ڏنگي رهيا آهن، ۽ تو مون کان جلدي الڳ ٿيڻ ٿي چاهيو. ان مهل مون کي ڪو احساس ڪونه هو ته گهٽيءَ ۾ ڪير ٿو اچي، ڪير پيو وڃي. مون توکي گيٽ پلر جي پرسان بيهاري، تنهنجي پيشانيءَ جي وچ تي، وارن شروع ٿيڻ واري جڳهه تي چميو هو. تنهنجين اکين ۾ هلڪو پاڻي هو. ۽ پوءِ گهر اچي، جڏهن رات جو دير تائين، سڀئي گهر وارا ڪچهريءَ ۾ لڳل هئا ته مون سڀني جي وچ ۾ ويهندي، توکي ڪيڏي ڪيڏي مهل ٽيڏيءَ اک سان ڏٺو ٿي. تنهنجي وجود ۾ جڻ ڪا جسم تي ٿيندڙ اسڪيٽنگ ٿيندي هجي- رڳڙجندڙ، چٽنگون ڪيندڙ. ٻئي ڏينهن صبح جو مون توکي نرين ۾ ويهاري، دريءَ کان اچي ماريا کان پڇيو هو: "ڪوڪ هلندي."

"شوق سان." هن ڏند ٽيڙيا هئا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”تون ڇا پيئندين ؟“ تو کان پڇيم.

”ائپل .“

امان جي مون کي خبر هئي ته پيپسي پيئندي هئي. بوتلون آندم ته ماريا اک ٻچائي هڪ ائپل ڪٽي ورتي. پوءِ تو ۽ مون وٽ هڪ ائپل ۽ هڪ ڪوڪ بچي هئي. ڪجهه پل رڪي، ڪجهه ڍڪ ڀري تو ڪوڪ مون کان ورتي هئي.

۽ جنهن مهل مون اڌ پيتل ائپل مان ڍڪ ڀئي ڀريو ته پريان امان کي ماريا چوندي اسان ڏانهن نهاريو: ”امان ڪي ڪي ماڻهو هوندا آهن نه، تن جي بوتلن ۾ به هڪجهڙي چوائس هوندي آ. ان ۾ به هڪ ٻئي کان سواءِ ڪونه سرين. هو منهنجي ساهيڙي آ نه نجما....“

هوءَ الائي ڪهڙين ڳالهين ۾ لڳي وئي هئي. ۽ مون اک ٻچائي تنهنجي منهن ۾ نهاريو هو. ۽ تنهنجي منهن تي ان مهل الائي ڇا هو. ڪا اندلٺ، ڪا رنگ ريکا. ۽ پوءِ مون کي خبر پئي هئي ته اها ائپل تو ان ڪري گهرائي هئي، جو توکي خبر هئي ته مان ان کان سواءِ ڪا ٻي بوتل نه پيئندو آن.

هنن محبتن ۾ انسان وٽ ڪا شيءِ پنهنجي ٻچندي به ته ناهي نه نه. انسان سڄو ڪنهن رنگ ۾ رڱجي ويندو آ. ڪو رنگ، پڪو، نه لهندڙ. ان رنگ ۾ رڱجڻ کان پوءِ اڳ جا سڀئي خراب توڙي سٺا ڇٽ

منجهي ويندا آهن. پوءِ بس هڪڙي رنگ بچندو آ، چڙهيل. ۽ انسان ان رنگ جهڙو ئي ٿي ويندو آ، ڇڻ اڳ الائي اهڙو هو ئي نه.

”ها.“

”چاهي؟“ تو ’نيوز ويڪ‘ تي جهڪئي جهڪئي جواب ڏنو هو. دريءَ تي ويٺي تو الائي گهٽي دير کان ويٺي ببل-گم چٻاڙيو ۽ رسالو ويٺي پڙهيئي.

”اڄ ڪان وٺي تنهنجا ببلز بند.“

”الا نه!“ تو ڪتاب بند ڪري مون ڏي نهاريو هو.

”جي جناب. بلڪل بند ۽ ان سان گڏ جيڪو تون سڄو ڏينهن مينهن وانگر سونف سوپاريءَ جو اشتهار لڳي پئي هوندي آهين نه، اهي به ختم.“

”نه نه نه نه!“ تو ننڍڙي ٻار وانگر رينگٽ ڪيو هو.

”نمنا جي، مان پنهنجي فيوچر وائيف کي ڪئنسيرس ڏسڻ نه ڏو گهران.“

”الا زورد، ڪيڏو بي حيا آهين. ڪنيون ڳالهيون نه ڪندو ڪر.“ تون ڪجهه شرمائجي وئي هئينءَ.

”ڪنيون ڳالهيون ته ٿينديون جيڪڏهن تو ببلز ۽ سوپاريون نه ڇڏيون.“

”ڏس زورڙ، اهڙو سخت آرڊر نه اشو ڪر.“

”مون کي تنگ ٿي اهڙو قدم کڻڻو تو پئي هونئن نه تون مڙندينءَ نه مان.“ سون ڪاوڙ واري ائڪٽنگ ڪندي نخرو ڏيکاريو هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”پنڌ، گهٽ ۾ گهٽ ڪا ڪوانٽٽي ته جڏ نه!“ تو ليلايو هو.

”چڱو هيئن ٿا ڪيون، ببلز بند، سوپاري هڪ روز. ٺيڪ آ؟“

”به پڙيون روز.“

”نه، هڪ. هڪ ڪان وڌيڪ بلڪل نه.“

”پلا اڄ ته آٽي ڏينم. آخري پيرو ته دل کولي کائي وٺان.“

”ها، اڄ جام.“

مان ٽپ ڏئي بازار ڏانهن ڀڳو هئم. وٺي گهر آيم ته تون دادا سان گڏ ويٺي هئين٫. مان ماٺ ڪري اندر اچي ويٺو هئم. دادا پلنگ تي ليٽيل هو. منهن تو طرف ۽ پٺ سون طرف هئس. تون مٺو ڏڪيو ڏاڍي آرام سان ڪرسيءَ تي ٺيڪ ڏيو ويٺي هن سان ڳالهيون ڪيون. مون ماٺ ڪري ويٺي ’سب رنگ‘ جا پنا اٿلايا. ڪجهه پل رڪيي، جڏهن دادا وري ڪتاب پڙهڻ لڳو ته تو اشاري سان پڇا ڪئي: ”آندئي.“

مون ڪنڌ لوڏيو هو: ’ها.‘

تو وري اشارو ڪيو هو: ’ڏي نه.‘

سوچيم ڪيئن ڏيان. ڪتاب کولي وچ ۾ وجهي، تو کان پڇيم:

”نمنا، تو هي سب رنگ ۾ جهرڪ جهرڪيءَ وارو لطيفو پڙهيو آ؟“

”نہ مون تہ، سب رنگ ڏنو ئي ڪونهي، ڏيکار تہ.“

۽ مون ڪتاب آئي تنهنجي ڪچ ۾ رکيو هو. ۽ اِنَ مهل دادا مٺان هلي آيو هو. ”ڏسان تہ ڪهڙو لطيفو آ.“

۽ مون کي ان مهل پنهنجي بيوقوفيءَ تي ڪاوڙ آئي هئي. ڪتاب کوليو هئم تہ بہ غلط جاءِ تان، ۽ پنن تي رڱيون کهاٽيون هيون. تو هڪدم ڪتاب پاسي کان جهٽڪيو هو، سوپاريون ۽ سونف اتي رئي جي اوٽ ۾ ڪري پيا ۽ تو هڪدم پنا اٿلائڻ شروع ڪيا.

”الا ڪيڏانهن ويو. زورؤ، هي ڳولي تہ ڏي تو وارو لطيفو.“

تو پنهنجي جان ڇڏائي، رئي جو پلؤ ويڙهي، سوپاريون لڪائي ٻاهر جي راهہ ورتي هئي ۽ مون کي ان ڪتاب مان لطيفا ڳولڻا پيا هئا.

۽ اڄ عذابن جي اڻ-کٽ سلسلن مان لنگهندي، منهنجي چؤطرف چڙ هوائن جا گهوگهٽ هجن - کو طوفان، ڪا واچ، ڪو ٻڪرار مينهن. اتي وطن ۾ اتر اوير جي ڪنڌ وٽ مينهن چڙهندو هوندو تہ اڄ بہ ماٺهو ان کي ٻڪرار چوندا هوندا نہ! اتي تنهنجي گهر جي اڱڻ تي ائين ئي ساوڻ لهندو هوندو. ۽ پوءِ وسندڙ مينهن ۾، پنهنجي گهر جي ڪنهن ڪنڌ ۾ ويهندي، تو پنهنجي ڪاهي هٿ جي ٻٺ تي پنهنجا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چپ رکيا هوندا، انهن احساسن سان ته مان جت به هوندم، ائين ئي ڪيو هوندم.

”نه سويٽي، ڏک ڪم ته ڪر.“

تو ان مهل ٽننگ پئي ڪئي. ڪنهن سوئيٽر جو باردر پئي ٺاهيئي.

”ڇا ڪپيئي، چانهه يا ڪافي؟“

تو هٿ روڪيو هو. مان جيستائين ڪجهه ڪڇان ئي ڪڇان، تو دريءَ جي ٻاهران نظر وجهي پرِيان ايندڙ ڪڪرن، ۽ جهڙ جي خوبصورت موسم کي ڏسي چيو هو: ”هڪ ڪافي پيئندين؟“

”نه، مان توسان ڪچهري ڪرڻ ٿو گهران.“

تون ڳالهه بدلائي هئي، جيتوڻيڪ آيو ڪافي پيئڻ هئم.

”نه جناب، هينئر نه. مان مهل سخت مصروف آهيان. ڏسين نه تو شام تائين باردر ٺاهي امان کي ڏيڻو آ، سوئيٽر پوري ڪرڻ لاءِ.“

”پر، توکي ڏهون ڏينهن ته آهي ان باردر کي پورو ڪندي. اڇا نه تو ٺهي.“

”توري سست آهيان نه.“ تو پنهنجي مخصوص انداز سان هيٺيون چپ ڀڪوڙي مرڪيو هو.

”تو ۾ ڪم اهو هو ته مون کي ايندڙ سياري لاءِ ناسي رنگ ۾ هڪ زبردست قسم جو سوئيٽر ڪپي. ۽ جناب اهو تنهنجن هٿن جو هوندو، اهي چتيون لڳل

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سويٽر مان ڪونہ پائيندم، باربر تنهنجو ٺاهيل، نمونو ڪنهن ٻئي جو.“

”ساري. مان نہ ٺاهيندم.“

”ڇو؟“

مون کي انڪار تي تعجب ٿيو هو، ۽ ان مهل تو پنهنجين عادتن جيان، هلڪڙي آواز ۾ اچاريو هو: ”تنهنجو سويٽر ٺاهيندم نہ زورد، تہ هڪ ڏينهن ۾ ئي ٺهي ويندو. پوءِ هي جي گهر جي سويٽر جو رڳو باربر ئي ذهن ڏينهن ۾ تو ٺهي تہ گهر وارا ڇا چوندا؟“

”توري ڪٿي دلي ڪجاڻ.“

”مون کان ڪونہ ٿيندي.“

تو مرڪيو هو. ان مهل ٻاهر جي موسم جي خوبصورتيءَ کان وڌيڪ اسان جي اندر جي سونهن هئي.

توڏي نهاريندي چيو هئم: ”تون اهڙيون خوبصورت ڳالهيون نہ ڪندي ڪر. مان جڏهن هتان ويندو آهيان نہ، تہ پوءِ ڪلاڪ وينو ڳڻيندو آهيان. پهرين ڪلاڪ پوءِ ڏينهن، پوءِ مهينا، جيستائين توکي وري ڏسان.“

تو باربر ٺاهڻ ڇڏي ڏنو هو. نٽنگ اُئين ئي ڪڇ ۾ رکي، تو منهنجيون ڳالهيون غور سان پئي ٻڌيون. ان مهل اهي آدرشي پل بہ عجب هئا.

تو دڪدم ڳالهايو هو: ”تون ڪلاڪن کي ڏسندو آهين ۽ مان منٽن کان شروع ڪندي آهيان.“

”تون ڏاڍي بولڊ آهين.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”مان پنهنجي گهر وارن جي وچ ۾ ويهي دنيا جي هر موضوع تي ڳالهائي سگهندي آن، پر جنهن به وقت تنهنجو تذڪرو ٿيندو آ، ته خبر ناهي ڇو منهنجي زبان ئي نه هلندي آ.“

”اهو سڀ منهنجين محبتن جو ڪرشمو آ، چري ڇوڪري.“

”ڪڏهن انجام سوچيو اٿئي، ايڏين وڏين دعوائن جو.“

”خدا انجام کي خوبصورت ڪندو نمنا جي. جذبا شديد هجن نه، ته محب ضرور ملندا آهن. اڄ ڪان هڪ ڪم ڪجانءِ. سمهڻ کان پهرين پنهنجي کابي هٿ جي پٺ تي هڪ ڪس ڪري ڇڏجانءِ. مان هجان نه هجان، پلي ڪنهن جو به ساٿ هجئي، اهو ڪم ضرور ڪجانءِ.“

۽ تو هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو هو.

پر پوءِ الائي ڪٿان ڇٽيل ڍيرڍ سارن پنن، سائي گاهه واري ڇپر کي ڍڪي وڌو، اهڙي طرح جو ذرو به نه سائو نه پئي نظر آيو. بس ساوڻ ۽ پيلاڻ مڪس ٿي وئي. مون کان سڀ ڪجهه کسجي ويو- تون، تنهنجو ساٿ ۽ رفاقتون. ۽ پوءِ جنهن شيءِ کان ڊنل هئس سا ئي ٿي هئي. مان تنهنجو ڪزن هئس ته ماءُ طرفان ۽ تنهنجو پيءُ پي ذات ۾ ڏيڻ جو قائل نه هو.

ساڻهو ملندا آهن سفر دوران. واقفيتون ٿينديون آهن، ائڊريسن جي ڏي وٺ کان پوءِ جدا ٿيڻ مهل

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

موڪلائي ته سگهبو آ نه؟ مان ته توکان موڪلائي ته سگهبو آ نه؟ مان ته توکان موڪلائي به نه سگهيم. هڪدم سڀ ڪجهه ٿي ويو. ڪجهه به ته باقي نه رهيو. نياز پنوهر جي سٽن جيان: 'يار ان جو به ڪو سبب هوندو- مون جي مرڪڻ صفا ڇڏيو آهي.'

۽ پوءِ منڊن ويل، تنهنجي شاديءَ جي سال کن کان پوءِ، جڏهن هڪ ڀيري اوچتو مليا هئاسين ته ڪيئن نه آنٽيءَ ڪجهه جملا چيا هئا: "اڙي توبنهن. اڳ ڪيئن نه نمنا ۽ زورد تاس تي جهيڙا ڪندا هئا، ۽ هڪ ڀيري ته بل ڀريندي روئٽهارڪا به ٿي ويا هئا. توبنهن، توبنهن، اهو به ڪهڙو زمانو هو! زورؤ پٽ، چپ چپ ڇو آن؟ سڀ ڪجهه ئي ته ساڳيو آ. اجايو پيو نمنا کان ڦڪو ٿئين. پرڻجي وئي آ ته ڇا ٿيو، هتي ته اها ئي ساڳي آ. آ ماريا، ڪٿي آ تاس ته اچ ته وٺين."

۽ مون ڦڪي مرڪ مرڪندي توڏانهن نهاريو هو. تون ڪيڏي نه بدلجي وئي هئينءَ. سڀ شوخي ختم ٿي وئي هئي. ڄڻ ڪو سوٽ هجين- ڪو مرڪندڙ بيجان مجسمو.

"توهان اڪيلا آيا آهيو، ارشاد نه آيو ڇا؟"

مون تنهنجي مڙس جي باري ۾ پڇيو هو، تون تڙپي وئي هئينءَ. سمجهيم 'توهان' جو استعمال نه وڻيو اٿئي. پر هاڻي ته سڀ جملا 'توهان' سان ئي

شروع ڪرڻا هئا، 'تون' جو نہ وقت ئي گذري ويو هو.
"نہ، ڪجهہ ڪم هئن."

وري بہ اها چپ. اڄ نہ ڪلائينڊڙ وات ڦاٽي ماريا بہ چپ هئي. وقت هڪدم جيڪو ور ڏنو هو سو ڏاڍو اوچتو هو ۽ منهنجي وجود جي سواري ان تي اڃا پاڻ سنڀالي نہ سگهي هئي.

"آ، ماريا!" مون ماريا کي سامهون ويهڻ لاءِ چيو.

"ڇو، مون سان نہ ويهندا؟" تو پڇيو هو.

"ٻلي ٻلي."

"اڄ مڙني زورڊ ڪجهہ شرمائي پيو. شاديءَ کان پوءِ ڀهريون ڏيرو توسان مليو آ نہ!"

"نہ آنٽي، اهڙي تہ ڪا ڳالهہ ڪانهي."

مون پتا ورهائڻ شروع ڪيا هئا.

"هارائڻ واري تي 'علي بابا' جو بل." تو مرڪندي چيو هو، اها هڪ مرڪ منهنجي وجود جو مرڪ هئي. جدائيءَ جا عذاب ڪيترا بہ گهرا ڇو نہ هجن، قربتن جي تيچ جيتري وجود کي بہ وسارائي نہ سگهندا آهن.

ان بازيءَ ۾ هن ۾ ڪيڏو نہ فرق هو. اسان ڪيڏياسين تہ پئي پر بي دليا. اڄ تہ اکيوٽ ڪري توڏي سڻا پتا ڪيئن اڇلايان ها؟ تنهنجي هٿن کي پتا ڏيڻ مهل، ڏئي، ڪيئن ڏيايان ها؟ ۽ هڪ بازي کٽي تنهنجن هٿن تي هٿ ڪيئن رکان ها؟ ان هٿ جي ميندي تہ ڪنهن ٻئي نالي جي هئي.

۽ راند ڪيڏي تو چيو ھو، ”پاڻ اڄ ٻه ھارائي ويـاسيـن.“

”مان چانھه ۽ سامر وٺي اچان.“

”پئسا ته ڪڍو.“

”نه نه، مان وٺي اچان.“

”نـه بابا ائين ڪيئن، ھئي اڌوِاڌ ڪيو.“ آنٽـي مٽان بيھي فيصلو ڪيو ھو.

۽ تو پرس ڏئي چيو ھـو، ”ان ۾ سائيڊ پاڪيٽ ۾ جيڪي پنج رپيا پيا آھن نه، اھي نه ڪڍجو.“

مون سائيڊ پاڪيٽ مـان اھو نـوٽ ڪڍي پڇيو ھو، ”ھي نه ڪڍان؟“

”ھا، اھو.“ تو گيت ڏني ھئي.

۽ مون نوٽ رکي پرس بند ڪري ڇڏيو ھو. ان نوٽ ڪي مان نه سڃاڻان ھا ته ھيو ڪير سڃاڻـي ھا. ان مان تـه ٻـه سال پھرين جـي موسم ۽ قربتن جـي خوشبو پئي آئي.

پـوءِ توکان جدا ٿيم ته خبر ٿئي ڪيئن ھئـم: ڪنھن قتل ڪيڙي جيان ـ دڙ ڳ دڙ ڳ. مان آدرشي انسان، مرڪندڙ پلن جـو فليور ڪٿان وساري سگھان ھا؟ ھيڏانھن ھليو آيم، ۽ اتفاق ته ڏس نه، گھر ورتم ته به اھڙو ئي. خوابن جو موھه. سوچيم، گھر سليو به آھي ته ڪڏھن، جڏھن گھر ڏياٽي ڪانھي. پوءِ آسيا ۽ موسو منھنجي حياتيءَ ۾ آيا.

Scanned with CamScanner

موسو ڪڏهن پڇندو هو، ”پپا، سر ڪنهن جهڙي هئي؟“ مان مرڪي هن جي ڳالهه ٽاري ويندو هئس. يا ڪڏهن توکي ڊسڪرائيب ڪندي ڪندي، جڏهن اوچتو، چپ ڪا پي هٽ جي پٽ تي پهچندا هئا ته هو هميشه پڇندو هو، ”پپا، توهان اهو ائڪشن ڇو هٽندا آهيو؟“

مان ڇا چوان، هتي جائـو نپنو آ. تڏهن به مون ڀرپور ڪوشش ڪئي آ، ڪيس سنڌي اچي. ۽ پوءِ انهن پلن ۾ اسان تنهنجيون گهٽيون ئي ڳالهيون ڪندا آهيون. خيالي، الائي ڪهڙا ڪوڙ بدوڙ.

۽ نه جانان، ڪيڏي نه عجب جهڙي ڳالهه آ. دادا نثار ڪي جڏهن مان آسيا جي شاديءَ جو لکيو ته هن سوٽ ۾ جيڪي لکيو سو ڇا نه هو. ان خط ۾ هڪ پٽرا هئي- ورهين ڪان پوءِ مون لاءِ تنهنجي ڪا خوشبوءِ:

”ڪالهه نمنا آئي هئي، چوي پئي هي زورؤ ڪهڙو نه عجيب نڪتو. هيڏا ورهيه تي ويا، جيئن سئنٽرلئنڊ ويو ته اکر نه لکيائين. ۽ لکيائين ته به ڇا؟ ڌيءَ جي شاديءَ جو. چئوس ته زال جا فوٽو ته موڪلي، ڏسون ڪيئن آ، ان جي فيملي.“

خط لکڻ مهل دادا لکيو ته تون آت وينل هئينءَ.: او خدا، هنن پنن ڪـي تو ڏٺو هوندو، هـي لفظ تـو پڙهيا هوندا!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ نمنا، منهنجي وجود ڪـي انهن سٺن ڏنگي وڏو آ. هن مهل تنهنجو تصور مون سامهون آ: ڪن پارن جي ماءُ، ڪجهه ٿلهي، ڪجهه عجيب، وارن ۾ اڇيون تارون، هٿن ۾ هلڪا گهنج.

توکي ڏني به ته ٽيهه ورهيه ٿيا آهن. مان پنجاهن جي سرحدن ۾ گهڙي چڪو آهيان. عمر جي اڌ صديءَ جو هڪ ڪوارڻ توسان گڏ گذاريل آ ۽ ٽي توکان الـڳ. ۽ اڄ سوچيان پيو نمنا، تـو اها ڳالهه ڪئن چئي؟ اتان جڏهن هليو هئم تـه آخري ڪم خبر ٿئي سون ڪهڙو ڪيو هو؟ سـون ان گيٽ پلر کي چميو هـو، جتي توکي ان رات بيهاري، تنهنجي وارن کـي چهيو هئم.

۽ نم جي! اڄ ٽيهن سالن گذرڻ کان پوءِ نه اڄ تائين چيوئنگ گم چکيو آ، نه سوپاري، نه ڪڏهن پنهنجي اولاد کي وارن تـي چميو آ ۽ نه ئـي ڪڏهـن ڪين ڪاپي هٿ کان جهليو آ، نه ڪڏهن اٿپل کان سواءِ ڪجهه پيتو آ. اهو هٿ، اها ذاتي نسبت ته توسان آ. سان تـه اڄ به ٽيهن سالن کان پـوءِ بـه، سمهڻ کان پهريـن پنهنجي کاٻـي هٿ جي پٺ کـي ضرور چمندو آن. ڪڏهن ڪڏهن جڏهن ننڊ نه ايندي اٿم ته پوءِ احساس ٿيندو اٿم ته اڄ ڪس ڪونـه ڪيو اٿم، ڪندو آهيان ته ننڊ ايندي آ. ٻڌاءِ ڇا اها سڄي تپسيا رڳ هئي؟ نه، بالڪل نه.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تون جيڪڏهن پنجن جو نوٽ رکين سگهين ٿي ته مان به اهي سڀ ڪري ٿو سگهان. اهو ئي ته محبتن جو معراج آ. جانان، تو زال جي فوٽو جي لاءِ چيو آ، مان ڪٿان سوڪليان، آسيا ۾ موسو ته هتاق هٿ ڪيل آهن. هتي هڪ سنڌي زال مڙس هئا، حادثي ۾ مري ويا، انهن جو اولاد مون ڪنيو. تو ڪيئن چيو ته مون شادي ڪئي هوندي. نمنا، محبتون اولمپڪ جي مشعل جيان هونديون آهن. سيليبريشن ڪٿي به ٿئي، چٽنگ اولمپيڊ مان ئي ايندي آ. نم جي، مان ڪٿي به هجان، تنهنجو آن. ايڏو ايڪسٽريمسٽ هئم، ٻي عورت ڪي پنهنجو وجود ڪيئن ڏيان ها؟

هي زورد علي آهي، هو ۽ رهندو ته رڳو نمنا جو. پوءِ ڀلي سنگ هجي يا بن.

مون کي لڳي ٿو، جڻ مون کو سوڻر پاتو هجي، تنهنجي هٿن جو ٿهيل ۽ جڻ ان جو باردر ۽ نمونو هڪ ئي ڏينهن ۾ مڪمل ٿي ويا هجن ۽ جڻ مون تو کان الڳ ڏيهه سال گذاريا ئي نه هجن.

پڄاڻي

۽ اڄ به مان توکي ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍين شدتن سان ياد ڪندو آن. منهنجي ساهه ۾ ڪا خوشبو هُرندي آ، منهنجي منهن جا گهنج ڪيڏي ڪيڏي مهل ختم ٿي ويندا آهن، منهنجن هٿن جي ڏڪڻي بيهجي ويندي آ.
منهنجي جواني موٽي ايندي آ.
قديم يونانين جو هڪ فلسفو آ، ”موسمون ڪل به هونديون آهن، سيارو ۽ اونهارو. انسان جيئن ته گهٽو يار سهي نه سگهندو آ، ان ڪري ڪيس ڪپڙن جو گهٽو بوجهه نه وڻندو آ، ۽ ان لاءِ ئي هو اونهاري سان گهٽو پيار ڪندو آ، ڇو ته ان ۾ هو پوپٽ جيان هلڪو ۽ آزاد هوندو آ. ۽ ان ڳالهه جي ثابتي اها آ ته ماڻهو جڏهن اونهاري مان سياري ڏي ويندو آ ته سندس من اتاولو ٿي پوندو آ. سندس سُر وڪرجي ويندا آهن. اسين ان کي سرءُ سڏيندا آهيون. ۽ جڏهن وري اونهاري ڏي موٽندو آ ته سندس طبيعت ڪيڙي پوندي آ، ان کي بهار ڪوٺبو آ.“
اسان جون محبتون ۽ نفرتون اسان لاءِ موسمون آهن. اسان وچوڙي جا شيدائي هوندا آهيون. گڏ رهڻ اسان کي ياڙءُ نه پوندو آ. اسين ماڻ ڪان پهريں

ڪيپائيندا آهيون. پريشان ھوندا آهيون. بلڪل ان فلسفي جيان، جيئن اونهاري ۾ مان سياري ڏي ماڻهو ويندي ڪيپائيندو آ.

۽ ان ڪري ته مان چاهيان ٿو، مان چوان، اسان جو ميلاپ مون نه ٿي چاهيو.

پيلا سرءُ به هميشه ڪنهن قبول ڪئي آ ڇا؟

مڃان ٿو، بهار مون وٽ ناهي. پر مان سرءُ جو عذاب به ته گهٽو نه سهي سگهان ها نه.

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ناري پبليڪيشنس حيدرآباد
جو ڇپايل ڪتاب

سفر ناما تہ اڄڪلهہ سيڪو ٿو لکي،
پر جيل ناما لکڻ سيڪنهن جي وس جي ڳالهہ ڪانهي.

هٿين هٿ ڪڙول

طارق اشرف

جي، جيل جي نئين ڊائري آهي.

جنهن ۾ ڄام ساقي، عابد زبيري، يوسف ٽالپر، عالم شاهہ، مولا بخش چانڊيو، شاهنواز خان جوڻيجو، رفيق صفي، دائود خان پٺاڻ، مجرم لغاري، بابا ٻٽيهہ خور، عطا الرحمان ميمڻ، ابوبڪر زرداري، انور عباس نقوي، امين خٽڪ، ارشاد ساگر ۽ سوَن سياسي ڪارڪنن ۽ ليڊرن جو احوال، انٽرويو ۽ دلچسپ واقعا هن ڊائري ۾ سمايل آهن.

هيءَ فقط جيل جي ڊائري ڪانهي، بلڪ وقت جي تاريخ آهي.

۴۵۰ صفحا، سهڻو ٽائيٽل

قيمت ۳۰-۰۰ روپيا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ناري پبليڪيشنس حيدرآباد
جا ٻه ايندڙ ڪتاب

رائٽرز گلڊ ۽ اڪيڊمي آف ليٽرس کان انعام کٽيل
’ويريون‘ جي ليکڪ
حميد سنڌي
جي ڪهاڻين جو نئون مجموعو

راڻا جي رجپوت

۱۸۰ کن صفحا   سهڻو ٽائيٽل   قيمت ۱۲-۰۰

ڳالهه آهه جا وقت جي ڪجي
۽ وقت تي ڪجي

جهرڻا

نذير ناز

جو اهڙي ڪالمن جو ئي مجموعو آهي، جنهن ۾ وقت جي ڳالهه، وقت تي ئي ڪيل آهن.

صفحا اٽڪل ڏيڍ سؤ، سهڻو ٽائيٽل

آڪٽوبر ۱۹۸۵ع ڌاري شايع ٿي ويندو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ناري پبليڪيشنس جا ڇپايل ڪتاب

قيمت

۰۱ هيل نہ ڪو سنگ ڪاڏم (پهريون ڪتاب) ۰-۵
۰۲ ڪيل جا ڪستوري (ٻيو ڪتاب) ختم ٿيل ۰-۵
۰۳ منهنجون اکيون آليون (ٽيون ڪتاب) ۰-۵
۰۴ ڏاهيون ڏک ڏسن (چوٿون ڪتاب) ۰-۵
۰۵ مان اک جو پن (پنجون ڪتاب) ۰-۶
۰۶ آڇايل ناري (ڇهون ڪتاب) ۰-۶
۰۷ هڪ ڇوڪري، هڪ عجيب ملڪ ۾ (ٻارن لاءِ) ۰-۲
۰۸ سوني زنجير ۰ ترجمو: حميد سنڌي (ٻارن لاءِ) ۰-۳
۰۹ راڻا جي رجپوت (ڪهاڻيون) حميد سنڌي ۰-۱۲
۰۱۰ هيلو ڪو وري آ (ڪهاڻيون) نذير ناز ۰-۱۵

اينڊڙ ڪتاب

۰۱ جهرڻا (ڪالم) نذير ناز
۰۲ ڳاڙهي لوئي (ٻارن لاءِ ترجمو) محمود مغل

گهرائڻ لاءِ لکو:
پوسٽ باڪس نمبر ۱۵۰
حيدرآباد سنڌ ۰

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري جي، پنهنجي
مُرادُ اس رستي ۾ هتي جي سنڌ رشامن ۽ ٻين
ڪان اڄ تائين ڪنهن بہ ڪنهن سنگ، ڏنو
اٿمانس. مسلسل ۾ سٽو ڪندڙ، ڪهاڻيڪار،
ناولسٽ، ۽ ٽيليويزن ڊرامه نگار، سنڌس
پروفيشن، جيب ڀڪايل اسٽوڊنٽ. اهو آهي
هُن سنگ، هُن بہ ڏينهن گهاريندڙ محمود مغل

منصور عالم

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book